
تاريخ جي تهہ خاني مان
(ڪالم ۽ مضمون)
سڪندر عباسي

# تاريخ جي ته خاني مان

## (ڪالم ۽ مضمون)

## سڪندر عباسي

2021ع

ڊجيٽل ايڊيشن
2021ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**Book No: 112**

(جملي حق ۽ واسطا محفوظ)

ڪتاب جو نالو: تاريخ جي تهہ خاني مان

موضوع: ڪالم ۽ مضمون

ليکڪ: سڪندر عباسي

پهريون ڇاپو: 2021ع

ڪمپوزنگ: فرحان علي ڀٽي (03342638117)

ٽائيٽل لي آئوٽ: زين ڪمپيوٽرس ڪراچي

ڇپائيندڙ: مرڪ پبليڪيشن ڪراچي

مُلهہ: 250 رپيا

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com

Book Name: Tareekh Je Tah Khane man
Topic: Articles & coloms
Writter: Sikandar Abassi
Composed by: Farhan Ali Bhatti (03342638117)
Title & Layout: Zain Computers Karachi
Edition: First, June 2020
Printers & Publisher: Murk publication Karachi

Room No3 ,305 .rd Floor Sabir Manzil 98
Near Gul Plaza, Marston Road Karachi
murk.publication@gmail.com
**murtazalaghari64@gmail.com**
cell:03005182494

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

ڪاٺياواڙ بڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي، ڀٽائي ڪتاب گهر حيدرآباد،
ڪنول سمبارا ڪتاب گهر حيدرآباد، رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو،
سوچ ڪتاب گهر دادو، عزيز ڪتاب گهر سکر، ٿر ڪتاب گهر مٺي،
تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس، مهراڻ ڪتاب گهر سانگهڙ،
پريتم قاضي نواب شاهہ مُرڪ پبليڪيشن ڪراچي

# ارپنا

پنھنجو ھي چوٿون ڪتاب
منسوب ڪريان ٿو
ثنا، ثمرين، سويرا، شاھزيب،
سونيا، سونھن (سمبل) ۽ سبين
کي جيڪي منھنجي
واريا سي وجود تي رڻ ۾
رابيل جيان آھن.

**سڪندر عباسي**

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناميارِي ڪهاڻيڪار، ڊراما نگار ۽ ڪالم نگار سڪندر عباسيءَ جي ڪالمن ۽ مضمونن جو مجموعو **”تاريخ جي تھ خانن مان“** اوهان اڳيان پيش آهي. اعجاز منگي لکي ٿو:

”سڪندر عباسيءَ جو هي ڪتاب سپنن جي تلاش ۾ نڪتل نند جو سفر آهي. سڪندر عباسي ان ڪهاڻيءَ جو تخليقڪار آهي جيڪا تاريخ جي هر دور ۾ جنم وٺي ٿي، اها ڪهاڻي عشق لا حاصل ناهي، اها ڪهاڻي ناممڪن جي جستجو آهي. سڪندر عباسي نثر ۾ نظم سرجيندو آهي، هن جا لفظ ڪاغذ جي ڪونئري بدن تي روح سان رقص ڪندا آهن.“

هي ڪتاب مُرڪ پبليڪيشن ڪراچيءَ پاران 2021ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون سڪندر عباسيءَ جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وسڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي ) ، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# ستاءُ


- پروفائيل 09
- پنهنجي پاران 10


## ڪالم ۽ مضمون


- هڪڙو هو پڪاسو 11
- ”ميرا جي“ جو عشق 12
- ذڪر هڪ گم ٿيل تقرير جو 13
- ارسطو جي ابتدا 14
- شيڪسپيئر ۽ خودڪشي 15
- ڪٿي آهين بابا جي جان!؟ 16
- پيار جيڪو لازوال ٿئي ٿو 17
- فراق جون ڳالهيون 18
- بڑا تیر مارا جوانی لٹا دی 19
- عشق تصور ۽ حقيقت 20
- آئنسٽائن جو ڊرائيور 21
- ابن انشاءَ جي پرستار عورت 22
- سونهن ۽ انقلاب جو سنگم 23
- ملڪہ وڪٽوريہ جو هڪ البيلو عاشق 24
- قصو هڪ شعر جو 25
- هڪ صوفيءَ جي سرڪشي 26
- هڪ شاعر هڪ عاشق 27
- واڪ آف فيم جو اصل هيرو 28
- انگريزن جو عقل 29
- توهان ٺيڪ ٿا چئو 30

- منو ڀائيءَ جا خواب 31
- آئنسٽائن جا آخري لفظ 32
- فيض، نورجهان ۽ نظم 33
- دنيا جي پهرين عورت هائي جيڪر 34
- شاعري، باهه ۽ ساغر 35
- ڪرسيون 36
- عورت، محبت ۽ هٽلر 37
- امير مينائي جي معصوميت 38
- مان ۽ مرتبو 39
- تاج محل جا بدلجندڙ رنگ 40
- هڪ داناءَ جي ناداني 41
- ڊيڪارٽ جي نازڪ مزاجي 42
- ڀٽو صاحب ۽ حبيب جالب 43
- فرعون جي حقيقت 44
- اداڪار جون ايليا 45
- نيري رنگ جا ڪتاب 46
- غدار محل 47
- ٻارڙن کان نفرت ڪندڙ ليکڪا 48
- عورت، عشق ۽ ٽالسٽاءِ 49
- غالب جون ڳالهيون 50
- ڊيل جهڙي ڊائنا جي ياد ۾ 54
- بسمل عظيم آبادي: هڪ انقلابي نظم جو خالق 57
- عورت ، عشق ۽ ڏاهپ 61
- لاڙڪاڻو ديس ويڳاڻو 65
- مدر ٽريسا: جنهن پنهنجو پرين پرڇائي ورتو 68
- ساحر جي امرتا 71
- دير ٿي وڃڻ جو درد 74

- چنڊ، چاهتون ۽ شاعر 77
- هڪ موت جو ماتم 80
- انارڪلي جي حقيقت 82
- سگريٽ ڇو ٿو سڙي؟؟ 84
- پيچرا پيار جا 87
- سڪون ڪٿي آهي!؟ 90
- سارا شگفتہ: هٿن مان ڪِريل دعا 93
- زندگي ڀَلي اهڙي...؟؟ 97
- اڪيلائين جي آغوشي 100
- سونهن: جيڪا پنهنجي بہ سڄڻ ناهي 103
- ماضي اسان جو مقروض آهي 106
- ٻڙ جي ڇانوَ جهڙا وجود 110
- وڏيل وڻ جو غم 114
- زندگي ڇيڳري ڇوڪري ناهي 117
- هڪ مهم جوءِ جي سفاڪي 120

# سڪندر عباسي جو پروفائيل

| | |
|---|---|
| ❊ ڪالم لکڻ جي شروعات | 1993ع |
| ❊ ٽوٽل لکيل / ڇپيل ڪالم | 1180 |
| ❊ ڪهاڻي لکڻ جي شروعات | 1995ع |
| ❊ ٽوٽل لکيل ڪهاڻيون | 35 |
| ❊ ڊراما لکڻ جي شروعات | 2005ع |

**ٽوٽل لکيل ٽي وي ڊراما:**

| | |
|---|---|
| ❊ سنڌي سولو پليز | 110 |
| ❊ سنڌي مني سيريلز | 15 |
| ❊ سنڌي سيريلز | 13 |
| ❊ سوپ سيريلز | 5 |
| ❊ اردو ڊراما | 18 |
| ❊ ريڊيو ڊراما | 30 |

**ڇپيل ڪتاب:**

| | |
|---|---|
| 1. پيار جو پهريون نظم | 1998ع |
| 2. محبت ئي خدا آهي | 2001ع |
| 3. ڪوجهي چنڊ جو غم | 2006ع |

**مليل ايوارڊ:**

| | |
|---|---|
| 1. بيسٽ رائيٽر ڪي. ٽي. اين ايوارڊ | 2005ع |
| 2. امر جليل ايوارڊ | 1998ع |
| 3. تنوير عباسي ايوارڊ (ٽي پيرا) | 2003، 2005، 2010ع |
| 4. ينگ رائيٽرز ايوارڊ | 2017ع |

**ڏس پتو:**

سڪندر عباسي ـ گهر نمبر 1/1501 گجڻ پور محلو، نئون ديرو روڊ، لاڙڪاڻو.
0331 3426504، 03003426504

## پنهنجي پاران

جيڪڏهن منهنجا ويجها ادبي دوست اڪثر اهو چوندا آهن تہ ڊراما نگار ۽ ڪالم نگار سڪندر عباسي اسان ڪان ڪهاڻيڪار سڪندر عباسي ڦري ورتو آهي تہ غلط نہ چوندا آهن. حقيقت آهي تہ ڪالم لکڻ جي شروعات 1993 ڪان ۽ ٽي وي ڊراما 2005 ڪان لکڻ شروع ڪيم. ستاويهن سالن جي ان قلمي سفر ۾ مون جيترا دفعا قلم ڪالم ۽ ڊراما لکڻ لاءِ کنيو آهي ان جي ڀيٽ ۾ ڪهاڻي لکڻ لاءِ تمام گهٽ ڪنيو اٿم. اهو ئي سبب آهي جو 1998ع 2006 ۾ ڪهاڻين جا ٻہ مجموعا اچڻ ڪان پوءِ جهڙوڪ ڪهاڻيون لکيون ئي ڪونہ اٿم.

هن ڪتاب ۾ مون تمام گهٽي چند چاڻ ڪرڻ ڪان پوءِ مختصر طور تي پنهنجا اهي ليک شامل ڪيا آهن جيڪي گهٽي ڀاڱي تاريخ سان سلهاڙيل آهن.

اوهان جو پنهنجو

**سڪندر عباسي**
لاڙڪاڻو
03313426504
03003426504

# هڪڙو هو پڪاسو

اسپين ۾ اک کولينڌڙ دنيا جي عظيم ترين مصور، مجسمي ساز پڪاسو کي ٽائيم ميگزين 1998ع ۾ صديءَ جي سڀ کان مشهور شخصيت قرار ڏيندي لکيو هو تہ ان کان اڳ ڪوبہ آرٽسٽ ايترو مشهور ڪونہ ٿيو هو جيترو پڪاسو ٿيو.

پڪاسو هڪ دفعي بازار مان گذري رهيو هو تہ کيس هڪ عورت ملي ان عورت حيرت ۽ خوشيءَ مان پڪاسو کان پڇيو، ”ڇا توهان پڪاسو آهيو؟“

پڪاسو مرڪي وراڻيو:

”ها مان پڪاسو آهيان.“

عورت کيس ڪجهہ لمحا اتي ترسڻ جو چيو ۽ تڪڙ ۾ هڪ ڪاغذ ۽ پينسل کڻي آئي ۽ پڪاسو کي گذارش ڪندي چيو:

”ڇا توهان هن تي مون لاءِ ڪجهہ ٺاهي سگهو ٿا؟ اها مون وٽ اوهان جي يادگار هوندي.“

پڪاسو اتي بيٺي بيٺي ڪجهہ لمحن ۾ ان ڪاغذ تي کيس هڪ خوبصورت ڊرائنگ ٺاهي ڏني ۽ چيو:

”هي وٺو منهنجي طرفان پنج لکن جي فن پاري جو تحفو“

اها عورت ان ئي وقت پرسان هڪ آرٽ گئلري ۾ وئي ۽ ڪين اها پينٽنگ ڏيکاري جن ان تصوير کي غور سان ڏٺو ۽ کيس چيو تہ هو کيس ان تصوير جا پنج لک ڏئي سگهن ٿا. ان عورت جي حيرت جي حد نہ رهي. عورت اها تصوير فريم ۾ مڙهائي ڇڏي ۽ وري پڪاسو سان ملڻ لاءِ کيس ڳوليندي رهي....

نيٺ هڪ نمائش ۾ کيس پڪاسو ملي ويو. عورت کيس چيو ”مان اڄ تائين حيران آهيان تہ اوهان بيٺي بيٺي ڪجهہ منٽن ۾ مون کي جيڪا تصوير ٺاهي ڏني ان جي قيمت پنج لک تي سگهي ٿي...!!“

پڪاسو کيس وراڻيو:

”محترما! اوهان لاءِ کڻي اهي ڪجهہ منٽ هوندا پر مون کي ان مقام تي پهچڻ لاءِ پورا ٽيهہ سال لڳا آهن. اها قيمت انهن ڪجهہ منٽن جي نہ پر گذريل ٽيهن سالن جي تجربي جي نچوڙ جي آهي.“

# ”ميرا جي“ جو عشق

اهو ڪنهن ٻئي تي ڇا پر پاڻ ”ساحري“ نالي تخلص سان شاعري ڪرڻ واري محمد ثناء الله جي به وهم ۽ گمان ۾ به نه هوندو ته اڳتي هلي ڪيس ڪنهن هندو ڇوڪريءَ سان اهڙو ته عشق ٿي ويندو جو هو دين ڌرم ڪان ته ٻئي پاسي ٿي بيهي رهندو، گڏوگڏ سندس تخلص ته ڇا سندس سڃاڻپ ئي تبديل ٿي ويندي.

محمد ثناء الله جنهن کي اڄ دنيا ”ميرا جي“ جي نالي سان سڃاڻي ٿي. وڏا شهپر، وڏا ڊگها وار، ڦاٽل شيرواني ۾ ڪاغذن سان گڏ گهڻو ڪجهہ کيسن ۾ کڻي گهمندو هو. هڪ ئي وقت هڪ ٻئي مٿان ٽي شلوارون پائيندو هو جنهن جو مکيہ ڪارڻ اهو هوندو هو ته جڏهن سندس هڪ شلوار ميري ٿي ويندي هئي ته ان کي هيٺان پهري اندرين شلوار کي مٿان پائي ڇڏيندو هو. پنهنجي ڌن ۾ مگن نڪ جي سڌائيءَ تي هلندو هو. ”ميرا جي“ پنهنجي 38 سالن جي مختصر زندگيءَ ۾ اردو ادب کي گهڻو ڪجهہ ڏنو، هڪ خاص ڇاپ ڇڏي.

”ميرا جي“ 223 نظمن جو خالق، هن 136 گيت ۽ 17 غزل به لکيا. ان کان علاوه ميرا جي مختلف زبانن جي شاعرن جا 225 نظم پڻ ترجمو ڪيا.

هو هڪ بنگالي ڇوڪري ”ميراسين“ جي هڪ طرفي عشق ۾ اهڙو ته مبتلا ٿيو جو هن پنهنجو تخلص پنهنجي سڃاڻپ ئي ”ميرا جي“ ڪري ڇڏي.

سندس ”ميراسين“ سان عشق جي انتها اها هئي ته هو ڪٿي به دستخط ڪندو هو ته پنهنجو اصل نالو ڪڏهن به نه لکندو هو ۽ دستخط ۾ به ”ميرا جي“ لکندو هو.

”ميرا جي“ پنهنجي قميض اندر هندو مالهائون پائيندو هو ۽ جتي به ڪيس موقعو ۽ اڪيلائي نصيب ٿيندي هئي، ته اهي مالهائون ٻاهر ڪڍندو هو ۽ ڪنهن تسبيح جي مڻين جيان انهن مالهائن کي سوريندو ”ميرا... ميرا...“ جو ورد ڪندو ويندو هو.

# ذڪر هڪ گم ٿيل تقرير جو

جيتوڻيڪ ابراهم لنڪن کي آمريڪا جي سورهين صدر هجڻ جو اعزاز حاصل ٿيو، پر هن کي تاريخ ۾ هڪ نرالو مقام حاصل آهي. هو غير معمولي خوبين جو مالڪ هو. ابراهم لنڪن ڪمال جو ادبي ذوق رکندو هو. لنڪن ريسلنگ چيمپئن بہ رهي چڪو هو. آمريڪا جي هن صدر جي خاص خوبين مان ڳُٽپ ۾ اچڻ جهڙيون اهي خوبيون بہ هيون تہ هو حد درجي جو ايماندار هو، ڪيس خطابت جي فن تي شاندار عبور حاصل هو.

تعليمي ادبي تاريخ ۾ سندس لکيل هڪ خاص خط کي تمام گهڻي شهرت حاصل آهي جيڪو هن پنهنجي پٽ جي استاد ڏانهن لکيو هو ۽ ان خط جي باري ۾ صلاح آهي تہ هر والدين کي اهو خط ضرور پڙهڻ گهرجي.

پر اسين اڄ تاريخ جي تهہ خاني مان سندس هڪ اهڙي تقرير جو ذڪر ڪري رهيا آهيون جنهن جي باري ۾ چيو وڃي ٿو تہ ان تقرير جي ڪري رياستي ريپبلڪن پارٽيءَ جو بنياد وڌو ويو هو.

ابراهم لنڪن اها تقرير 29 مئي 1856ع ۾ بلومنگٽن ڪنوينشن ۾ ڪئي هئي. لنڪن ان تقرير ۾ غلاميءَ جي شديد مخالفت ڪئي هئي. ڇو تہ هو مڪمل طور تي انسان کي انسان جي غلام هجڻ کي غير فطري سمجهندو هو. ابراهم لنڪن حبشين کي غلامي مان آزاد ڪرائڻ جي اڻٿڪ ڪوشش ڪئي هئي. هن تقرير جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ جڏهن لنڪن تقرير ڪئي تہ اتي موجود رپورٽر جهڙوڪ هپناٽائيز تي ويا. سڪتي ۾ اچي ويا هئا. هو ڪجهہ بہ لکڻ، ڪجهہ بہ نوٽ ڪرڻ وساري وات پٽي اها تقرير ٻڌي رهيا هئا. اهوئي سبب آهي جو اڄ ان تقرير جو ڪوبہ وجود ڪونهي. پر گڏوگڏ تاريخ ۾ ڪجهہ جاين تي اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ لنڪن جي ان تاريخي تقرير کي ڄاڻي واڻي گم ڪيو ويو هو.

ابراهم لنڪن جي ان تقرير کي اڄ ”لنڪن جي گم ٿيل تقرير“ جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو.

# ارسطو جي ابتدا

قديم يونان جو عظيم فلسفي افلاطون جنهن کي مغربي روايتن ۾ فلسفي جي تاريخ، ترقي جي سڀ کان اهم شخصيت تصور ڪيو وڃي ٿو.

تاريخ جا ورق ورائڻ سان پروڙ پئي ٿي تہ افلاطون هڪ زماني ۾ ايٿنز ۾ هڪ اڪيڊمي قائم ڪئي، جنهن ۾ هن امير ماڻهن جي ٻارن کي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي هئي. اڪيڊمي جي قيام بعد جلد ئي ٻارن جو تعداد وڌي ويو تہ افلاطون اتي ڪم ڪرڻ لاءِ هڪ خدمتگار ڇوڪرو رکيو.

ارڙهن سالن جو اهو ڇوڪرو روزانو ايندو هو ۽ پنهنجو ڪم ڪري هليو ويندو هو. ٻن مهينن کان پوءِ جڏهن افلاطون ڪلاس جو نصاب پڙهائي پورو ڪيو تہ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ شهر جا وڏا عالم فاضل توڙي ٻارن جا والدين بہ شريڪ ٿيا، اهو ڏسڻ لاءِ تہ ٻارن ڇا پرايو آهي!

افلاطون پنهنجي شاگردن کان پڙهايل نصاب منجهان ئي ڪنهن بہ موضوع تي ڳالهرايو. پر ڪوبہ شاگرد موضوع سان نياءُ ڪري نہ سگهيو. افلاطون مايوس ٿي ويو تہ سندس ڪنهن بہ شاگرد ڪنهن بہ موضوع تي سٺو ڪونہ ڳالهايو. ان مهل پريان بيٺل اهو خدمتگار ڇوڪرو آيو ۽ افلاطون کان ڪجهہ ڳالهائڻ جي اجازت گهري. افلاطون ڪيس چيو تہ تون تہ منهنجو شاگرد ناهين، تون تہ خدمتگار آهين، نہ مون توکي ڪجهہ سيکاريو آهي نہ ئي توکي ڪو ليڪچر ڏنو آهي تہ تون ڪيئن ڳالهائي سگهندين؟

تنهن تي ان خدمتگار ڇوڪر ڪيس جواب ڏنو تہ مان پورا ٻہ مهينا ڪلاس کان ٻاهر دروازي وٽ ويهي توهان جا سمورا ليڪچر ٻڌا آهن. ان کان پوءِ ان ڇوڪر پورو اڌ ڪلاڪ علم جي فضيلت تي اهڙو تہ بهترين ڳالهايو جو محفل ۾ موجود وڏا عالم ۽ فاضل بہ دنگ رهجي ويا.

ڪلاس روم جي دروازي جي ٻاهران ويهي افلاطون جو سمورو علم ڌيان سان ٻڌي ان کي دل جي تختيءَ تي لکڻ وارو اهو خدمتگار ڇوڪرو ڪو ٻيو نہ پر ”ارسطو“ هو. اڄ جنهن کي دنيا عظيم افلاطون جي عظيم شاگرد ارسطو جي نالي سان سڃاڻي ٿي.

# شيڪسپيئر ۽ خودڪشي

اهو شيڪسپيئر جنهن زندگيءَ جي باري ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو هو ته ”جڏهن اسين ڄمندا آهيون ته اسين روئندا آهيون ته اسين بيوقوفن جي عالمي جاءِ تي پهچي وياسين.“

اهو ئي شيڪسپيئر جنهن زندگيءَ لاءِ اهي اکر به اچاريا هئا ته ”زندگي اهڙي اذيت جو نالو آهي جيئن ڪا ڪهاڻي ڪنهن جي ڪن ۾ ٻيهر ٻڌائي وڃي ۽ ٻڌندڙ بيزار ٿي وڃي.“

اهو وليم شيڪسپيئر جيڪو هڪ ئي وقت ڊراما نگار، شاعر ۽ اداڪار به هو. جنهن کي انگلينڊ جي قومي شاعر جي حيثيت حاصل آهي.

شيڪسپيئر اسٽيج ڊرامي جي تاريخ جو هڪ تمام وڏو نالو اسٽيج جي ڊرامن جي تاريخ شيڪسپيئر جي ذڪر ڪانسواءِ اڌوري ۽ ڪوڙي مڃي ويندي. شيڪسپيئر جي ڊرامن جي حوالي سان مستند تاريخي دليل آهن ته هن ٽوٽل 38 ڊراما لکيا. جن مان 37 سندس زندگيءَ ۾ ئي اسٽيج ڪيا ويا، جڏهن ته هڪ ڊرامو هن جي موت کان پوءِ اسٽيج ڪيو ويو هو.

سندس ڊراما مزاح، تاريخ، غم ۽ محبت جي موضوعن تي ملن ٿا. جن مان گهڻو حصو يعني 18 ڊراما مزاح تي مبني آهن. سندس مشهور ڊرامن ۾ هيملٽ، اوٿيلو، ڪنگ ليئر، انٿوني ۽ قلوپطره ۽ روميو جوليٽ ڳڻيا وڃن ٿا.

شيڪسپيئر جي لکيل ڊرامن جي حوالي سان اهم انڪشاف اهو آهي ته هن کي هڪ خاص قسم جو موت پسند هو ۽ اهو هو خودڪشي وارو موت_ شيڪسپيئر جي ڊرامن ۾ ٽوٽل 13 دفعا خودڪشي ڪئي وئي. اڄ تائين ڪنهن اسٽيج ڊراما ليکڪ جي ڊرامن ۾ ڪردارن کان ايترا دفعا خودڪشي ناهي ڪرائي وئي.

## ڪٿي آهين بابا جي جان!؟

اهو نومبر 2020ع جي پهرين هفتي جو هڪ اپاڳو ڏينهن هيو جڏهن افغانستان جي ڪابل يونيورسٽي ڪوس گهر ۾ تبديل ٿي وئي هئي-جنهن ۾ هٿياربندن يونيورسٽي ۾ داخل ٿي اتي موجود علم جي روشني جا خواب ڏسندڙ اکين کي موت جي اونداهين ۾ اڇلائي ڇڏيو هو. ڪابل يونيورسٽي ۾ شاگردن جو ٿيل قتل عام هڪ اڻوسرندڙ اذيتناڪ ياد آهي. اتي سانحي کان پوءِ جڏهن مقتول شاگردن جي لاشن سان گڏ سندن سامان کي بہ ڪٺي هڪ هنڌ گڏ پئي ڪيو ويو تہ سندن موبائيل فونن ۾ لڳاتار ڪالز اينديون رهيون سوڳوار ماحول ۾ مقتول شاگردن جا فون وڄي رهيون هيون ۽ سيني فون جا مختلف رنگ ٽون هڪ ئي وقت تہ ڪڏهن وقفي وقفي سان وڄي ڪري هڪ سوڳوار ۽ ماتمي ڌن ۾ تبديل ٿي ويا هيا- قتل ٿي ويل معصوم شاگردن جي فون جي اسڪرين تي فون ڪندڙن جي نالي طور فقط 'بابا' يا 'امڙ' ئي لکجي پئي آيو. پنهنجي جگر گوشن کي سندن پيءُ ماءُ فون ڪري رهيا هيا پر اتي موجود بيٺلن مان ڪنهن ۾ بہ اها همٿ ڪونہ هئي تہ ڪو انهن شاگردن جون فون وصول ڪري کين سندن جگر جي هميشہ لاءِ جدا ٿي وڃڻ جي خبر ٻڌائي سگهن. هڪ مقتول شاگردياڻي جي موبائيل فون تي هڪ سو ٻائيتاليهہ (142) ڀيرا ڪال آئي. لڳاتار ڪالز اچڻ کان پوءِ نيٽ فون ڪندڙ لکت ۾ پيغام موڪليو جيڪو مقتول شاگرديانڻي جي موبائيل اسڪرين تي ظاهر ٿيو. جيڪو پڙهي ڪابہ اک پنهنجا ڳوڙها روڪي نہ سگهي. پيغام هيو تہ (*کدھر ہو جان پدر*) ، 'ڪٿي آهين بابا جي جان'؟.

# پيار جيڪو لازوال ٿئي ٿو

هڪ ڏيءَ پنهنجي پيءُ جي جتيءَ ڪي به جيءَ ۾ جايون ڏيندي آهي. پيءَ جي پيشاني تان ٿمندڙ پگهر ڦڙن سان به هن ڪي پيار هوندو آهي، ۽ هڪ پيءُ ڏيءُ جي هر انگل ڪي اکين تي رکندو آهي حقير حيثيت هوندي به وت ۽ وس کان به ۾ وکون اڳتي وڌي پنهنجي ڏيءَ ڪي شهزادين جيان رکندو آهي. اهڙي ئي اڻمٽي پيار جو قصو اردو جي مير شاعر مير تقي مير ۽ سندس ڏيءَ جو به آهي. اهو ئي مير تقي مير جنهن ڪي پنهنجو استاد مڃيندي مرزا غالب جهڙي باڪمال شاعر به چيو هو ته:

’ریختے کے تم ہی استاد نہیں ہو غالب<br>
کہتے ہیں اگلے زمانے میں کوئی میر بھی تھا‘

مير تقي مير جي زندگي مالي لحاظ کان ڪڏهن به خوشحال ڪونه رهي. حياتي هن جي آڏو ڏڪائيندڙ روپ ۾ ئي موجود رهي اهو ئي سبب آهي جو سندس شاعري جو گهڻو حصو زندگي جي ڏکن ۽ پيڙائن جي پچار ڪندڙ ئي ملي ٿو- تاريخ ۾ ڪافي جاين تي اهو به درج آهي ته ميرجي ڏيءَ پنهنجي شادي جي ڪجهه عرصي بعد ئي پيءَ جي ڪسمپرسي واري حالت تي ڳڻتي ڪندي صدمي سبب بيمار ٿي پئي ۽ ان غم ۾ پڄرندي پڄرندي هي جهان ئي ڇڏي وئي.

سندس لاش تي هنجون هاريندي هن جي منهن تان ڪپڙو هٽائي پنهنجي دادلي ڏيءَ جو آخري ديدار ڪندي هڪ پيءَ مير تقي مير حسرت مان آهه ڀريندي هڪ شعر چيو جنهن جو مفهوم هيو ته: ’مون نامراد ڪي هاڻي ياد آيو آهي ته مان توکي ڏاج ۾ ڪفن جو ڪپڙو ڏيڻ وساري ويٺو هيس.‘

اب آیا یاد اے آرام جاں اس نامرادی میں<br>
کفن دینا تمھیں بھولے تھے ہم اسباب شادی میں

# فراق جون ڳالهيون

ایک مدت سے تیری یاد بھی آئی نہ ہمیں
اور ہم بھول گئے ہوں تمھیں ایسا بھی نہیں

اهڙن انيڪ دل کي ڇهندڙ شعرن جو خالق فراق گورکپوري ويهين صدي جي شاعري جو هڪ تمام وڏو نالو جيڪو ظاهري ڏيک ۾ انتهائي سنجيده نظر ايندڙ پرڪمال جو حاضر جواب ۽ طنز و مزاح جي حس رکندڙ شخصيت هيو ايتري قدر جو سندس طالب علمي جي زماني ۾ هو هر مضمون ۾ تہ جيتوڻيڪ پنهنجو مٽ پاڻ هيو ۽ شاندار مارڪون کڻندو هيو پر فزڪس جي مضمون ۾ ڪمزور هيو ان حد تائين جو هڪ دفعي پرنسيپال کيس پاڻ وٽ سڏائي ڪانئس پڇيو تہ تون هر مضمون ۾ هوشيار آهين پر فزڪس جي مضمون ۾ تون ايترو ڪمزور ڇو آهين ؟ تنهن تي فراق کيس جواب ڏنو تہ اهو ان ڪري جو مان 'فزيڪلي (جسماني طور) ڪمزور آهيان.' فراق گورکپوري پنهنجي مزاج وارو شخص هيو هو پنهنجن شرطن تي هڪ آزاد زندگي گذاريندو هيو. ڪشوري ديوي سان سندس بي جوڙ ۽ ناڪام شادي بہ سندس شخصي پيچ ڊاهہ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

امتيازي نمبرن سان انگريزي ۾ ايم اي پاس ڪرڻ کان پوءِ جلد ئي جيتوڻيڪ فراق گورکپوري کي بنا ڪا درخواست ڏيڻ جي الهہ آباد يونيورسٽي ۾ انگريزي ليڪچرار جي نوڪري تہ ملي وئي پر هو تمام گهٽ ڪاليج ويندو هو ۽ ايتري قدر جو حاضري لڳائڻ بہ ڪونہ ويندو هيو. فراق گورکپوري جيڪڏهن ڪو ڪلاس وٺڻ ويندو بہ هيو تہ پنهنجو مضمون يعني انگريزي پڙهائڻ بدران يا تہ اردو پڙهائيندو هيو يا ڪنهن ٻئي موضوع گفتگو ڪرڻ لڳندو هيو. اهو ئي سبب هيو جو ڪاليج انتظاميہ کيس ايم اي جا اهم ڪلاس وٺڻ ڪونہ ڏيندي هئي.

# بڑا تیر مارا جوانی لٹادی

مشاعرو پنهنجي عروج تي هيو مشاعري ۾ موجود ماڻهو وڏي دلچسپي سان اسٽيج تي مائيڪ جي سامهون موجود مشهور شاعر بهزاد لکنوي کان سندس غزل ٻڌي رهيا هيا. بهزاد لکنوي پنهنجو ڪلام پڙهي رهيو هو تہ:

تیرے عشق میں زندگانی لٹادی
عجب کھیل کھیلا جوانی لٹادی

غزل ختم ٿيڻ کان پوءِ بہ بهزاد لکنوي غزل جون اهي سٽون ورجائي ورجائي پڙهي خوب داد وصول ڪندي اسٽيج تان لهي وڃي پنهنجي جاءِ تي ويٺو ۽ ان کان اڳ جو اسٽيج سيڪريٽري پنهنجو ڪلام پيش ڪرڻ لاءِ ڪنهن ٻئي شاعر کي سڏ ڪري حاضرين منجهان هڪ نوجوان اٿيو ۽ جلدي ۾ اسٽيج تي اچي شعر پڙهيو تہ:

محبت میں جاتے ہیں دین وایماں
بڑا تیر مارا جوانی لٹادی

نوجوان لفظ ’تير‘ تي خاص زور ڏيندي بهزاد لکنوي ڏانهن ڏٺو. جيڪو نوجوان جي جوابي شعر تي مرڪي رهيو هيو. جڏهن تہ مشاعري جي حاضرين پڻ ان نوجوان کي تاڙيون وڄائي زبردست داد ڏنو.

اهو نوجوان اڳتي هلي مشهور شاعر محشر بدايوني بڻيو.

# عشق تصور ۽ حقيقت

امرتا پريتم جو ذڪر ساحر لڌيانوي جي ذڪر کان سواءِ اڌورو ئي پاسندو آهي. ساحر جي هڪ بهترين شاعر واري حيثيت پنهنجي جاءِ تي هڪ حقيقت سهي پر ساحر جي مشهور هئڻ جو مکيہ سبب امرتا پريتم جو ساڻس عشق هيو. جيتوڻيڪ ڪيئي ورهيہ وهامي وڃڻ کان پوءِ بہ ادبي تاريخ ۾ هن جي عشق جو اڄ بہ اهوئي چرچو آهي. جتي بہ جڏهن بہ سندس ادبي حوالي سان ذڪر نڪرندو آهي تہ هن جي البيلي عشق جي ڳالهہ بہ نڪرندي آهي. امرتا پريتم جو ساحر لڌيانوي سان اڻميو پيار هڪ دلفريب داستان آهي جنهن ۾ خاص طور تي ساحر جي اڌ سڙيل سگريٽن جي بچيل ٽوٽن ۽ امرتا پريتم پاران انهن کي ٻيهر دکائي پيئڻ واري ادا کي مختلف اندازن سان بيان ڪيو ويندو آهي. پر ان تاريخي عشق جي حقيقت کي امرتا پنهنجي خام خيالي ڄاڻائيندي جهڙوڪ رد ڪيو آهي. پنهنجي مڙس امروز جي موجودگي جي بہ پرواهہ نہ ڪندي ساحر سان پنهنجي پيار جو ڪليل اظهار ڪندڙ امرتا جا ان ئي عشق کي حقيقت بدران پنهنجو تخيل قرار ڏيندي هي لفظ چوڻ هڪ تاريخي حيثيت رکن ٿا تہ: ’ساحر کي ايتري شدت سان سوچي سگهڻ منهنجي پنهنجي خيالن جو ئي جادو هيو جيڪي جادو انسان پاڻ اُڻندو آهي ۽ پوءِ پاڻ ئي ان ۾ ويڙهجي ويندو آهي ساحر سان پيار سڀ تصور هيو تخيل هيو زندگي جي حقيقت نہ هئي، زندگي جي حقيقت جي شدت تہ مون امروز سان گڏ ڏٺي‘

## آئنسٽائن جو ڊرائيور

اها حقيقت شڪ کان مٿاهين آهي تہ البرٽ آئنسٽائن اهڙو عظيم ترين دماغ هيو جو اڄ بہ سائنسدان سندس دماغي وسعت ماپي نہ سگهيا آهن. اهڙن اعليٰ دماغن جو هڪ ڪمال اهو بہ هوندو آهي جو ڪجهہ ساعتون سندن صحبت ۾ گذاريندڙ بہ اڪابري جا ڪي اکر جهٽي وٺندا آهن. هڪ دفعي آئنسٽائن هڪ تقريب ڪي خطاب ڪري موٽيو تہ ڪيس هن جي ڊرائيور ٻڌايو تہ ساڻس گڏ رهي رهي ۽ سندس تقريرون ٻڌي ٻڌي سندس ليڪچر هن ڪي زباني ياد ٿي ويا آهن. تنهن تي آئنسٽائن ڪيس مرڪي وراڻيو تہ ٺيڪ آ اڄ هيئن ٿا ڪريون تہ هن وقت مون ڪي جتي ليڪچر ڏيڻ وڃڻو آهي، اهي ماڻهو اتفاق سان منهنجي صورت کان اڻواقف آهن سو اڄ اتي منهنجي جاءِ تي تون آئنسٽائن بڻجي ليڪچر ڏي. ڊرائيور هٿ ٻڌي اها گستاخي ڪرڻ کان معذرت ڪئي پر آئنسٽائن جي گهڻي اصرار تي ڊرائيور سندس حڪم مڃي ورتو ۽ ان مهل ڊرائيور آئنسٽائن بڻجي ۽ آئنسٽائن ڊرائيور بڻجي اتي پهتا ايئن ان تقريب ۾ آئنسٽائن جي ڊرائيور ليڪچر ڏنو. جڏهن تہ آئنسٽائن سندس ڊرائيور بڻيو ويٺو رهيو. ليڪچر ڏيڻ کان پوءِ جيئن ئي ڊرائيور لٿو تہ تقريب ۾ موجود هڪ ماڻهو هن وٽ هلي آيو ۽ چيائينس تہ سائين اوهان رياضي جو جيڪو فلاڻو فارمولو ٻڌايو اهو مان ٺيڪ طرح سان سمجهي ڪونہ سگهيم. اوهان مهرباني ڪري مون ڪي اهو وضاحت سان سمجهائيندئو؟ سندس سوال تي نقلي آئنسٽائن يعني ڊرائيور هڪو ٻڪو ٿي ويو پر جلد ئي پاڻ سنڀاليندي حاضر دماغي جو مظاهرو ڪندي آئنسٽائن طرف اشارو ڪندي وراڻيائين تہ اهو فارمولو ايترو تہ سولو آهي جو هي منهنجو ڊرائيور بہ توهان ڪي سمجهائي سگهي ٿو.

## ابن انشاءَ جي پرستار عورت

معروف مزاح نگار، ڪالم نگار ۽ شاعر ابن انشاءَ المعروف ’انشاءَ جي‘ ڪينسر جي مرض ۾ مبتلا ٿيڻ کان پوءِ زندگي جي آخري ڏهاڙن ۾ جڏهن راولپنڊي جي هڪ اسپتال ۾ داخل هيو تہ هڪ ڏينهن وٽس سندس عيادت لاءِ ٽيهن سالن جي هڪ خوبصورت عورت آئي جنهن مرڪي اچي ڪيس گلدستو پيش ڪيو ۽ وٽس ويهي روئڻ لڳي ، روئندي چوڻ لڳي تہ انشاءَ جي مان توهان جي تمام وڏي پرستار آهيان اوهان منهنجا آئيڊيل آهيو مون کي خبر پئي آهي تہ اوهان جو ڪينسر آخري اسٽيج تي آهي مان الله سائينءَ کان دعا تي گهران تہ منهنجي زندگي جا پنج سال اوهان کي ڏئي ڇڏي مان اوهان سان تمام گهڻي محبت ڪندي آهيان مان اوهان کي پنهنجي پوري حياتي ڏئي ڇڏيان ها پر منهنجي مجبوري آهي تہ منهنجا ٻہ ننڍڙا ٻار آهن جيڪي مون کي پالڻا آهن پوءِ بہ سچي دل سان مان اوهان کي پنهنجي زندگي جا پنج سال ڏئي رهي آهيان. سندس ايتري عقيدت ۽ محبت تي انشاءَ جي مرڪيو سندس ٿورو مڃيو ۽ چيو تہ مان بلڪل ٺيڪ آهيان. ڪلاڪ ڪن اتي ويهڻ کان پوءِ اها عورت پنهنجا ڳوڙها اگهندي هلي وئي. ان عورت جي وڃڻ کان پوءِ سندس ذڪر ڪندي انشاءَ جي روئي ڏنو ۽ چيو تہ اها عورت مون کي پنهنجي زندگي جا پنج سال ڏئي رهي هئي جڏهن تہ ڪيس ڪهڙي خبر تہ هڪ ڏينهن بہ ڪيترو قيمتي آهي. ان واقعي کي دل سان محسوس ڪندي عمر جي ختم ٿيندڙ نقدي تي ابن انشا آلين اکين ۽ اداس دل سان پنهنجو مشهور نظم لکيو تہ:

’اب عمر کی نقدی ختم ہوئی
اب ہم کو ادہار کی حاجت ہے
ہے کوئی جو ساہوکار بنے
ہے کوئی جو دیون ہار بنے‘

# سونهن ۽ انقلاب جو سنگم

سونهن جو نينهن جڏهن انقلاب سان لڳندو آهي تہ عشق جي هڪ البيلي آکاڻي تاريخ جي ورقن ۾ جاءِ والاري وٺندي آهي. هڪ نوجوان نينگري جيني جنهن جي لاءِ ايئن چوڻ وڌاءِ نہ هوندو تہ هوءَ هڪ رئيسزادي هئي سندس والدين امير طبقي سان تعلق رکندڙ هيا. پيءَ هڪ وڏي عهدي تي فائز، ماءَ اسڪاٽ ليندبِ جي نواب جي ڌيءَ ۽ پياءَ جرمني جو وزير داخلا هيو. اهڙي امير گهراڻي جي ڇوڪري جيني جو شمار شهر جي تمام خوبصورت ڇوڪرين ۾ ٿيندو هيو-ان ئي جيني ڪي هڪ انقلابي سان پيار ڪرڻ جي تمام ڳري قيمت ڀرڻي پئي جيڪا هن دل سان مرڪي قبولي ورتي. آسائشن کي الوداع ڪري شادي ڪرڻ ڪان پوءِ هوءَ اميراڻي زندگي کان الڳ ٿي وئي ۽ هڪ انقلابي سان شادي ڪرڻ ڪان پوءِ دربدري واري حياتي ئي هن جي حصي ۾ آئي پر هڪ خاموش سپاهي طور هن پنهنجي آدرشي ۽ انقلابي محبوب مڙس جو ڀرپور ساٿ ڏنو، توڙي جو شادي ڪان پوءِ هن هڪ ڏينهن بہ سک جو ڪونہ گذاريو بک ۽ بدحالي جينيءَ جي جيون جو اڻٽٽ حصو رهيا. بک ۽ بيماري سبب سندس چار ٻار بہ فوت ٿيا پوءِ بہ انقلاب جي راهہ ۾ هن منهن ۾ گهنج نہ آندو. سندس ڪسمپرسي واري حالت تي کهل ڪندي هڪ ڀيري سندس وزير پياءَ کيس چورائي موڪليو تہ جرمني هلي اچ مان تنهنجي ڪفالت ڪندس. تنهن تي جينيءَ سندس مهرباني مڃيندي کيس جوابي خط لکيو تہ مان پنهنجي مڙس جي انقلابي خيالن سان شادي ڪئي آهي جنهن جرمني ۾ سندس مڙس ۽ ان جي انقلابي فلسفي جي جاءِ ڪونهي تہ کيس بہ اهڙي جرمني نہ گهرجي.

اها عورت جيني عظيم انقلابي ڪارل مارڪس جي وني جيني ڪارل مارڪس هئي.

## ملڪہ وڪٽوريہ جو هڪ البيلو عاشق

ملڪہ وڪٽوريہ پرڪشش شخصيت جي مالڪ هئي. ماڻهو ڪيس هزارن جي تعداد ۾ خط لڪندا هيا جن مان ڪيترن ۾ ئي ڪيس شادي جون آچون ٽيل هونديون هيون. ملڪہ جي چاهيندڙن جي ڊگهي فهرست ۾ هڪ چوڏهن سالن جو نوجوان ڇوڪرو بہ شامل هيو جنهن جو عشق ديوانگي جي حدن تائين پهتل هيو ملڪہ ڪان سواءِ پنهنجي زندگي کي بي مقصد تصور ڪندي هو 1838 ڪان 1841 تائين جي عرصي ۾ ملڪہ جي پهريدارن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي ڪيترائي ڀيرا بڪنگهم محل ۾ داخل ٿيو. پهرين دفعي داخل ٿيڻ ڪان پوءِ هو اٽڪل هڪ سال تائين محل جي چمني ۾ لڪل رهيو ۽ روزانو رات جو دير سان سيني جي آرامي ٿيڻ ڪان پوءِ ان چمني جي رستي محل ۾ داخل ٿي ملڪہ جو ديدار ڪندو رهيو- چمني محل جي پهريدارن جي نظرن ڪان بچڻ لاءِ هن جي محفوظ پناهہ گاهہ هئي جنهن طرف ڪنهن جو ڌيان ئي نہ ويندو هو. جڏهن ڪيس پهريون ڀيرو پڪڙيو ويو ۽ ڪيس دڙڪا ڏيندي عدالت ۾ ڇيو ويو تہ ڪيس ان ڏوهہ ۾ جيل بہ موڪلي سگهجي ٿو ڪيس سزا بہ ڏئي سگهجي ٿي تہ هن مرڪندي وراڻيو تہ ڇا سندس دل کي بہ جيل اماڻيو ويندو؟ سندس ان حرڪت کي سندس ٻاراڻي بيوقوفي سمجهي ڪيس آزاد ڪيو ويو. پر ان ڪان پوءِ بہ هو ڪيئي ڀيرا محل ۾ گهڙي آيو. ڪيس بہ ڀيرا ٽي مهينا قيد ڪري جيل ۾ بہ رکيو ويو. پر پوءِ بہ هو نہ مڙيو تہ هن جنوني ضدي نوجوان ڪان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس برطانيہ بدر ڪري هڪ دفعو برازيل بہ موڪليو ويو جتي هو ڇهہ سال ساموندي جهاز ۾ قيد رهيو. اتان موٽڻ ڪان پوءِ وري هن محل ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڪيس پڪڙي آسٽريليا موڪليو ويو. جتي بہ هو مزدوري ڪري ٽڪيٽ جا پئسا گڏ ڪري برطانيہ پهچي ملڪہ وڪٽوريہ جي ديدار لاءِ فرار جون راهون ڳولڻ لڳو. ملڪہ جو هي البيلو عاشق برطانيہ ۾ 'بواءِ جونز' جي نالي سان مشهور/ بدنام ٿيو. سندس المناڪ موت نشي جي حالت ۾ ٿيو هن جو لاش سمنڊ ڪناري مليو.

# قصو هڪ شعر جو

’در ابلق کسے کم دیدہ موجود
مگر اشک بتاں سرمہ آلود‘

(ابلق موتي تمام گهٽ ئي ڏٺو ويو آهي پر محبوب جي سرمئي اکين مان ڳڙيل ڳوڙهو ابلق موتي ئي هوندو آهي.)

ابلق اهو ناياب ۽ دلڪش موتي آهي جيڪو ڪاري رنگ جو هوندو آ ۽ مٿس اڇا داغ هوندا آهن.

هن شعر جو قصو ڪجهہ هيئن آهي تہ هن جي ٻنهي سٽن جا ٻہ الڳ الڳ شاعر آهن. پهريون مصرعو جنهن تخليق ڪيو اهو ايراني شهزادو هيو جڏهن تہ ان جو ٻيو مصرعو لکي ان کي مڪمل شعر بنائڻ واري هندوستاني شهزادي هئي.

هي ان دور جوقصو آهي جنهن زماني ۾ ايران ۽ هندوستان ۾ علم ۽ ادب پنهنجي عروج تي هيو- ايراني شهزادي اهو پهريون مصرعو

’در ابلق کسے کم دیدہ موجود‘

لکي اهو اعلان ڪرايو تہ جيڪو ان جو ٻيون مصرعو لکندو ان کي انعام ڏنو ويندو. اهو ٻڌي ايران ۽ هندوستان جي شاعرن ٻيون مصرعو لکڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر لکي نہ سگهيا- اها خبر هندوستان ۾ عالم حافظ ۽ شاعره شهزادي کي ان وقت پئي جڏهن اها آئيني آڏو ويٺي سرمو پائي رهي هئي تہ سرمي جي تيک سبب سندس اکين مان ڳوڙهن جا ڪجهہ قطرا ڳڙي پيا ڪجل هاڻين اکين مان ڳڙيل ڳوڙها ابلقي موتي جو روپ وٺي بيهي رهيا تڏهن شهزاديءَ ان جو ٻيون مصرعو لکيو تہ

’مگر اشک بتاں سرمہ آلود‘

ايراني شهزادي تائين جڏهن اهو مصرعو پهتو تہ هو لاجواب ٿي ويو ۽ شهزاديءَ سان ملڻ جي خواهش ظاهر ڪيائين پر ڪنهن سان بہ نہ ملندڙ شهزاديءَ ڪيس شعر ۾ جواب ڏياري موڪليو تہ مان پنهنجي ڪلام ۾ ايئن لڪل آهيان جيئن گل جي خوشبو ان جي پتين ۾ پوشيده هوندي آهي. اها شهزادي شاعره اورنگزيب عالمگير جي ڌيءَ زيب النساءَ هئي جيڪا زيب النساءَ مخفي جي نالي سان لکندي هئي.

# هڪ صوفيءَ جي سرڪشي

هو ادب جو هڪ وڏو نالو آهي. ڊرامي توڙي افساني جو هڪ معتبر حوالو هئڻ سان گڏوگڏ مانيٽي طبيعت سلجٽي سياءَ صوفياٽي مزاج ۾ مشهور، جنهن جي تند تصوف جي تار سان جڙيل رهي. سندس روح پرور گفتا ماٹهن جي دلين جا تاڪ ڏوڏي ڇڏيندا هيا- پر اردو جو هي انمول مصنف پنهنجي جواني ۾ ڪجهہ معاملن ۾ سرڪش ۽ ضدي بہ هيو اها صرف سندس تمام ويجهن حلقن کي ئي خبر آهي. هي ۽ هن جي گهرواري جهڙوڪ ڪبوترن جو جوڙو هئا. سندن سات مثالي هيو. پر پنهنجي ان محبت کي ماٹڻ لاءِ هن سوشلسٽ صوفي کي قتل جون ڌمڪيون ٻڌٽيون توڙي ڏيٽيون پيون هيون جو ڪيس سندس والد صاف لفظن ۾ ٻڌائي ڇڏيو هيو تہ هو ڪيس قتل تہ ڪري ڇڏيندو پر سندس شادي پسند جي جڳهہ تي ٽيڻ ڪونہ ڏيندو- پيءَ جو اٽل فيصلو ٻڌي هي اداس ٿي ويو ۽ جلد ئي اٽلي جي شهر روم هليو ويو پر سندس سڪ جو سڳو پنهنجي محبت سان جڙيل ئي رهيو ۽ هي اتان بہ پنهنجي محبوبہ ڏانهن روزانو ڏينهن ۾ بہ خط لکندو رهيو. جن ۾ دل جون انيڪ ڳالهيون اورڻ سان گڏ ڪيس اهو بہ چوندو رهيو تہ جيڪڏهن هن ڪنهن بہ ٻئي سان شادي ڪئي تہ هي ڪين ٻنهي کي قتل ڪري ڇڏيندو- جڏهن تہ انهن ڏينهن ۾ سندس محبوبہ جي شادي جون ڳالهيون هڪ ڪرنل سان هلندڙ هيون- بهرحال هن صوفي جي عشق ۽ ضد رنگ لاتو ۽ ايترين مخالفتن جي باوجود هنن هڪٻئي کي حاصل ڪري ورتو ۽ ٻنهي زال مڙسن گڏجي ڊرامي جي شعبي ۾ وڏو نالو توڙي ناٹو ڪمايو- هي اديب جوڙو هيو اشفاق احمد ۽ بانو قدسيہ.

# هڪ شاعر هڪ عاشق

هي انهن جي ڳالهه آهي جڏهن هو هڪ عام ماڻهو هيو. ۽ سيالڪوٽ جي جنهن گهر ۾ هو رهندو هيو ان جي بلڪل سامهون واري گهر ۾ هڪ ڇوڪري رهندي هئي. جيڪا ايندي ويندي هن کي نظر اچي ويندي هئي. جنهن کي ڏسي دل ئي دل ۾ گد گد ٿيڻ هن جو معمول بڻجي ويو. هو ان ڇوڪري سان خاموش عشق ڪرڻ لڳو هو. ڪيس ڏسي خوش ٿيڻ ئي هن لاءِ سرشاري هيو. پر هڪ ڏينهن هو ڪاليج کان واپس آيو ته ڇوڪري ڪونه هئي ان کان پوءِ اها ڇوڪري هن کي نظر ڪونه آئي. ڇوڪري جي اوچتي غائب ٿيڻ تي هي اداس ٿي ويو هو. بعد ۾ هن به سيالڪوٽ ڇڏيو ۽ شاعري ۾ وڏو نالو ڪمائڻ کان ڪجهه عرصي کان پوءِ هي جڏهن واپس سيالڪوٽ پنهنجي گهر آيو ته اتفاق سان اها ڇوڪري به پنهنجي مڙس سميت اتي آيل هئي. ان ڇوڪري جو مڙس هن جي شاعري جو پرستار هيو ۽ ڪيس به هن عظيم شاعر سان ملڻ جو اشتياق هيو. ڇوڪري جي مڙس جي خواهش تي سندن ملاقات ٿي - عورت ڪيتري به سادي ڇونه هجي پر مرد جون اهي اکيون پڙهي وٺندي آهي جن ۾ هن لاءِ ڪجهه خاص هوندو آهي. سو هن ڇوڪري به هن عظيم شاعر جون اکيون پڙهي ورتيون هيون ۽ ڇوڪري پنهنجي انتخاب تي ناز ڪندي پنهنجي مڙس جي تعريف ڪندي هن کي چيو ته: 'ڏسو منهنجو مڙس ڪيترو نه خوبصورت آهي !' سندس ان ڳالهه تي هي خاموش عاشق ته خاموش ئي رهيو پر سندس اندر جو شاعر ماٺ رهي نه سگهيو ۽ سندس قلم مان خاموش ۽ هڪ طرفي عشق جو آواز هن شاهڪار نظم جي صورت ۾ نڪتو ته:

'تم نے دیکھی ہے وہ پیشانی وہ رخسار وہ ہونٹ
زندگی جن کے تصور میں لٹا دی ہم نے
تجھ پہ اٹھی ہیں وہ کھوئی ہوئی ساحر آنکھیں
تجھکو معلوم ہے کیوں عمر گنوادی ہم نے'

هي قصو آهي شهرت جي آسمان کي ڇهندڙ جناب فيض احمد فيض جو.

## واڪ آف فيم جو اصل هيرو

هاليووڊ جي بليوارڊ روڊ تي هڪ تقريب منعقد ٿيندي آهي جيڪا ’واڪ آف فيم ‘ جي نالي سان مشهور آهي. هن تقريب ۾ مختلف شعبن ۾ آمريڪا جو نالو روشن ڪندڙ هيروز جو نالو روڊ جي پاسن تي لڳايو ويندو آهي ماڻهو اتان گذرندي پنهنجن هيروز جا نالا پڙهندي سندن خدمتن کان آگاهہ ٿيندي خوشي محسوس ڪندا آهن.

اها شانائتي تقريب مجي ويندي آهي جنهن ۾ نالو لکجڻ هيروز لاءِ وڏي فخر واري ڳالهہ هوندي آهي.

45 سال اڳ جڏهن ان تقريب جي سلسلي ۾ آمريڪي هيروز جا نالا روڊ تي لڳايا پئي ويا تہ ان وقت هڪ هيرو پنهنجو ستارو زمين تي لڳرائڻ کان انڪار ڪيو. سندس چوڻ هيو تہ هو پنهنجي نالي کي زمين تي لکيل برداشت نہ ٿو ڪري سگهي ڇو تہ جنهن هستيءَ جو نالو مٿس رکيل آهي مون کي ان نالي سان عشق آهي ۽ منهنجي لاءِ ان نالي جي ايتري تہ عزت آهي جو مان ڪنهن بہ قيمت تي اهو برداشت نہ ڪندس تہ اهو نالو زمين تي لکيو وڃي. انتظاميہ کيس چيو تہ ان اعتراض جي ڪري سندس نالو هن عظيم هيروز واري فهرست مان خارج بہ ڪري سگهجي ٿو. تنهن تي هن وراڻيو تہ پلي هڪ تہ ڇا هزار ڀيرا ئي چونہ سندس نالو انهن هيروز جي فهرست مان خارج ڪيو وڃي-پر هو ان نالي کي هرگز زمين تي لکيل برداشت نہ ڪندو. جيڪڏهن توهان کي منهنجو نالو شامل ڪرڻو آهي تہ منهنجي نالي جي ستاري کي ڀت تي تمام اوچائي واري جڳهہ تي لڳايو وڃي. انتظاميہ ان هيرو جو شرط مڃي ورتو ۽ تاريخ ۾ پهريون ۽ اڄ تائين آخري ڀيرو ڪنهن هيرو جي نالي وارو ستارو ’واڪ آف فيم‘ جي تقريب ۾ ڀت تي تمام اوچي سطح تي لڳايو ويو. اهو عظيم هيرو باڪسر محمد علي هيو.

# انگريزن جو عقل

انگريزن برصغير تي پاڪستان ۽ هندوستان جي ورهاڱي کان اڳ جيڪا حڪومت ڪئي اها دولت طاقت توڙي دما غ سان ڪئي. هنن برصغير هندوستان پاڪستان جي ماڻهن سان آقا ۽ غلام وارو رويو تہ رکيو پر پاڻ هو غلامي کان شديد نفرت ڪندڙ هيا ايتري قدر جو ڪين اهو بہ قبول نہ هيو تہ ڪو انگريز عملدار پنهنجي برطانوي عوام سان بہ ڪو غلامن وارو ورتاءَ ڪري. هڪ انگريز عورت جنهن جو مڙس گڏيل هندوستان وقت هڪ ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر هيو. تنهن پنهنجي يادداشتن جي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ سندن خدمت ۾ سوين خدمتگار هر وقت خبردار رهندا هيا.ڪين شاهي پروٽوڪول حاصل هيو. ڪيڏانهن وڃڻ وقت ريل جو پورو دبو عاليشان سهولتن سان سينگاريل هنن جي حوالي هوندو هيو. سفيد يونيفارم پهريل ڊائيور هٿ ٻڌي ٻانهو ٻڻيو سندن آڏو بيٺو هوندو هو ۽ ريل هلائڻ جي اجازت گهرندو هو ۽ تيسين ريل نہ هلندي هئي جيسين اسين ڪيس اجازت نہ ڏيون.

جڏهن سندس مڙس هندوستان ۾ ڊپٽي ڪمشنر هيو تہ سندن شاهي ٺٽ ٺانگر هيا. هو آقا هيا ۽ عوام غلام. پر جڏهن اهي ئي آفيسر واپس پنهنجي ملڪ انگلستان ويندا هيا تہ اتي ڪين ڪنهن بہ عوامي عهدي تي فائز نہ ڪيو ويندو هيو اهو سبب ڄاڻائي تہ هو جيئن تہ هڪ غلام قوم تي حڪومت ڪري آيا آهن ان ڪري عوام سان سندن روش ۽ طور طريقي ۾ فرق آيو هوندو. هنن ۾ عوام کي غلام سمجهڻ جي عادت پيل هوندي ان ڪري ڪين ڪابہ اهڙي ذميواري نہ ٿي ڏني سگهجي جنهن ۾ هو آزاد انگريز قوم سان بہ غلامن وارو ورتاءَ ڪن ۽ سندن رويو انگريز قوم سان حاڪم ۽ غلام وارو هجي.

# توهان ٺيڪ ٿا چئو

ايلي سن اهو آمريڪي فڪشن نگار جنهن جي مزدور طبقي سان تعلق رکندڙ سندس پيءُ هن جي مذهبي تربيت ۽ تعليم تي جيتوڻيڪ خاص ڌيان ڏنو پر ايلي سن جو پهريون پيار موسيقي هئي جنهن تحت هن شرناءِ وڄائڻ بہ سکي ۽ ڪيترن ئي موسيقارن سان سندس واسطو رهيو هن هڪ اداري ۾ سکيا بہ حاصل ڪئي ۽ ڏنون ناهڻ ۾ مهارت حاصل ڪري ورتي پر جلد ئي هن جي محبت موسيقي مان ڦري ادب طرف مائل ٿي وئي. همعصر اديب ٽي ايس ايليٽ جي نظم سندس ذهني پختگي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ان کان علاوه هن هينري جيمز، دوستو وسڪي ۽ مارڪ ٽوئن جهڙن ليکڪن جا ناول پڙهيا. 1952 ۾ سندس ناول Invisible Man ڇپيو جنهن کي 1953 ۾ نيشنل بڪ ايوارڊ مليو. ووٽنگ جي نتيجي ۾ هن ناول کي اهو آمريڪي نمائنده ناول قرار ڏنو ويو جيڪو جنگ عظيم کان پوءِ واري صورتحال بعد سامهون آيو.

ان کان علاوه سندس مضمونن ۽ ڪهاڻيءَ جا مجموعا بہ مشهور ٿيا.
هڪ دفعي ايلي سن کان ڪنهن پڇيو تہ: ’توهان ايترو خوش ڪيئن رهندا آهيو ؟‘

ايلي سن ڪيس جواب ڏنو تہ: ’ڇو تہ مان بيوقوفن سان بحث ناهيان ڪندو.‘

سوال پڇندڙ چيس: ’تہ پوءِ ڇا چوندا آهيو؟‘

ايلي سن وراڻيس مان ڪين چوندو آهيان: ’توهان ٺيڪ ٿا چئو.‘

سوال ڪندڙ وري چيس: ’پوءِ بہ پنهنجي ڳالهہ مڃرائڻ ۽ قائل ڪرڻ لاءِ توهان کي ڪو دليل يا ڪو جواز تہ ڏيڻ گهرجي.‘

ايلي سن جواب ڏنس: ’ توهان ٺيڪ ٿا چئو.‘

# منو ڀائيءَ جا خواب

پي. ٽي. وي جي عروج واري زماني جي تمام مشهور سيريل ”سونا چاندي“ اڄ بہ ڏسندڙن جي ذهن تي نقش آهي. ان سپرهٽ سيريل ليکڪ ”منو ڀائيءَ“ کي شهرت جي بلندين تي پهچايو.

تمام گهڻ ماڻهن کي اها خبر آهي تہ مشهور ڪالم نويس، ڊراما نگار ۽ شاعر ”منو ڀائي“ جو اصل نالو منير احمد هو. لکڻ جي دنيا ۾ اچڻ کان پوءِ سندس هڪ نظم کان متاثر ٿي احمد نديم قاسميءَ کيس ”منوڀائي“ نالو عطا ڪيو ۽ ايئن هن منو ڀائي طور مقبوليت ماڻي.

منو ڀائي يگاني طبيعت جو مالڪ هو. هن کي ذوالفقار علي ڀٽو سان محبت هئي. هن ڀٽو سان اها محبت آمريت جي دور ۾ بہ ڪونہ لڪائي، سندس ان غير مشروط محبت جي ڪري کيس تڪليفون بہ ڏسڻيون پيون هيون. ان زماني ۾ فيض احمد فيض جي پنجابي شاعري جو وڏو چرچو هو. فيض جي پنجابي شاعري بہ عام ماڻهن جي ڏکن ۽ محنت ڪش، هارين مزدورن جي تڪليفن جو ذڪر هو، جيڪا ئي سندس مقبوليت جو ڪارڻ هئي.

انهن ئي ڏينهن ۾ فيض احمد فيض جي هڪ پنجابي شعري مجموعي جي مهورتي تقريب کي صدارتي خطاب ڪندي منو ڀائيءَ ٻڌايو هو تہ ”مان هڪ دفعي فيض صاحب کي چيو، ”فيض صاحب مان اردو ۾ شاعري ڪرڻ ٿو چاهيان، مان ڪوشش بہ ڪئي آهي ڪافي شاعري اردو ۾ لکي بہ اٿم، پر ان ۾ اهو سواد ڪونهي، بي سوادي ۽ بي وزن شاعري آهي. تنهن تي فيض صاحب پڇيو ”تون خواب ڪهڙي زبان ۾ ڏسندو آهين؟“ مون وراڻيو ”مان خواب پنجابي زبان ۾ ڏسندو آهيان.“

فيض صاحب مرڪي جواب ڏنو، ”تہ پوءِ توکي شاعري بہ پنجابي زبان ۾ ڪرڻ گهرجي، يعني جنهن زبان ۾ ماءُ ٻار کي لوري ڏيندي آهي، جنهن زبان ۾ ماءُ پنهنجي ڌيءَ کان ڌار ٿيڻ وقت روئندي آهي ۽ جنهن زبان ۾ شاعر خواب ڏسندو آهي ان کي ان زبان ۾ ئي شاعري ڪرڻ گهرجي.

# آئنسٽائن جا آخري لفظ

تاريخ ۾ جڏهن بہ جتي بہ فزڪس جو ذڪر ايندو اهو البرٽ آئنسٽائن کان سواءِ اڌورو ليکيو ويندو. آئنسٽائن فزڪس جي تاريخ جو اهو نالو آهي جنهن ويهين صديءَ ۾ پنهنجي دماغ سان واڄٽ وڄائي ڇڏيا.

وقت ڪيس ويهين صديءَ جو هڪ اهڙو اعليٰ دماغ قرار ڏئي ٿو جنهن جي حياتيءَ ۾ تہ سندس دماغ تي ماهرن جو ديدون ڪتل هيون ئي، پر سندس مرڻ کان پوءِ بہ ماهرهن جي دماغ جي حصول جي ڊوڙ ۾ شامل رهيا.

18 اپريل 1995ع تي جڏهن آئنسٽائن پرنسٽن اسپتال ۾ پويان پساهہ کنيا هئا تہ سندس موت کان ٺيڪ ساڍن ستن ڪلاڪن کان پوءِ ئي هن جي دماغ کي ڌڙ کان ڌار ڪيو ويو هو.

آئنسٽائن جو پوسٽ مارٽم ڪندڙ ڊاڪٽر ٿامس هاروي کي سندس دماغ ۾ گهڻي دلچسپي هئي. پوسٽ مارٽم کان پوءِ آئنسٽائن جي دماغ جا ٽڪرا ڪري ڊاڪٽر ٿامس هاروي پاڻ وٽ رکيا باقي ڪجهہ ٽڪرا هن ٻين ماهرن جي حوالي ڪري ڇڏيا.

زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ آئنسٽائن جنهن اسپتال ۾ داخل هو اتي هن جي حياتيءَ جي پڇاڙڪن پهرن ۾ وٽس نہ تہ سندس اولاد مان ڪو موجود هو ۽ نہ ئي دوستن عزيزن مان ڪو حاضر هو.

انهن آخري گهڙين ۾ وٽس فقط هڪ نرس موجود هئي ۽ مرڻ کان ڪجهہ منٽ اڳ ۾ آئنسٽائن ڪجهہ ڳالهايو هو، ڪي ڪارآمد ڳالهيون ڪيون هيون. پر بدقسمتيءَ سان اهي تاريخ جي رڪارڊ ۾ موجود ڪونہ آهن. سندس چيل آخري لفظ ائين ئي هوا ۾ وڪري ضايع ٿي ويا ڇو تہ سندس آخري لفظن کي ٻڌڻ واري نرس ڪجهہ بہ سمجهي ڪونہ سگهي هئي جو نرس کي جرمن ٻولي ڪونہ ايندي هئي.

# فيض، نور جهان ۽ نظم

## فيض احمد فيض جو مشهور ترين نظم

”مجھ سے پہلی سی محبت میرے محبوب نہ مانگ“

جنهن کي ملڪہ ترنم نور جهان اهڙي تہ روحاني رمز سان ڳايو آهي جو اهو نظم اڄ بہ ايترا ورهيہ وهامي وڃڻ کان پوءِ بہ جڏهن بہ جتي بہ سندس سريلي آواز ۾ گونجندو آهي تہ ٻڌندڙن جي لونءَ ڪاندارجي ويندي آهي.

ان لحاظ کان اهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو آهي تہ فيض صاحب جي ان نظم جا لفظ ئي ايترا لازوال آهن يا نور جهان ان کي پنهنجو سريلو آواز ارپي ان ۾ ساهہ وجهي ڇڏيو.

تاريخ چوي ٿي تہ جڏهن نورجهان فيض صاحب جو اهو نظم ايتري تہ سهڻي انداز ۾ ڳايو جو پاڻ فيض صاحب بہ جهڙوڪ ان جي سحر ۾ جڪڙجي ويو ۽ نورجهان کي چيائين تہ:

”اوهان جنهن خوبصورتيءَ سان ان نظم کي ڳايو آهي اڄ کان اهو نظم اوهان جو ٿيو.“

اها ارپنا ٻڌي نورجهان تمام گهڻي خوش ٿي ۽ هن فيض صاحب کي چيو:

”اهو تہ مون لاءِ وڏو اعزاز آهي. مان چاهيان ٿي تہ بدلي ۾ اوهان مون کان ڪجهہ گهرو تہ جيئن ان احسان جو بار ڪجهہ هلڪو ٿي سگهي.“ فيض کيس چيو:

”هڪ مرد هڪ عورت کان ڇا ٿو گهري سگهي، بس اهو ئي ڏئي ڇڏ.“

اهو ٻڌي نورجهان ڪکي وکي ٿي وئي ۽ وراڻيائين:

”هي تہ توهان تمام وڏي شيءِ گهري ورتي.“ فيض صاحب مرڪندي وراڻيو:

”جيڪڏهن تمام وڏي شيءِ آهي تہ پوءِ ڇڏي ڏيوس.“

# دنيا جي پهرين عورت هائي جيڪر

1944ع ۾ فلسطين جي فضائن ۾ اک کولڻ کان پوءِ ڪليل اڪين سان فلسطين جي آزادي ۽ خوشحالي جا خواب ڏسندڙ ليليٰ خالد کي اهو بہ اعزاز حاصل آهي تہ هوءَ دنيا جي پهرين عورت هائي جيڪر آهي. جنهن 1966ع ۽ 1971ع جي وچ جي مختصر ترين عرصي ۾ 4 هوائي جهاز هائي جيڪ ڪيا.

ليليٰ خالد ويهين صديءَ جي فلسطيني تحريڪ آزادي جو هڪ اهڙو امر ڪردار آهي جنهن تي اسلامي دنيا جون سموريون عورتون فخر ڪري سگهن ٿيون.

فلسطيني قيدين جي آزادي لاءِ هن فلسطين لبريشن فرنٽ ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ليليٰ خالد تحريڪ جي سرگرم ڪارڪن بڻجي وئي. هن پهريون ڀيرو اسرائيلي هوائي جهاز هائي جيڪ ڪري انهن کان فلسطيني قيدي آزاد ڪرائڻ سان گڏوگڏ ٻيا مطالبا بہ مڃرائي ورتا. ليليٰ خالد پوري دنيا جي اليڪٽرانڪ توڙي پرنٽ ميڊيا تي ڇانئجي وئي. سندس مقبوليت جي گراف جي اوچائي اها هئي تہ ايشيا توڙي يورپ ۾ عورتن لاءِ ليليٰ خالد رول ماڊل بڻجي وئي. عورتون هن جي وارن جو اسٽائيل اپنائڻ لڳيون. هن جي نقاب هن جي اسڪارف جون ڊزائينون عورتن جو محبوب فيشن بڻجي ويا. ليليٰ خالد جي هٿ ۾ هڪ منڊي هوندي هئي جنهن ۾ ڪو هيرو يا پٿر نہ پر هڪ گولي مڙهيل هوندي هئي.

فلسطيني تحريڪ آزادي سان سندس سچائيءَ جي انتها اها هئي تہ هن فلسطيني قيدين جي آزادي ۽ ٻين مطالبن لاءِ اسرائيل جو هڪ جهاز اغوا ڪرڻ کان پوءِ سندن ٻيا هوائي جهاز بہ هائي جيڪ ڪرڻ لاءِ پنهنجي سڃاڻپ مڪمل طور تي تبديل ڪري ڇڏي جنهن جي لاءِ هن لڳاتار هڪٻئي پٺيان پنهنجي چهري جون 6 پلاسٽڪ سرجري ڪرائي ڇڏيون.

# شاعري، باهہ ۽ ساغر

اهو 1928 ع جو سال هو جڏهن انڊيا جي علائقي انبالا ۾ هن اک کولي. سندس پيدائش تي والدين پاران سندس نالو تہ محمد اختر رکيو ويو پر پيءُ ماءُ جو ڏنل سندس اهو نالو رڳو سندس تعليمي سندن ۽ شناختي ڪارڊ تائين ئي محدود رهيو. ڇو تہ دلين جي تارن کي ڇهندڙ شعر چوندڙ هن شاعر کي دنيا ”ساغر صديقي“ جي نالي سان اهڙو تہ مان ۽ مرتبو ڏنو جيڪو چڱن ڀلن معتبرن کي بہ ڪونہ ملندو آهي.

شاعري جي دنيا جو هي درويش صفت شاعر سدائين پنهنجي ڌُن ۾ مگن رهندو هو. لاهور جي رستن تي هيٺن حالن ۾ ڏينهن رات رلندو رهندو هو. ماڻهو حيران هوندا هئا تہ ديوانن جهڙو ڏيک ڏيندڙ هڪ ميرو گدلو شخص ايتري اثر واري شاعري ڪيئن ٿو ڪري...!؟

هڪ ڀيري ساغر صديقي هڪ عام ڪڪائين هوٽل ۾ ويٺو هو آس پاس کان بيخبر ويٺو شاعري لکي رهيو هو ۽ هر هڪ شعر لکڻ سان گڏ وڏي آواز ۾ اهو شعر ورجائي بہ رهيو هو:

”موج کو رم سے آگ لگ جائے
گل کو شبنم سے آگ لگ جائے
کاش اے زندگی کی رقاصہ
تیری چھم چھم سے آگ لگ جائے۔“

سندس ” آگ لگ جائے ، آگ لگ جائے“ واري ان شاعري دوران ان مهل وقفي وقفي سان تي چار باهہ وسائڻ وارين گاڏيون سائرن وڄائيندي گذريون ۽ ساغر ”آگ لگ جائے“ وارا شعر لکڻ ۾ مشغول رهيو.

نيٺ اتي هوٽل تي ويٺلن مان هڪ شخص اٿيو ۽ ساغر صديقي جي هٿ مان قلم ڦريندي ڪيس چيائين.

”بس ڪر ميان! پلا سڄي شهر کي باهہ ڏيڻ جو ارادو اٿئي ڇا؟“

# ڪرسيون

Lonesco Eugene رومانيا جو جڳ مشهور ليکڪ ٿي گذريو آهي. سندس تحريرن جو گهڻو تعداد فرانسيسي زبان ۾ آهي. هن کي ٿيٽر جي دنيا ۾ گهڻو داد مليو. هن ان ميدان ۾ وڏي مڃتا ماڻي. سندس لکيل ڪيترائي ٿيٽر ڊراما ماڻهن جي مَن کي موهي وجهندا هئا. جذبات کي جهنجهوڙي ڇڏيندا هئا، سندس ڊراما ڏسندڙن تي پنهنجي ڇاپ ڇڏي ويندا هئا.

Lonesco Eugene هڪ وجودي ڊرامو لکيو هو جنهن جو نالو هو "ڪرسيون" "The Chairs" اهو ڊرامو پهريون ڀيرو 1952ع ۾ ٿيٽر ڪيو ويو هو. جنهن جو پلاٽ اهو هو تہ هڪ پوڙهو جوڙو اهڙيون ڪرسيون تيار ڪندو آهي جن تي غائب ماڻهن کي ويهاريو وڃي.

ائين هڪ ڀيري رات جي ماني جي دعوت تي شهر جي اهم ترين عهدن تي فائز آفيسرن کي دعوت ڏئي گهرايو ويو. اهي سڀ عملدار جڏهن اتي پهتا تہ کين اسٽيج تي ويهارڻ بدران اسٽيج تي فقط خالي ڪرسيون لڳايون ويون. پوءِ ميزبان گفتگو انهن خالي ڪرسين سان ئي ڪندو آهي ۽ آيل مهمانن کي آئينو ڏيکاريندي سندن ستل ضمير کي جاڳائڻ خاطر کين چوندو آهي تہ:

"صاحبو! دراصل توهان سڀ ڪرسيون آهيو، مختلف نالن ۽ عهدن واريون ڪرسيون، توهان جو ڪوبہ وجود ڪونهي ۽ توهان هن سسٽم ۾ پنهنجي سڃاڻپ وڃائي چڪا آهيو."

کين آئينو ڏيکارڻ کان پوءِ ڊرامي جي آخر ۾ اهو پوڙهو جوڙو سمنڊ ۾ ٽپو ڏئي پنهنجو انت آڻي ڇڏيندو آهي.

# عورت، محبت ۽ هٽلر

تاريخ جي ورقن ۾ هٽلر دهشت جي علامت طور ڄاتو وڃي ٿو. هن ڪي ڪنهن تي به ڪهل ڪانه ايندي هئي. هٽلر کي گوليءَ جي ٻولي پسند هئي. هن کي ئي ٻي جنگ عظيم جو ذميوار به قرار ڏنو وڃي ٿو. جڏهن ته هڪ ڪرڪيٽ ميچ جي بنا نتيجي ختم ٿيڻ جي ڪري پوري ڪرڪيٽ ٽيم کي گوليون هڻي موت جي ننڊ سمهارڻ وارو واقعو به هٽلر سان منسوب آهي.

ان پٿر دل ۽ بيرحم هٽلر سان به ڪنهن کي محبت ٿي هئي ۽ هن به ڪنهن سان پيار ڪيو هو. هٽلر جي سيني ۾ به اهڙي دل هئي، جنهن ۾ محبت جا گيت هونگاربا هئا.

اهو هٽلر، جنهن عورتن جي باري ۾ اهو فرمان جاري ڪيو هو ته، ”خوبصورت عورت کي جتي به ڏسو، ان کي ماري ڇڏيو، ڇو ته اهي شاعر، عشق ۽ دانشور پيدا ڪن ٿيون، جڏهن ته اسان کي سپاهين جي ضرورت آهي.“

هٽلر جي باري ۾ مشهور آهي ته هو ڪٿي به تقرير ڪرڻ لاءِ وڃڻ کان اڳ مختلف انداز سان تصويرون ڪڍرائيندو هو ۽ ڏسندو هو ته هو ڪهڙي انداز ۾ ڪيئن ٿو لڳي! ان ڪم لاءِ هن هڪ خاص فوٽوگرافر رکيو هو. ان ئي فوٽوگرافر وٽ ”ايوا برائون“ نالي هڪ نوجوان خوبصورت ڇوڪري اسسٽنٽ طور ڪم ڪرڻ لڳي، ان ئي اسٽوڊيو ۾ ايوا ۽ هٽلر جي ملاقات ٿي هئي. ايوا ته هٽلر جي ديواني ٿي وئي هئي، پر هٽلر به هن کي دل ڏئي ويٺو. ائين هو پيار جي پيچرن تي هلڻ لڳا. جڏهن هٽلر زندگي جي مختلف لاهن چاڙهن جي ڪري ايوا کي وقت ڏئي نه سگهندو هو ته هوءَ مايوس ٿي ويندي هئي. هٽلر کان پري هجڻ هن کي اداس ڪري ڇڏيندو هو ان حالت ۾ ايوا ٻه ڀيرا خودڪشي جي ڪوشش به ڪئي هئي، پر ٻئي ڀيرا بچي وئي هئي. بعد ۾ هٽلر هن سان گهڻي کان گهڻو وقت گڏ گذارڻ لاءِ پهاڙين ۾ ايوا جي محبت ۾ هڪ عاليشان محل جوڙايو، جنهن جي آس پاس به عام ماڻهوءَ کي وڃڻ جي اجازت ڪونه هئي، جو هٽلر کي اهو پسند ڪونه هو ته ڪو ٻيو ايوا سان ملي.

29 اپريل 1945ع تي ايوا ۽ هٽلر شادي ڪئي، پر سندن هيءَ شادي فقط ڪجهہ ڪلاڪ ئي قائم رهي سگهي هئي، ڇاڪاڻ ته 30 اپريل 1945ع تي ايوا ۽ هٽلر گڏجي خودڪشي ڪري ڇڏي هئي.

# امير مينائي جي معصوميت

’کشتیاں سب کی کنارے پہ پہنچ ہی جاتی ہیں
ناخدا جن کا نہیں ان کا خدا ہوتا ہے‘

جهڙن ۽ ٻين اهڙن انيڪ عاليشان شعرن جو خالق معروف اديب ۽ شاعر امير مينائي جنهن نواب نصيرالدين حيدر جي عهد ۾ لکنوءَ ۾ اک کولي. امير مينائي داغ دهلوي جهڙي باڪمال شاعر جو همعصر هيو. طبيعت ۾ شريف النفس، پاڪباز ۽ عبادت گزار هيو، مزاج ۾ توڪل ۽ فقيري هيس. جيتوڻيڪ امير مينائي جي ڪلام ۾ زبردست ربط ۽ رواني هئي پر هو داغ جي ڪمال فن مان متاثر هيو. بيباڪ ۽ صاف گو امير مينائي هڪ دفعي داغ وٽ ويٺو هو. ڳالهين ڪندي امير مينائي دل جي ڳالهہ داغ دهلوي سان چوريندي ڪيس چوڻ لڳو تہ هڪ سوال آهي جيڪو ڪجهہ وقت کان منهنجي ذهن ۾ گردش ڪري رهيو آهي تہ منهنجي شاعري ۾ اها نزاڪت، چاشني ۽ رومانوي اثر ڇو ڪونهي جيڪو تنهنجي شاعري ۾ آهي.؟

داغ پڇيس : تون ڪڏهن مئخاني جو رخ ڪيو آهي؟

امير مينائي لاحول پڙهندي چيس معاف ڪجو داغ صاحب اهو توهان ڪهڙو سوال تا ڪيو!!

داغ وري سوال پڇيس: ڀلا ڪڏهن ڪنهن حسينہ جي محفل ۾ وڃي گانو ٻڌو اٿئي؟

امير مينائي توبہ توبہ ڪندي انڪار ڪيو.

داغ چيس آخري سوال: اهو ٻڌاءِ تہ ڪڏهن تنهنجو ڪنهن رقص جي محفل ۾ وڃڻ ٿيو؟

امير مينائي ڪنن جي پاپڙين کي هٿ لائيندي انڪار ڪيو.

داغ مرڪي پيو ۽ مينائي جي ڪلهي تي هٿ رکي کيس چيو: ميان رڳو زال کي ڏسي شاعري ڪندين تہ پوءِ رومانوي اثر ، نزاڪت ۽ چاشني بہ اهڙي ئي هوندي نہ!

❋❋

# مان ۽ مرتبو

پڇيو ويو :_ ’ زن ۽ زمين جي ڪشش ۾ ڪهڙو فرق آهي؟‘

جواب مليو:_ ’فرق ڪٽي ڪهڙو ٻہ هجي پر ٻئي ماڻهوءَ کي مٽي ۾ ملائي ڇڏينديون آهن.‘

اهو حاضر جواب ڪو ٻيو نہ پرسيد احمد شاھ هيو جنهن کي دنيا پطرس بخاري جي نالي سان سڃاڻي ٿي- پطرس بخاري هڪ ئي وقت مزاح نگاي، افسانا نگاري، شاعري توڙي براڊ ڪاسٽنگ ۾ پاڻ مڃايو- ساڳي وقت هو سفارتڪار، تعليمدان ۽ بيوروڪريٽ بہ رهيو. سندس مضمون هندوستان ۽ پاڪستان جي تعليمي نصاب ۾ شامل آهن.

هي عظيم مزاح نگار جيڪو پنهنجي حاضر جوابي لاءِ گهڻو مشهور هيو.

هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ پطرس بخاري جڏهن گورنمينٽ ڪاليج لاهور جو پرنسيپال هيو ۽ پنهنجي آفيس ۾ ويٺو ڪم ڪري رهيو هو تہ هڪ صاحب ساڻس ملڻ سندس آفيس آيو. پطرس بخاري جيڪو ان وقت ڪجھ لکڻ ۾ مصروف هيو. اچڻ واري ڪيس سلام ڪيو پطرس بخاري سلام جو جواب ڏيندي ان صاحب ڏانهن ڏسڻ بنا ڪيس چيائين: ’مهرباني ڪري تشريف رکو‘

ان صاحب ڳالهايو :_ ’مان لاهور جو ڊپٽي ڪمشنر آهيان‘

پطرس بخاري ڏانهس ڏسڻ بنا وراڻيو :_ ’تہ پوءِ توهان ٻن ڪرسين تي ويهي رهو.‘

**

# تاج محل جا بدلجندڙ رنگ

هندستان جي شهر آگري جي اڳڻ ۾ تجلا ڏيندڙ "تاج محل" پنهنجي تعمير جي چئن صدين کانپوءِ بہ پوري دنيا ۾ محبت جي معتبر علامت طور سڀ کان مشهور مقبري طور مشهور آهي. مغل شهنشاهہ شاهجهان پاران پنهنجي محبوب ترين زال ممتاز محل جي ياد ۾ جوڙايل تاج محل دنيا جي عجوبن ۾ شمار ٿئي ٿو.

. تاريخ ۾ آهي تہ نورجهان کانپوءِ جيڪڏهن ڪنهن ملڪہ پردي جي پويان مغل سلطنت تي حڪومت ڪئي تہ اها ممتاز محل هئي. شهنشاهہ شاهجهان جنهن کي مغل سلطنت جو پنجون طاقتور حڪمران مڃيو وڃي ٿو، تنهن پنهنجي محبوب ترين زال ممتاز جي وفات کان پوءِ هڪ عاليشان مقبرو جوڙائڻ جو سوچيو، جنهن لاءِ هن جو شرط اهو هو تہ اهڙو مقبرو اڏيو وڃي، جيڪو ان کان اڳ دنيا ۾ ڪڏهن بہ ڪٿي بہ تعمير نہ ٿيو هجي. ائين سالن جا سال ڏينهن رات جي محنت سان هزارين مزدورن تاج محل تيار ڪري ورتو.

تاج محل جي تعمير ۾ شاهجهان جهڙوڪ سمورو خزانو ختم ڪري ڇڏيو، محبت جو اهو يادگار تعمير ڪرڻ لاءِ شاهجهان جي ان شاهي خرچ تي ڪاوڙ ڪندي ساحر لڌيانوي جهڙي شاعر جي هڪ نظم تمام گهڻي شهرت ماڻي، جنهن سبب ساحر پنهنجي محبوب سان مخاطب ٿيندي تاج محل تي تنقيدي ڪندي لکيو تہ:

اک شہنشاہ نے دولت کا سہارا لے کر،
ہم غریبوں کی محبت کا اڑایا ہے مذاق،
میری محبوب کہیں اور ملا کر مجھ سے۔

هن مقبري جي انفراديت ۽ عجب ۾ وجهندڙ ڳالهہ اها آهي تہ تاج محل ڏينهن رات ۾ مختلف رنگ مٽائيندو آهي، پرهہ ڦٽيءَ وقت هن جو رنگ گلابي ۽ شام جي وقت کير جهڙو اڇو ٿي ويندو آهي. تاج محل جي انهن تبديل ٿيندڙ رنگن کي عورت جي مزاج سان تشبيهہ ڏني وڃي ٿي.

# هڪ داناءَ جي ناداني

جيتوڻيڪ اها تاريخي حقيقت آهي تہ عظيم فرانسيسي انقلاب ۾ پيڙهہ جي پٿر جو ڪردار هن جي تحريرن ادا ڪيو. سندس فڪر نئين واٽ جو سونهون بڻيو. ان امر کان بہ انڪار ڪونهي تہ هو دماغ بدران دل سان سوچيندڙ هڪ بيچين روح هيو. اها بہ حقيقت آهي تہ هن سچائي جي نشتر سان ڪوڙهيل سماج جي گندگي کي ڪورڻ جي ڪوشش ڪئي. دوستن جو هو دلربا هيو تہ گڏوگڏ هر هنڌ هرجاءِ محبتون بہ ٻئي ٻانهون کولي هن کي پليڪار جي پاڪر ۾ آڻينديون هيون. سچ اهو بہ آهي تہ

هو ڪنهن قدر غير مستقل مزاج بہ هيو جنهن ڪارڻ هن ڪيترين ئي نندين وڏين نوڪرين بہ ڇڏيون.

پر تاريخ هن جي ذاتي زندگي جو جڏهن تاريڪ پاسو ڏيکاري ٿي تہ اندازو ٿئي ٿو تہ سوچ ۽ فڪر جي ميدان جو هي مير وڏو دماغ رکڻ وارو نديڙو ماڻهو هيو جو هن کي ٿيريسي نالي عورت مان پنجن ٻارن جو اولاد بہ ٿيو پر هو هر ٻار کي پيدا ٿيندي ئي لاوارث ٻارن جي اسپتال ۾ ڇڏي ايندو هو. اهو بهانو بڻائي تہ هو سندن پالنا ڪري ڪونہ سگهندو - ايئن هو پنهنجي اولاد کي پاڻ کان الڳ ڪري رياست جي سپرد ڪندو ٿي ويو-توڙي جو اڳتي هلي ڪيس سندس ان عمل تي پڇتاءَ بہ ٿيو ۽ هن پنهنجي ان عمل کي پنهنجو ڪڏو ڪم قرار ڏيندي پنهنجي آتم ڪٿا جي ڪتاب ۾ مجرماڻو اعتراف بہ ڪيو-سندس آتم ڪٿا دنيا جي سڀ کان گهڻي پڙهي ويندڙ آتم ڪٿائن ۾ شمار ٿئي ٿي. هو لکي ٿو تہ هن بعد ۾ پنهنجن ٻچڙن بابت پڇائون بہ ڪيون پر ڪيس ڪنهن جو ڪوبہ پتو ڪونہ پيو. هي ذڪر ان شخص جو آهي جنهن کي علم ۽ ادب جي دنيا عظيم مفڪر روسو جي نالي سان سڃاڻي ٿي.

٭٭

# ڊيڪارٽ جي نازڪ مزاجي

رين ديڪارٽ فلسفي جي دنيا جو اهو داناءُ استاد جنهن پنهنجي ڏاهپ سان فرانس جي علم پرور زمين تي پنهنجي علم، عقل ۽ دانش جا جهنڊا کوڙيا.

جيتوڻيڪ اهو ضروري ناهي تہ ان کي هڪ بلڪل ئي مستند حقيقت تسليم ڪيو وڃي پر تاريخ جي انيڪ ورقن تي اهو تحرير آهي تہ جيئن سقراط لاءِ مشهور هيو تہ هو برف تي پيرين اگهاڙي هلندو هو ۽ سڄو ڏينهن برف ۾ ويهي غور و فڪر ڪندو هو تيئن ئي ان جي ابتڙ ديڪارٽ لاءِ اهو چيو وڃي ٿو تہ هن جو ذهن وري فقط گرم رهڻ سان ئي موج ۾ ايندو هو، حرارت هن جي سوچ کي سگهہ ڏيندي هئي. تڏ ڪيس پاڻ ۽ نہ پوندي هئي. جهڙي طرح سقراط تي سردي سوچن جا سمورا در کولي ڇڏيندي هئي ساڳي ريت اها ئي ٿڌ دڪارٽ جي تخليقي صلاحيتن کي منجمد ڪرڻ لڳندي هئي. دڪارٽ ٿڌ کان پري ڀڄندو هيو. ايتري قدر جو هڪ ڏينهن ايتري ٿڌ پئي جو هو وڃي آتشدان ۾ ويهي رهيو ۽ سڄو ڏينهن اونهين سوچن ۾ ٻڏل رهيو، جڏهن شام جو ٻاهر آيو تہ هڪ خاص نقطي تي سندس اڌ نظريو مڪمل ٿي چڪو هو. دڪارٽ کي دير تائين سمهڻ جي عادت هئي، هو منجهند کان اول ننڊ مان نہ اٿندو هو- ڪو ڪيس سوير جاڳائيندو هو تہ هو بي آرام ٿي پوندو هو ۽ سندس موت جو سبب بہ گهڻي پاڻي اها بي آرامي بڻي جو جڏهن دڪارٽ سويڊن جي راڻي ڪئٿرين کي سبق پڙهائڻ سندس سلطنت ويو ۽ راڻي جي بي پناهہ مصروفيتن کي نظر ۾ رکندي ديڪارٽ کيس پاري پوندڙ ٿڌ ۾ صبح جو سوير پنجين وڳي اٿي سبق پڙهائڻ لڳو- پر پنهنجي نازڪ نفيس طبيعت سان اها زيادتي دڪارٽ کي مهانگي پئجي وئي، ٿڌ ۽ بي آرامي جي سٽ نہ سهندي هو اهڙو بيمار ٿيو جو وري اٿي نہ سگهيو ۽ جهان ئي ڇڏي ويو.

**

# ڀٽو صاحب ۽ حبيب جالب

هي انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي جڏهن ڀٽو صاحب جنرل ايوب جي دور ۾ وزير خارجہ هيو ۽ تاشقند معاهدي جي معاملي تي ٻنهي ۾ اختلاف چوٽ چڙهي ويا هيا ۽ ڀٽو صاحب جي علاج جي بهاني ملڪ کان ٻاهر وڃڻ جون خبرون اچڻ لڳيون تڏهن حبيب جالب ڀٽو صاحب جي لاءِ هڪ نظم لکيو تہ:

’دست خزاں میں اپنا چمن چھوڑ کے نہ جا
آواز دے رہا ہے وطن چھوڑ کے نہ جا‘

جڏهن ڀٽو صاحب لاهور جي هڪ هوٽل ۾ ترسيل هيو تہ اتان حبيب جالب ڏانهن پيغام موڪليائين تہ پاڻ ساڻس ملڻ گهرن ٿا تنهن مهل ڪافي هائوس ۾ ويٺل جالب ڪيس جواب ڏياري موڪليو تہ مان وزيرن سان ناهيان ملندو جيڪڏهن ڀٽو صاحب ساڻس ملڻ چاهين ٿا تہ وٽس اتي ڪافي هائوس ۾ اچي ملن- جالب ۽ سندس دانشور دوستن جي اندازي جي ابتڙ ڀٽو صاحب هلي اچي حبيب جالب سان ڪافي هائوس ۾ مليو. جالب ۽ سندس شاعر اديب ۽ دانشور دوست ڀٽو صاحب جي حسن اخلاق ۽ سلجهيل گفتگو مان گهڻو متاثر ٿيا. ڀٽو صاحب جالب کي چيو تہ هاڻي تہ هو سندس پيغام ملڻ تي ڀٽو صاحب سان ملڻ ايندو نہ؟ جالب مرڪي ها ۾ ڪنڌ لوڏيو. موڪلائڻ وقت ڀٽو صاحب جالب کي چيو هاڻي مون کي اهو نظم ٻڌاءِ جيڪو تون منهنجي لاءِ لکيو آهي، تہ جالب وراڻيس ڀٽو صاحب اوهان تي لکيل نظم اوهان کي سامهون ٻڌائڻ سراسر خوشامد ٿيندي جيڪا منهنجي فطرت جي خلاف آهي. جواب ٻڌي ڀٽو صاحب مرڪي روانو ٿي ويو.

**

# فرعون جي حقيقت

فرعون جو ذڪر اچڻ سان ئي اسان جي ذهن ۾ حضرت موسيٰ ۽ فرعون جو قصو ذهن تي تري اچي ٿو- جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ ان حاڪم جوئي نالو فرعون ڪونہ هيو جو قديم مصر تي ڪيترا ئي فرعون حڪومت ڪري چڪا ۽ايئن حضرت موسيٰ جي زماني وارو فرعون بہ انهن هيڪاندن فرعونن منجهان هڪ فرعون هيو. تاريخ جي ورقن موجب اٽڪل ٽيهن خاندانن قديم مصر تي حڪومت ڪئي اهڙي طرح اتي انيڪ فرعون حاڪم رهيا ڇاڪاڻ تہ فرعون ان دور ۾ مصر جي بادشاهن جو لقب هيو. جيڪو بہ بادشاهہ بڻبو هو ان کي فرعون سڏيو ويندو هو- جنهن جي مصري زبان ۾ معنيٰ آهي 'اوچو محل'. سندس لغوي معنيٰ 'عظيم محل' بڻجي ٿي. جنهن مان مراد بادشاهہ جو محل هيو جو اهو سمجهيو ويندو هو تہ تمام فرعون مصري ديوتائن جي اولاد آهن.

نيشنل جاگرافڪ جي هڪ رپورٽ مطابق حضرت موسيٰ جي دور جي فرعون جي سڃاڻپ تي تمام گهڻو بحث ڪيو ويو آهي جنهن ڪان پوءِ محققن ۽ تاريخدانن جي اڪثريت ان ڳالهہ تي متفق آهي تہ حضرت موسيٰ جي عهد ۾ جيڪو فرعون هيو ان جو نالو {رعميس دوئم 'ٻيو'} هيو.

جهڙي طرح چين جي بادشاهہ کي ( خاقان) روس جي بادشاهہ کي (زار) روم جي بادشاهہ کي (قيصر) ۽ ايران جي بادشاهہ کي (ڪسري) سڏيو ويندو هو ساڳي طرح قديم مصرجا بادشاهہ فرعون سڏبا هيا.

**

# اداڪار جون ايليا

جون ايليا برصغير جو اهو اديب آهي جنهن جي تحرير جو انداز انوکو آهي. ايتري قدر جو شاعري سان دلچسپي رکندڙ هر ماڻهو جون ايليا جي شعر کي ڪنهن ڪان ٻڌندي يا ڪٿي پڙهندي ئي سڃاڻي وٺندو تہ اهو جون ايليا جو شعر آهي. جون ايليا جنهن اٺن سالن جي عمر ۾ ئي پهريون پيار ڪري پهريون شعر چيو تہ:

چاہ میں اس کے طمانچے کھائے ہیں
دیکھ لو سرخی میرے رخسار کی.

عربي، انگريزي، فارسي ۽ سنسڪرت ۾ بہ ڪمال جي دسترس رکندڙ جون ايليا فلسفي، سوانح نگار ۽ عالم بہ هيو- هن ڪچي عمر ۾ پنهنجي خيالي محبوبہ صوفيہ جي نالي تي وڏا افلاطوني قسم جا خط بہ لکيا.

پر تمام گهٽ ماڻهن کي اها خبر آهي تہ جون ايليا شروع ۾ پنهنجي پاڙي ۾ اداڪاري جي حوالي سان مشهور هيو. ان زماني ۾ ’بزم حق نما‘ نالي ڊراما ڪلب قائم هيو جيڪو اسلامي تاريخ متعلق ڊراما پيش ڪندو هو. جون ايليا دوستن سان گڏجي وڏي چاھ سان اهي ڊراما ڏسندو هو.

ايئن شوق ۾ هن پنهنجي هڪ دوست سان ملي هڪ ڊراما ڪلب بہ ٺاهيو هيو ۽ پاڻ ئي ڊرامن ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪندو هو. پر سندس اداڪاري جو اهو شوق تمام جلد 1946 ع ۾ ئي پورو ٿي ويو ۽ جون ايليا هڪ شاعر طور اهڙي شهرت ماڻي ورتي جو سندس اداڪاري وارو پاسو ماڻهن تہ ڇا پر خود هن کان بہ جهڙوڪ وسري ويو تہ ڪو جون ايليا ادااڪار بہ هوندو هو.

’جو گذاری نہ جاسکی ہم سے
ہم نے وہ زندگی گذاری ہے‘

❊❊

# نيري رنگ جا ڪتاب

ایک محبت کافی ہے
باقی عمر اضافی ہے

۽ ان جهڙا انيڪ اڻڳڻيا خوبصورت شعر هن جي قلم جي نب مان نڪري عام زبان جي زينت بڻيا. پنهنجي نالي جيان محبوب خزان هڪ محبوب شخصيت جو مالڪ هيو. صوفي منش، ساده طبيعت ، غزل گيت ۽ نظم جو هي بهترين شاعر سنڌ جو اڪائونٽنٽ جنرل بہ رهي چڪو. گهٽ ڳالهائيندڙ، گهڻو پڙهندڙ ۽ تمام سٺو لکندڙ محبوب خزان مشاعرن ۾ وڃڻ گهڻو پسند ڪندو هو پر اتي هو پنهنجو ڪلام ڪونہ پڙهندو هو بس خاموشي سان ويهي ٻين ڪي ٻڌندو هو.

هڪ دفعي سندس چاڻ سڃاڻ واري هڪ عورت وٽس آئي ۽ ساڻس حجت ڪئي تہ هو هن سان گڏجي بوڪ اسٽور تان ڪتاب خريد ڪرڻ ۾ سندس رهنمائي ڪري. عورت جو مطالعي سان چاهہ ڏسي محبوب خزان خوش ٿيو ۽ هن سان گڏ بوڪ اسٽور تي ويو. جتي ان عورت ڪتاب چونڊڻ شروع ڪيا جن ڪي اها عورت بنا کولڻ يا جاچڻ جي خريد ڪرڻ لاءِ چونڊيندي پئي وئي ڪافي ڪتابن جي تہ نالو پڙهڻ کان سواءِ ئي چونڊ ڪندي پئي وئي، اهو لقاءَ ڏسي محبوب خزان کان رهيو نہ ٿيو ۽ هن ڪجهہ ڪتابن کي غير معياري قرار ڏيندي ڪيس اهي ڪتاب خريد ڪرڻ کان منع ڪئي پر ان عورت ضد ڪري بہ اهي ڪتاب خريد ڪيا ۽ محبوب خزان کي ٻڌايو تہ دراصل هن جي گهر جي ڊرائنگ روم جي پردن جو رنگ نيرو آهي ان ڪري ڪيس انهن سان ميچنگ لاءِ رڳو نيري رنگ جا ڪتاب ئي وٺڻا آهن جيئن ڊرائنگ روم جو ڏيک خوبصورت لڳي. اهو ٻڌي محبوب خزان ماٺ ڪري هڪ ڪنڊ وٺي ويهي رهيو.

**

# غدار محل

ڪجهہ عمارتن جي قسمت بہ عجيب ٿئي ٿي. تاريخ ۾ اهڙين عمارتن جو بہ هڪ عجيب الميو آهي جيڪي ڪمال کان زوال طرف هليون وڃن ٿيون. ان سانحي کي ٽي هزار سال جو طويل عرصو گذري چڪو آهي جو هن عمارت کي نفرت جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو. سندس بت تي اهڙو تہ بدنما داغ لڳو جو ڪڏهن بہ ڌوپجي نہ سگهندو. هڪ اهڙو داغ جنهن سبب هن جو نالو ئي 'غدار محل' پئجي ويو.

اها عمارت جنهن کي ڪنهن زماني ۾ نواب سراج الدولا جي عاليشان محل جو رتبو حاصل هيو تنهن ۾ ئي جڏهن نواب صاحب جي ساهہ جي تند ٽوڙي وئي تہ اها عمارت 'نمڪ حرام ڏيوڙهي' طور بدنام ٿي نفرت جو مثال بڻجي وئي. ميرجعفر جيڪو نواب صاحب جي فوج جو هڪ سپهہ سالار هيو پر سندس وفاداري انگريزن سان هئي. مير جعفر بدنيت هيو، هن جون نظرون تخت بنگال ۾ هيون جنهن لاءِ نواب سراج الدولا جو اعتماد کٽڻ کان پوءِ شاطر دماغ مير جعفر نواب سراج الدولا سان غداري ڪندي ارڙهين صدي ۾ جنگ ۾ انگريزن جو ساٿ ڏئي نواب صاحب کي گرفتار ڪرايو جنهن کان پوءِ نواب کي ان ئي محل ۾ ڦاسي ڏني وئي هئي ۽ پوءِ اهو محل مير جعفر جي استعمال ۾ رهيو جنهن کان پوءِ هي محل اهڙو ڦٽو جو اڄ تائين مٽس فتڪار وسندي پئي اچي.

تاريخ ۾ غداري جو اهڃاڻ بڻيل مير جعفر سان منسوب هي غدار محل مغربي بنگال جي مرشد آباد وٽ واقع آهي.

عالمي اداري يونيسڪو پاران بہ غدار محل قرار ڏنل هن عمارت کي نہ تہ ڪو استعمال ڪري سگهي ٿو ، نہ ٽوڙي سگهي ٿو ۽ نہ ئي سندس نالو تبديل ڪري سگهي ٿو. هن وٽان گذرندڙ هر شخص پنهنجي پنهنجي انداز سان ساڻس نفرت جو اظهار ڪندي گذرندو آهي.

**

# ٻارڙن ڪان نفرت ڪندڙ ليکڪا

Enid Blyton، ٻارڙن جي تحريرن جي حوالي سان سڀ ڪان وڏيڪ پڙهي ۽ پسند ڪئي ويندڙ ليکڪا. هوءَ ٻارن جي محبوب ليکڪا هئي. 1930 ع ڪان 1950 ع تائين جي وچ واري عرصي ۾ هن جا سڀ ڪان وڏيڪ رڪارڊ تعداد ۾ ڪتاب وڪرو ٿيا. ٻارن کي سندس تحريرن جو انتظار هوندو هو. هن ٻارن جو شاهڪار ادب تخليق ڪيو. سندس مقبوليت جي بلندگراف جو اندازو ان مان به لڳائي سگهجي ٿو ته هن جي تحريرن کي دنيا جي (90) نوي زبانن ۾ ترجمو ڪيو ويو.

11 آگسٽ 1897 ع ۾ انگلينڊ ۾ اک ڪولينڊڙ ۽ ٻارن جي تحريرن ۾ پاڻ مڃائيندڙ هن ليکڪا جي نظمن جو پهريون ڪتاب (Child whisper) هو سندس ڪيترائي ڪتاب ڪلاسڪ ادب جو درجو رکن ٿا.

هن ليکڪا جي حوالي سان حيران ڪندڙ انڪشاف اهو آهي ته هوءَ ٻارن ڪان نفرت ڪندي هئي.

خاص ڪري پنهنجي ٻارن سان سندس رويو ظالماڻو هو. هن جا پاڙيسري هن خلاف دانهين هئا ته هوءَ پاڙي جي ٻارن کي وڏي آواز ۾ راند ڪرڻ کونه ڏيندي هئي. پنهنجن ٻارن کي سندن پيءُ سان ملڻ به کونه ڏيندي هئي جنهن هن کي چڙدي وجي ٻي شادي ڪئي هئي. (Enid Blyton) جي ڌيءَ (Imogen) سندس آتم ڪٿا ۾ لکيو آهي ته هوءَ هڪ غير محفوظ مغرور ۽ ظالم ماءُ هئي. جنهن وٽ جڏهن سندس پرستار ٻار ملڻ ايندا هئا ته هوءَ سندن چانهه پارٽي ڪندي هئي. پر پنهنجن ٻارن کي ڪمري ۾ قيد رکندي هئي. اهڙن انڪشافن ڪان پوءِ سندس ڪيترن ڪتابن تي پابندي پڻ لڳائي وئي هئي.

**

# عورت، عشق ۽ ٽالسٽاءِ

هو جنهن جو دل جي تارن کي ڇيڙيندڙ قول هيو تہ ’هن دنيا ۾ مرد لاءِ سڀ کان اهم شيءِ هڪ دانشمند عورت جو ساٿ آهي.‘

جنهن پاڻ کان 16سال ننڍي نوجوان خوبصورت ڇوڪري Sophia Andreevna سان پيار جي شادي ڪئي، هو Sophia سان شديد محبت ڪندو هو. ايتري قدر جو شادي جي پهرين رات ئي هن پنهنجي زندگي جي ڪتاب جا اهي ورق بہ کولي سندس آڏو رکيا جيڪي ڪڏهن ڪڏهن انسان پاڻ کان بہ لڪائيندو آهي. هن پنهنجي محبوب زال کي پنهنجي جواني جي مڙني معاشقن جا قصا بہ ٻڌايا هيا. پوءِ ان زال جي کک مان هن جي ڪيتري ئي اولاد پيدا ٿي. تاريخ ۾ جن جو تعداد 13 لکيل آهي.

سندس ان ئي محبوب زال ڪيس سندس ناول War and Peace لکڻ ۾ تمام گهڻي مدد ڪئي. پنهنجي سڀ کان وڏي ۾ وڏي ناول ۾ نفساني محبت جا مڪالما لکڻ وارو هي عظيم اديب ليو ٽالسٽاءِ بعد ۾ عشق حقيقي طرف رخ رکيو. راهبن واري زندگي طرف مائل ٿيڻ لڳو، نفساني عشق جو نشو لهي ويس، عشق مجازي ۾ ڪيئي ڪاغذ ڪارا ڪندڙ ٽالسٽاء زندگي جي آخري ڏهاڙن ۾ عشق حقيقي جي پرچار ڪرڻ لڳو. سندس ان طرز حيات سبب هن جي پياري زال هن کان ناراض رهڻ لڳي. نيٺ بيزار ٿي ٽالسٽاءِ نومبر جي هڪ تمام سرد رات جو گهر ڇڏيو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ريلوي اسٽيشن تي جتي هو مسافرن کي ترڪ دنيا ۽ صبر جا سبق ڏيندو هو سردي جي سٽ نہ سهندي بيهوش ٿي ويو. ماڻهن ڊاڪٽر کي گهرايو پر ڪجهہ ڪلاڪن کان پوءِ سندس موت واقع ٿي ويو.

*’آب بقا سے بڑھ کر ہے زھر فنا مجھے‘*

**

# غالب جون ڳالهيون

شايد مشتاق احمد يوسفي ئي چيو هو تہ ”مرزا غالب اهو واحد شاعر آهي جيڪو جيترو سمجهہ ۾ نہ ايندو آهي اوترو ئي وڌيڪ مزو ڏيندو آهي.“

تاريخ جي مستند شاهدين مطابق مرزا اسد الله خان غالب 27 ڊسمبر 1797ع ۾ ڪالا محل، شهر آگري رياست ڀرت پور هندوستان ۾ اک کولي.

سخن جي دنيا اوڻويهين صديءَ کي ”غالب جي صدي“ قرار ڏئي ٿي. جڏهن تہ ان کان اڳ واري صدي يعني ارڙهين صديءَ کي ”مير تقي مير جي صدي“ ڪوٺيو وڃي ٿو. مير تقي مير جنهن کي مرزا غالب پنهنجو روحاني استاد تسليم ڪيو هو.

آگري کي الوداع چئي، مرزا غالب جڏهن دهليءَ جي ڌرتيءَ تي پنهنجي شاعريءَ جي شهنشاهت قائم ڪرڻ آيو هو ۽ گهٽين ۾ گهمندو هو، تہ هڪ ڏينهن انهن گهٽين ۾ گهمندي هن هڪ فقير کي مير تقي مير جو ڪلام ڳائيندي ٻڌو..

”پتا پتا بوٹا بوٹا حال ہمارا جانے ہے،
جانے نہ جانے گل ہی نہ جانے،
باغ تو سارا جانے ہے۔“

تڏهن مرزا جي وات مان بي اختيار واهہ نڪري وئي ۽ ان ئي وقت مير تقي مير جي شعر جو معترف ٿيندي مرزا غالب تسليم ڪيو تہ:

”ریختے کے تم ہی استاد نہیں ہو غالب،
کہتے ہیں اگلے زمانے میں کوئی میر بھی تھا۔“

اوڻويهين صديءَ جو هي عظيم شاعر مرزا اسد الله غالب جڏهن آگري مان لڏي اچي دهليءَ ۾ لڏو لاهي ويٺو تہ کيس خبر پئي تہ شاهي قلعي ۾ فقط ابراهيم ذوق جي شاعريءَ جو راڄ آهي جيڪو ڪنهن بہ ٻئي شاعر کي پير کوڙڻ ڪونہ پيو ڏئي. درٻاري شاعريءَ ۾ پيش پيش ابراهيم ذوق درٻار جو دادلو هو ۽ دهليءَ ۾ مرزا غالب کي سندس شاعريءَ تي داد ڏيڻ تہ پري جي ڳالهہ ڪو سندس شعر ٻڌڻ لاءِ بہ تيار نہ هو. هڪ دفعي مرزا غالب کي قلعي ۾ هڪ

مشاعري ۾ دعوت ڪلام تہ ضرور ڏني وئي، پر اتي ابراهيم ذوق ۽ سندس ساٿي شاعرن مرزا غالب سان توهين آميز ورتاءُ ڪيو. جنهن ڪان پوءِ مرزا غالب ڪي ابراهيم ذوق تي ڏاڍي چڙ هئي، تہ هن ڪان گهٽ حيثيت وارا شاعر قلعي ۾ شاهي قالينن تي فخر وچان ڪنڌ مٿي ڪري هلي رهيا آهن ۽ هن تي دربار جا دروازا ئي بند آهن.

هڪ ڀيري مرزا غالب پنهنجي هم خيال دوستن سان بازار ۾ هڪ هنڌ وينو هو تہ ٺيڪ ان وقت ابراهيم ذوق جي شاهي سواري جو اتان گذر ٿيو. سندس وڏائي ۽ فخر ڏسي مرزا غالب وڏي واڪ چيو تہ:

”بنا ہے شاہ کا مصاحب پھرے ہے اتراتا۔“

ان جملي تي ذوق کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. هن اها شڪايت بادشاهہ تائين پهچائي. جلد ئي قلعي ۾ مشاعرو ڪوٺايو ويو جنهن ۾ غالب کي بہ دعوت ڏني وئي. مشاعرو شروع ٿيڻ وقت بادشاهہ ظفر، خاص مرزا غالب کي تنبيهہ ڪندي چيو تہ هو سندس استاد ابراهيم ذوق جي شان ۾ گستاخي نہ ڪري. ان جي جواب ۾ مرزا غالب وراڻيو تہ هن ذوق جي شان ۾ ڪابہ گستاخي ڪونہ ڪئي آهي، بس هن تي ان وقت پنهنجو شعر پئي پڙهيو جنهن وقت بازار مان ذوق گذري رهيو هو. غالب جو اهو ڪوڙ پڪڙڻ لاءِ ڪيس چيو ويو تہ جيڪڏهن اها ڳالهہ آهي تہ هو هن محفل ۾ اها پوري غزل پڙهي ٻڌائي.

مرزا غالب جيڪو ڪمال جو حاضر دماغ هو تنهن ان وقت ئي پوري غزل جوڙي ٻڌائي خوب داد حاصل ڪيو.

”بنا ہے شاہ کا مصاحب پھرے ہے اتراتا،<br>وگرنہ اس شہر میں غالب کی آبرو کیا ہے۔“

شروع شروع ۾ جڏهن دهليءَ ۾ مرزا غالب کي ٻڌڻ وارو ڪير بہ نہ هو ۽ مرزا غالب مفلسيءَ ۽ بي قدريءَ جي اٿاهہ سمنڊ ۾ غوطا کائي رهيو هو، تڏهن هڪ دفعي هن بالا خاني ٻاهران بيٺي اندران طوائف نواب جان جو ڳائڻ ٻڌو، جيڪا سندس ئي ڪلام ڳائي رهي هئي:

”ہاں وہ نہیں خدا پرست جاؤ وہ بیوفا سہی،
جس کو ہو دین و دل عزیز اس کی گلی میں جائے کیوں۔“

پنهنجو شعر پهريون ڀيرو ڪنهن ٻئي جي واتان ٻڌي مرزا غالب ٻهڪي پيو ۽ خوش ٿي پنهنجي ڪتب فروش دوست کي چيائين ته: ”جنهن شعر کي بازار ۾ فقير ۽ بالاخاني ۾ طوائف ڳائي اهو شعر ڪڏهن به مري نه ٿو سگهي.“

مرزا غالب جي لاءِ مشهور آهي ته هو انب کائڻ جو ڏاڍو شوقين هو. هڪ دفعي سندس گهڻن انبن کائڻ واري عادت تي ڪنهن مٿس ٽوڪ ڪندي، انب کٽي هڪ گڏهه جي آڏو اڇلايا... گڏهه انب کي ڏسي منهن ٻئي طرف ڪري ڇڏيو. ان شخص طنز مان کلندي مرزا غالب کي چيو. ”ڏسو مرزا صاحب گڏهه به انب ڪونه ٿا کائن.“

تنهن تي حاضر جواب مرزا غالب ڪيس مرڪي وراڻيو ته:

”گڏهه ئي ته آهن جيڪي انب نه کائيندا آهن.“

دهليءَ ۾ مرزا غالب کي مڃتا ڏياريندڙ طوائف نواب جان جي دلي خواهش هئي ته مرزا غالب دهليءَ جو سرتاج شاعر ٿي اڀري. ان ڏس ۾ هن مزارن تي باسون به باسيون هيون. پنهنجي ٻنهي هٿن جي ترين تي ”مرزا“ ۽ ”غالب“ مينديءَ سان لکندڙ نواب جان جي دلي حسرت هئي ته سندس محبوب شاعر مرزا غالب سندس ڪوٺي تي قرب جا قدم ڀري اچي ۽ هوءَ سندس ئي ڪلام سندس سامهون ڳائي. پر مرزا غالب چاهيندي به ڪڏهن سندس ڪوٺي تي پنهنجو ڪلام ٻڌڻ ڪونه اچي سگهيو. نواب جان اها حسرت دل ۾ کٽي دهليءَ مان هلي وئي.

نيٺ هڪ ڏينهن مرزا غالب جا پير پنهنجو پاڻ نواب جان جي ڪوٺي ڏانهن وڌڻ لڳا. هو ڏاڪڻيون چڙهي مٿي آيو. پر ڪوٺي تي ڪوبه ڪونه هو. ويراني واسو ڪري چڪي هئي. ڪوٺي جي ڀتين تي چوڌاري مرزا غالب جا شعر لکيل هئا:

”عشق مجھ کو نہ سہی، وحشت ہی سہی
میری وحشت تیری شہرت ہی سہی
یار سے چھیڑ چلی جائے اسد

گر نہیں وصل تو حسرت ہی سہی۔“

هڪ محقق ڪنهن جاءِ تي لکيو آهي ته مون ڪان ڪو جيڪڏهن پڇي ته هندوستان کي مغلن جي سلطنت ڇا ڏنو؟ ته مان جواب ۾ ٽي نالا ڪڍندس. (1) غالب (2) اردو ۽ (3) تاج محل.

اوڻويهين صديءَ جي هن عظيم شاعر، غالب جيڪو صرف اوڻويهين صديءَ جو ئي نه پر غالب هر صديءَ جو شاعر آهي، هر صديءَ جي سخن تي غالب آهي.

مرزا غالب زندگيءَ جو گهڻو عرصو مفلسيءَ ۾ گذاريو. هو ”پيئڻ“ جو تمام گهڻو شوقين هو. ڪابه شام هن جي ”پيئڻ“ ڪان خالي ڪونه هوندي هئي. هڪ دفعي مفلسيءَ ڪيس ايترو ته اچي سوڙهو ڪيو جو وٽس ”پيئڻ“ لاءِ مئه ڪونه هئي. هو ڏاڍو اداس هو، آذان جو آواز ڪن تي پيس. مسجد طرف ويو، مسجد ۾ داخل ٿيو، وضو ڪرڻ لڳو، ٻئي طرف سندس هڪ دوست کي خبر پئي ته مرزا غالب بلڪل خالي آهي. هو شراب جي بوتل کڻي اچي پهتو. بوتل کي ڏسي مرزا غالب مسجد ڪان ٻاهر اچڻ لڳو. هڪ نمازيءَ پڇيس مرزا ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين؟ نماز ته پڙهندو وڃ.

مرزا وراڻيس، ”جنهن مقصد لاءِ نماز پڙهڻ آيو هيم اهو ته پورو ٿي ويو.“

”مئہ سے غرض نشاط ہے کس روسیاہ کو،

اک گونا بے خودی مجھے دن رات چاہئے۔“

دهليءَ ۾ قيام پذير ٿيڻ ڪان پوءِ مرزا غالب جنهن جاءِ تي رهڻ لڳو هو، ان کي بعد ۾ مرزا غالب جي حويلي جو نالو ڏنو ويو آهي. غالب جي حويلي قديم دهليءَ ۾ واقع آهي. ڪيس سرڪاري ورثو قرار ڏنو ويو آهي. حويليءَ جي ڀتين تي غالب جون تصويرون ٽهيل آهن. سندس شاعري لکيل آهي. حويليءَ کي عجائب گهر جو درجو عطا ٿيل آهي. هن عجائب گهر ۾ حقيقي زندگي جي جسامت وارو غالب جو مجسمو به آهي جنهن جي هٿ ۾ حقو آهي. غالب جو مجسمو ناليواري مجسمه ساز ڀڳوان رام پوري تراشيو آهي.

❊❊

# ڊيل جهڙي ڊائنا جي ياد ۾

ڪنهن ڏاهي ڪان جڏهن سونهن جي سگهه جي حوالي سان سوال ڪيو ويو ته هن جهڙوڪ ڪنهن جي دل ۾ ديرو ڄمائيندڙ جوانيءَ ڪي ياد ڪندي هڪ اونهو ٿڌو ساهه ڪنيو ۽ وراڻيو:

"سونهن هڪ طاقت آهي ۽ مرڪ سندس هٿيار."

31 آگسٽ اهڙي ئي قهري سونهن ۽ قيامت برپا ڪندڙ مرڪ رکڻ واري ڊيل جهڙي ڊائنا جي ورسي هوندي آهي ۽ واقعي اها سونهن جي سگهه ئي آهي وڏو عرصو گذرڻ ڪان پوءِ به ڊائنا جي ياد جا پنا ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جي ڪتاب ۾ ڪڏي نه سگهيا آهن. اها ليڊي ڊائنا جنهن پنهنجي مقناطيسي مرڪ سان ڪيترائي ڪافر ته ماريا ئي ماريا، پر اڪيچڻا مدبر ۽ معتبر مسلمان هستيون به متس فدا هيون ۽ اهي جڏهن ڪنهن محفل ۾ ليڊي ڊائنا سان ڪي پل گهاريندا هئا، ان محفل ۾ موجود هوندا هئا ته سندن دل مان احمد فراز جو اهو ئي شعر نڪرندو هو ته:

''اس کی محفل میں بیٹھ کر دیکھو
زندگی کتنی خوبصورت ہے۔''

ڊگهي قد واري سنهڙي سيپڪڙي ليڊي ڊائنا پنهنجي سوڙهي سيني اندر سمنڊ جيتري عميق ۽ اونهي دل رکندي هئي. اها ئي ليڊي ڊائنا جنهن جي شادي جڏهن شهزادي چارلس سان ٿي هئي ته اها ان سال جي سڀ ڪان وڏي خبر بڻجي وئي هئي ۽ اها پروقار تقريب اڄ تائين ماڻهن جي من تان ميسارجي نه سگهي آهي. جيتوڻيڪ ليڊي ڊائنا هزارين حسينائن ڪي حيرت زده ڇڏي شهزادي چارلس جي گهر ڏياٽي ته بڻجي وئي هئي، پر جوان دل شاهي خاندان جو چشمو و چراغ هئڻ ڪري چارلس مختلف حسينائن جي زلفن جي زنجيرن ۾ وقتاً فوقتاً ڦاسندو رهيو. اهڙي طرح ليڊي ڊائنا هن لاءِ جڻ ته "گهر کی مرغی دال برابر" جهڙي ٿي وئي هئي. ليڊي ڊائنا پاڻ ڪي محفلن ۾ ملول محسوس ڪرڻ لڳي شاهي هجو من ۾ هيڪلي محسوس ڪرڻ لڳي،

اڪيلائي جي اذيت ڪيس بغاوت لاءِ اتساهڻ لڳي هئي. هوءَ طبيعت ۾ ضدي هئي، دماغ جي نہ پر دل جي ٻڌندي هئي. جيڪي ماڻهو ضدي هوندا آهن جيڪي ماڻهو جذباتي هوندا آهن، جيڪي ماڻهو دل جي آواز تي لبيڪ چوندا آهن، انهن کي ڪاوڙ تمام جلد ايندي آهي.

ڊائنا کي شدت سان محسوس ٿيڻ لڳو هو تہ هوءَ چارلس جي چالاڪين جي چڪر ۾ اچي وئي آهي. سندس ڪوڪلي نام نهاد محبت کي قبول ڪرڻ کي هوءَ پنهنجي زندگيءَ جي عظيم غلطي تصور ڪرڻ لڳي. چارلس سندس مغرور محبوب ثابت ٿيو جنهن کي پنهنجي رتبي تي ۽ حيثيت تي ناز هو.

ڊائنا پنهنجي دل جا ٻرَ ڪولي ڇڏيا آزاد هوائن ۾ اڏامڻ لڳي. هن لاءِ محبت دل جي گلاب جي خوشبو جيان هئي ۽ خوشبو قيد ناهي ٿيندي. ڊائنا ان نظرئي تي عمل ڪندي انيڪ عشق ڪندي رهي. پر اها ڊائنا جي بدقسمتي هئي تہ هيڪاندين محبتن مان ڪا هڪ محبت بہ سندس من جي طوفان کي ماتو ڪري نہ سگهي. ڪيس سڪون ڏئي ڪونہ سگهي. اهو سڪون جيڪو هن چارلس جي ٻانهن ۾ پسڻ چاهيو هو. اها محبت هن چارلس کان طلبي هئي، پر اهو جوش اها محبت، اها شدت شادي کان پوءِ جهڙوڪ ختم ٿي وئي هئي. شاهہ سائين جي سٽ چواڻي:

”من اندر جا لوچ ملڻ سان ماٺي ٿئي.“

چارلس جي محبت هوا تي چڪي هئي اهو چارلس بدلجي چڪو هو جيڪو ڊائنا جي محبت ۾ ان دور جو رانجهو ٿي شاهي تخت کي لت هڻڻ تي آماده ٿي ويو هو، چارلس جي اها محبت ڪيڏانهن گم ٿي وئي هئي.

”اب تو اتنی بھی میسر نہیں مئخانے میں
جتنی چھوڑ دیا کرتے تھے ہم پیمانے میں۔“

ائين گذرندڙ وقت سان گڏ چارلس جي دل ۾ ڊائنا لاءِ محبت پئماني ۾ بچي ويل مڌ جيتري بہ نہ رهي هئي. ان جي نتيجي ۾ ضدي طبيعت ڊائنا چارلس لاءِ مختص ڪيل تن توڙي من غيرن ۾ ورهائڻ لڳي.

ڊائنا جي موت کي اڄ جيتوڻيڪ ٻاويهہ سال وهامي ويا آهن پر ان طويل عرصي ۾ بہ ڏکهن هتن واريون ايجنسيون اهو پڪو ثبوت حاصل ڪرڻ ۾

ناڪام ويون آهن تہ ڊائنا جي موت جو اصل ذميوار ڪير آهي؟ توڙي جو اڄ بہ ڪثرت راءِ سان اهو خيال ڪيو وڃي ٿو تہ سندس قتل جا ذميوار اها پاپازاري فوٽوگرافر ئي آهن جيڪي هر وقت هن جي پٺيان هوندا هئا. جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ ڪيس چارلس جي بيوفائي ۾ رويو ڪڏهن جو بي موت ماري چڪو هو. پاپازاري فوٽوگرافر جيڪي هر وقت سندس سونهن جي مختلف اندازن ۾ ادائن کي ڪئمرا جي اک ۾ قيد ڪرڻ چاهيندا هئا. سي ڪڏهن بہ هن تتليءَ جي اها ادا ڪئميرا جي اک ۾ قيد ڪري ڪونہ سگهيا هئا.

ڊائنا جو من تہ فطرت جي رنگن تي رقص ڪندو هو. هن کي قحط ساليءَ جو شڪار ڪوجهن ڪارڙن آفريڪي ٻارڙن تي پيار ايندو هو. هوءَ ڪينسر جي موذي مرض ۾ مبتلا توڙي ايڊز جو شڪار بدنصيب عورتن توڙي ٻارڙن سان ڳراٽڙي پائي ملندي هئي، ڪانئن ڪک جيتري ڪرپ بہ ڪونہ ڪندي هئي. ان ڪري اڄ بہ سندس موت کي صديءَ جو وڏو سانحو سمجهيو وڃي ٿو تہ هوءَ صرف ظاهري حسن سان ئي مالا مال ڪونہ هئي پر سندس دل بہ دلفريب هئي. سندس خيال بہ صورت هئا. ماڻهو رڳو هن جي خوبصورت خدوخال تي ئي فدا ڪونہ هئا. پر ڊائنا جي انسان دوستي بہ سندن دل ۾ گهر ڪري وئي هئي.

”بچھڑا کچھ اس ادا سے رت ہی بدل گئی
اک شخص سارے شہر کو ویران کر گیا۔“

# بسمل عظيم آبادي: هڪ انقلابي نظم جو اصل خالق

جيتوڻيڪ 1901ع ۾ هندوستان جي شهر پٽنا کان ٽيهہ ڪلوميٽر پري واقع "برداس بگها" نالي ڳوٺ ۾ هڪ بيرسٽر جي اڱڻ تي اک کولیندڙ هن نينگر جو نالو "شاهہ محمد حسن" رکيو ويو. جڏهن تہ پيار ۾ عرف عام ۾ کيس "شاهہ چبو" بہ سڏيندا هئا.

پر هن نينگر جي مٿي تي پيءَ جي شفقت جو هٿ اٺ سؤ ڏينهن جو انگ بہ پورو ڪري ڪونہ سگهيو ۽ ٻن سالن جي ٻاراڻي وهيءَ ۾ ئي هي يتيم ٿي ويو.

ائين هي پٽنا شهر جي عظيم آباد ۾ پنهنجي ناني "شاهہ مبارڪ حسين" جي ڇپر ڇانوَ ۾ پلجڻ لڳو. عظيم آباد جو ماحول خالص شاعراڻو ۽ ادبي هو. ان ماحول هن نينگر جي دل ۽ دماغ تي گهڻو اثر ڇڏيو. ڇو تہ عظيم آباد جي ادبي شاعراڻي ماحول سان گڏوگڏ سندس گهر، جنهن ڪتنب جو هو حصو هو ان ۾ بہ اعليٰ درجي جا شاعر موجود هئا. سندس نانو "شاهہ مبارڪ عظيم آبادي" ۽ چاچو "خان بهادر سيد شاهہ محي الدين عرف شاهہ ڪمال" بہ بهترين شاعر هئا.

ائين شاعراڻو ماحول جڻ تہ هن جي رڳ رڳ ۾ رچي ويو. هن شعر لکڻ شروع ڪيا. هن پنهنجو قلمي نالو "بسمل عظيم آبادي" رکيو.

"بسمل عظيم آبادي" پنهنجي دور جو ناليوارو اديب ٿي گذريو. سندس شاعريءَ ۾ رومانوي ۽ تصوف جو رنگ ڇانيل هوندو هو. ڪيترائي شاهڪار شعر سندس قلم جي نوڪ مان نڪري ڪاغذ جي ڪينواس کي رونق بخشيندا رهيا.

1۔ ہو نہ مایوس خدا سے بسمل
یہ برے دن بھی گذر جائیں گے۔

2۔ تنگ آ گئے ہیں کریں کیا اس زندگی سے ہم
گھبرا کے پوچھتے ہیں اکیلے میں جی سے ہم
مجبوریوں کو کہیں کیا کسی سے ہم

لائے گئے ہیں آئے نہیں خوشی سے ہم

پر جنهن انقلابي نظم بسمل کي شهرت جي بلندين تي پهچايو ان جا ڪجهہ شعر هي آهن.

”سر فروشی کی تمنا اب ہمارے دل میں ہے
دیکھنا ہے زور کتنا بازوئے قاتل میں ہے

اے شہید ملک و ملت میں تیرے اوپر نثار
تیری ہمت کا چرچا غیر کی محفل میں ہے

آج مگر مقتل میں قاتل کہہ رہا ہے بار بار
آئیں وہ شوق شہادت جن جن کے دل میں ہے

وقت آنے دے دکھائیں گے تجھے اے آسمان
ہم ابھی سے کیوں بتائیں کیا ہمارے دل میں ہے

اب نہ اگلے ولولے ہیں اور نہ وہ ارمان کی بھیڑ
صرف مٹ جانے کی اک حسرت دل بسمل میں ہے۔“

تحريڪ آزاديءَ جو حصو ٿيڻ کان پوءِ 1921ع ۾ تحريڪ آزادي جي سلسلي ۾ لکيل سندس ان نظم پوري برصغير ۾ واڄٽ وڄائي ڇڏيا. اها نظم بسمل 1921ع ۾ ڪلڪتي ۾ ڪانگريس جي جلسي ۾ پڙهي هئي. ان کان پوءِ اها انقلابي نظم چڻ تہ هر زبان جو ورد بڻجي وئي. اها نظم انقلاب جو اهڃاڻ تي آزاديءَ جي تحريڪ جو جهڙوڪ ترانو بڻجي وئي.

ايتري قدر جو انقلابي قيدي جڏهن جيل مان پوليس جي گاڏيءَ ۾ سوار تي عدالت طرف ويندا هئا تہ سندن چپن تي اها نظم هوندي هئي.

جڏهن هو مئجسٽريٽ وٽ پيش ڪيا ويندا هئا تہ بہ سندن نڙيءَ مان انهيءَ نظم جا لفظ نڪرندا هئا ۽ جڏهن کين واپس جيل طرف روانو ڪيو ويندو هو تہ بہ هو گڏيل آواز (ڪورس) ۾ اهائي نظم ڳائيندا ويندا هئا تہ:

”سر فروشی کی تمنا اب ہمارے دل میں ہے
دیکھنا ہے زور کتنا بازوئے قاتل میں ہے“

1965ع ۾ ان نظم کي منوج ڪمار پنهنجي فلم ”ڀڳت سنگهہ“ ۾ شامل ڪيو هو. ان ڪان پوءِ ان انقلابي نظم کي ڪيترين ئي فلمن ۾ شامل ڪيو ويو. اها انقلابي نظم بسمل عظيم آبادي جي مجموعي ”حڪايات هستي“ ۾ شامل آهي. بسمل عظيم آبادي جي ڪلام تي اهڙا انقلابي جوش اپارينداڙ شعر لکڻ جي ڪري پابندي بہ لڳائي وئي.

”بسمل“ جنهن جي لفظي معنيٰ ”زخمي“ آهي اهو ئي تخلص هندوستان جي هڪ ٻئي اديب ”رام پرساد بسمل“ جو بہ آهي. بسمل عظيم آبادي لاءِ دل ڏڪائيندڙ ڳالهہ اها بہ هئي تہ گهڻن ئي محققن بنا مستند تحقيق جي ان انقلابي نظم کي ”رام پرساد بسمل“ جي کاتي ۾ ڳڻائي ڇڏيو.

بسمل عظيم آبادي جي هي نظم 1921ع ۾ دهليءَ جي اردو اخبار ۾ شايع ٿي هئي، جنهن کي روزاني ”اخوت“ جي ايڊيٽر قاضي عبدالغفار ايڊٽ ڪيو هو. جنهن کي اسٽيبلشمينٽ خلاف ايڊيٽوريل لکڻ تي لکنو بدر بہ ڪيو ويو هو.

حقيقت ۾ ”رام پرساد بسمل“ اردو ادب ۾ هڪ الڳ ۽ خاص مقام رکي ٿو. ”رام پرساد بسمل“ جي زبان تي اها نظم هڪ مستند تحقيق مطابق 19 ڊسمبر 1927ع تي ان وقت آئي هئي جڏهن ڪيس انگريز سامراج خلاف تحريڪ جو حصو ٿيڻ، انهن خلاف مضمون ۽ پمفليٽ لکڻ جي ڏوهہ ۾ گورک پور جيل موڪليو پئي ويو. تڏهن ”رام پرساد بسمل“ جوش ۽ جذبا اپارينداڙ اها نظم پڙهي هئي ۽ اتان ئي هن انقلابي نظم سان هٿ چراند جو آغاز ٿيو. ان ڪان پوءِ ئي هن نظم کي رام پرساد سان ان ڪري منسوب ڪيو ويو جو هن جو تخلص بہ ”بسمل“ هو.

جڏهن تہ حقيقت ۾ رام پرساد بسمل اردو شاعريءَ جو پرستار هو. هو مضمون لکندو هو، آزاديءَ جا پمفليٽ لکندو هو ۽ ستي ۽ دل ڇهندڙ شاعري کي حوالي طور پر شامل ڪندو هو.

بسمل عظيم آبادي جي شهرت جو پڙاڏو اڄ به اوتري ئي شدت سان گونجي رهيو آهي. اها ويجهي ماضيءَ جي ڳالهه آهي ته لاهور ۾ منعقد ٿيل ”فيض فيسٽيول“ ۾ هڪ نوجوان ڇوڪري ”عورتن ڪي جنسي طور هراسان ڪرڻ واري واقعن خلاف عورتن ۾ جاڳرتا ۽ جوش پيدا ڪرڻ جي خيال سان وڏي جوشيلي آواز ۾ اها نظم پڙهي ته پوري ميڙ ۾ ولولو ۽ جوش جاڳي پيو. هن نظم هڪ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو.

بسمل عظيم آبادي جنهن جي ڪاتي ۾ شاعري جا اڻ ڳڻيا موتي آهن، پر هن انقلابي نظم ڪيس اهڙي شناخت ڏني جنهن کي ڪوبه دور تاريخ جي ڪيتري به دز نه ته لڪائي سگهي ٿي نه ئي ميساري سگهي ٿي.

هڪ شاعر ۽ اديب هجڻ جي ناتي هن آزاديءَ جي تحريڪ ۾ پنهنجي انقلابي شاعري سان روح ڦوڪي اهو ثابت ڪيو ته ويڙهه رڳو هٿيارن سان ئي ناهي وڙهي ويندي. قلم واقعي تلوار کان وڌيڪ طاقتور آهي. لفظ سچ ۾ به بڻجي، ٻالي ۽ بارود کان وڌيڪ تباهي مچائي سگهندا آهن.

# عورت ، عشق ۽ ڏاهپ

شيڪسپيئر جي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ چيل اهي لفظ جهڙوڪ توڙي جو تاريخ جو حصو ٿي ويا آهن ته:

”عورت تنهنجو نالو بيوفائي آهي.“

پر ڪوبه خيال حتمي ناهي هوندو. شيڪسپيئر جي ان خيال ڪي رد ڪندي هڪ مفڪر اها ڳالهه چئي ته:

”عورت هڪ وڏي طاقت آهي، ايتري وڏي طاقت جو ”مرد“ پيدا ڪندي آهي.“

جڳ مشهور ڏاهي افلاطون جي عورتن متعلق مثبت راءِ هئي، هن جو خيال هو ته ”عورت لاءِ سماج ۾ هر دروازو ڪليل هجي، ڪيس هر ميدان ۾ همٿائجي.“

جڏهن ته ان معاملي ۾ ارسطو جا خيال مختلف هئا، ارسطو چوندو هو ته، ”عورت اجا ان معيار تي پهچي ڪونه سگهي آهي، هو مرد جيتري باصلاحيت بلڪل به ناهي.“

سياست جو سنگين ميدان هجي، توڙي ادب جون انوکيون البليون راهون، سياستدانن، اديبن، ڏاهن، دانشورن، شاعرن توڙي فلسفين جي زندگيءَ ۾ عورت جو اهم ڪردار رهيو آهي، پوءِ ڪن جي زندگيءَ ۾ ڪنهن عورت مثبت اثر ڇڏيو آهي ته ڪنهن منفي.

ساغر صديقي هڪ صوفي منش درويش شاعر هو. هو جنهن ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ جو خواهشمند هو، اها هڪ تندور واري جي ڌيءَ هئي. ساغر صديقي جي والد صرف ان سبب جي ڪري ساغر جي شادي ان ڇوڪريءَ سان نه ڪرائي ۽ مالڪن ان ڇوڪريءَ جي شادي ٻئي هنڌ ڪرائي ڇڏي. ساغر به پنهنجي گهر جون آسائشون ۽ آرام ڇڏي داتا جي نگريءَ ۾ رهڻ لڳو.

جڏهن سندس محبوبا کي اها خبر پئي ته اها ڪيس ڳوليندي ڳوليندي اتي اچي نڪتي ۽ اچي ساغر سان ملي ۽ ڪيس گڏ هلڻ لاءِ چيائين، گڏوگڏ ساغر کي اهو به ٻڌايائين ته مون کي منهنجي مڙس هٿ به ناهي لاتو ۽ اسان جي محبت جي داستان ٻڌي مون کي طلاق ڏئي آزاد ڪيو اٿائين. مان تو وٽ

آئي آهيان، اسان هاڻي هڪبئي کي ماڻي سگهون ٿا. تنهن تي ساغر کيس وراڻيو تہ:

”بندہ پرور کوئی خیرات نہیں
ہم وفاؤں کا صلہ مانگتے ہیں۔“

فلسفي جي دنيا جي هڪ مشهور شخصيت سسرو پنهنجي زال کي طلاق ڏئي ڇڏي هئي، جڏهن کيس ٻيهر شادي ڪرڻ لاءِ چيو ويو تہ هن جواب ڏنو، ”ڪوبہ شخص هڪ ئي وقت هڪ سٺو مڙس ۽ هڪ سٺو فلسفي ٿي نہ ٿو سگهي.“

فلسفي سقراط جي زال هڪ چيڙاڪ عورت هئي هوءَ سقراط کي مار بہ ڏيندي هئي. هڪ دفعي تہ هن حد ڪري ڇڏي ۽ سقراط جي مٿان ڇانهہ لاءِ رکيل ٿڌڪندڙ پاڻي هاري ڇڏيو هو، جنهن جي ڪري سقراط جو اڌ چهرو سڙي ويو هو. اها سڄي ماجرا معلوم هوندي بہ سقراط جو هڪ نوجوان شاگرد سقراط وٽ آيو ۽ چيائينس تہ استاد محترم مان شاديءَ جي باري ۾ سوچي رهيو آهيان. اوهان جي ڇا صلاح آهي؟

سقراط کيس جواب ڏنو تہ توکي شادي ڪرڻ گهرجي. نوجوان کي زال جي ماريل سقراط جي ان جواب تي حيرت ٿي. نوجوان چيس تہ استاد محترم توهان مون کي شادي ڪرڻ جي صلاح ڏئي رهيا آهيو!؟ حيرت آهي.

ان تي سقراط مرڪي جواب ڏنس تہ جيڪڏهن تنهنجي زال سٺي هوندي تہ هوءَ توکي زندگيءَ ۾ ڪامياب بڻائي ڇڏيندي. پر جيڪڏهن تنهنجي زال منهنجي زال جهڙي هوندي تہ تون فلسفي بڻجي ويندين. منهنجي زال مون کي غير متاثر رهڻ جو فن سيکاريو آهي.

جڏهن هندوستان تي غير شادي شده وزيراعظم اٽل بهاري واجپائي جي حڪومت هئي ۽ مخالف ڌر جي عورت اڳواڻ سونيا گانڌيءَ سندس نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو هو، جنهن جي ڪري سندس حڪومت گوڏي پر ويهڻ واري هئي. تڏهن هڪ جلسي ۾ تقرير دوران واجپائي جي شاعر دوست سريندر شرما واجپائي کي مخاطب ٿيندي چيو هو تہ اڄڪلهہ تنهنجي حڪومت کي جيڪو خطرو آهي اهو فقط هڪ ”عورت“ سونيا گانڌي جي ڪري آهي. پر جيڪڏهن

تون شادي شده هجين ها، تہ هڪ عورت اڳواڻ تنهنجي لاءِ ايترا ڏچا پيدا ڪري ڪونہ سگهي، تون ايترو بيوس نہ هجين ها، ڇو تہ هڪ عورت (زال) سان رهي رهي تون عورت جون حرفتون سمجهي وٺين ها، تون عورت جي ادائن ۽ اٽڪلن مان ڪافي واقف هجين ها.

اهو ئي سبب آهي جو ڪنهن بہ عورت جو هٿ پنيان نہ هجڻ ڪري واجپائي نہ تہ سٺو شاعر ٿي سگهيو ۽ نہ ڪامياب حڪمران.

اهو مڃيو ويندو آهي، اهو تسليم ڪيو ويندو آهي تہ معروف شاعرن نواب مرزا داغ دهلوي جي اها شاعري ئي امر آهي، شاهڪار آهي جيڪا هن 48 سالن جي عمر ۾ هڪ عورت جي عشق ۾ مبتلا ٿيڻ کان پوءِ ڪئي هئي. جيڪو عشق هن ڪلڪتي جي هڪ مني بائي حجاب سان ڪيو هو. جڏهن دهليءَ ۾ مرزا غالب جي شاعريءَ کي نہ ڪو سمجهڻ وارو هو ۽ نہ ڪو ڪيس شاعر تسليم ڪرڻ وارو هو تڏهن هڪ طوائف نواب جان محفلن ۾ سندس ڪلام ڳائي، سندس شاعري ماڻهن تائين پهچائي هئي. ۽ صرف ايترو ئي نہ پر مرزا غالب جي شعرن سان عقيدت جي حد تائين عشق ڪندڙ نواب جان درگاهن تي باسون باسي مرزا غالب جي ڪاميابيءَ لاءِ دعائون گهربون هيون تہ سندس شاعر مرزا غالب هڪ ڏينهن دهليءَ جو سرتاج شاعر بڻجي وڃي ۽ ڪجهہ عرصي کان پوءِ جڏهن دعائن رنگ لاتو ۽ مرزا غالب جو ڪلام گهٽي گهٽيءَ ۾ گونجڻ لڳو هو ۽ شهرت ۽ ڪاميابي ڪنهن نرتڪيءَ جيان ڇير ٻڌي نچڻ لڳي هئي، تڏهن مرزا غالب دل جي گهرائين سان اهو تسليم ڪيو هو تہ سندس ان ڪاميابي پنيان ان عورت نواب جان جو هٿ آهي.

اردو ادب جو هڪ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي جنهن کي ادبي دنيا ۾ ”ميرا جي“ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. سندس اصل نالو ثناء الله هيو پر، هڪ بنگالي ڇوڪري ”ميرا سين“ سان سندس اهڙو عشق لڳو جو ثناء الله ان ڇوڪري ”ميراسين“ جو نالو ئي پنهنجو تخلص بڻائي ڇڏيو ۽ ثناء الله مان ”ميرا جي“ طور مشهور ٿي ويو. ڪيس ميرا سان ايترو تہ لڳاءُ هو جو هو پنهنجي قميض اندر هندو مالائون پائيندو هو ۽ جڏهن اڪيلو ٿيندو هو تہ اهي مالائون هٿ ۾ ڪٽي هر هڪ داڻي تي ”ميرا ـ ميرا...“ جو ورد ڪندو هو.

ساحر لڌيانوي کي ايتري شهرت سندس شاعري ڪونہ ڏني هئي جيتري مشهوري هن کي امرتا پريتم جي عشق بخشي. ساحر کي ”ساحر“ بڻائڻ واري امرتا پريتم هئي. جيڪا ساحر جا اڌ سڙيل سگريٽ ٻيهر دُکائي پيئندي پيئندي پنهنجي دل ۾ ساحر جي عشق جي دُکندڙ دونهيءَ کي دکيل رکندي هئي ۽ ان عشق ۾ ئي امرتا هي شعر سرجيو هو تہ:

”سائين! مون کي پنهنجي چلم مان
ٿورڙي چڻنگ ڏي، مان تنهنجي اگربتي آهيان
مون کي تنهنجي درگاهہ تي
هڪ گهڙيءَ لاءِ ٻرڻو آهي.“

جڳ مشهور مفڪر ”نتشي“ پنهنجو عقل، علم فهم فقط هڪ عورت کي متاثر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو. اها عورت جرمني جي هڪ تعليم يافتہ عورت ”سلومي“ هئي، جنهن کي متاثر ڪرڻ لاءِ، جنهن دل ۾ گهر ڪرڻ لاءِ ”نتشي“ ڏاهپ جا ڏونگر ڏوريا مختلف ملڪن ۾ سندس پٺيان ويو. سلومي کي متاثر ڪرڻ لاءِ ”نتشي“ پاڻ کي وڏي عقل ۽ علم وارو بڻائڻ جا جتن ڪيا، نتشي کي سلومي جي محبت ملي يا نہ ملي، پر ان هڪ عورت ”سلومي“ جي ڪري دنيا کي ”نتشي“ جهڙو علم ۽ عقل وارو شخص مليو.

اردو شاعر جگر مراد آبادي پنهنجي شاعري کي پنهنجو ڪمال نہ پر ان شهرت کي پنهنجي محبوبا سان منسلڪ ڪندي اهو اعتراف ڪري ڏنو هو تہ:

”میرا کمال شعر بس اتنا ہے اے جگر
وہ مجھ پر چھا گئے میں زمانے پر چھا گیا۔“

# لاڙڪاڻو ديس ويڳاڻو

مان منجهي پيو آهيان تہ لاڙڪاڻي شهر تي لکڻ لاءِ مان مضمون جي شروعات ڪهڙي دور کان ڪريان؟ اها شروعات سندس شاندار ۽ مانائتي ماضيءَ کان ڪريان يا اها شروعات سندس هيٺي ۽ حسرتن جي تصوير بڻيل حال کان ڪريان يا اها شروعات سندس مبهم مستقبل کان ڪريان؟ هيڻن حالن وارو لاڙڪاڻو، جنهن جي دل ۾ ڪيترائي درد دونهين جيان دکي رهيا آهن. ڪنهن دور جو دادلو لاڙڪاڻو اڄ پنهنجي عمر کان وڌيڪ پوڙهو لڳي رهيو آهي، جنهن جا رهواسي سندس ئي حالت بهتر بنائڻ جي بهاني ڪوڙن واعدن سان ووٽ وٺي ايوانن ۾ ويهن ٿا ۽ اتي پهچي سندس ئي پاڙون ڪمزور ڪرڻ جي ڪم ۾ جنبي وڃن ٿا. صدين جي صدا لاڙڪاڻو جنهن جي عمر، قدامت جي باري ۾ اڄ تائين جيتوڻيڪ ڪا بہ حتمي ۽ مستند راءِ پنهنجي جاءِ والاري ڪونہ سگهي آهي پر ان حوالي سان مختلف حوالا تاريخ ۾ موجود ضرور آهن ۽ جڏهن انهن تاريخي ڪتابن ۽ مضمونن طرف رجوع ڪجي ٿو تہ مختلف ۽ منجهيل حوالا سامهون اچن ٿا.

جيئن مير علي شير قانع جي لکيل ڪتاب ”تاريخ تحفة الڪرام“ موجب لاڙڪاڻو شهر هن وقت 267 سالن جو آهي، جڏهن تہ ڊاڪٽر سارلي جي تحقيق مطابق لاڙڪاڻي جي عمر هن وقت 305 سال بيهي ٿي. جڏهن تہ مرزا قليچ بيگ جيڪو ”قديم سنڌ“ نالي ڪتاب لکيو، ان موجب لاڙڪاڻي جي عمر 292 سال بيهي ٿي. جرنلسٽ غلام تقي جعفري جيڪو تحقيقي مضمون لکيو هو، ان حساب سان اڄ لاڙڪاڻو 217 سالن جو ٿي ويو آهي. پير علي محمد راشدي پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب ”هجئي ناٿو تہ گهم لاڙڪاڻو“ ۾ لاڙڪاڻي جي عمر جو جيڪو ڪاٿو لڳايو آهي، ان مطابق اڄ لاڙڪاڻي جي عمر 130 سال ٿئي ٿي. جڏهن تہ ڪجهہ تاريخدانن جي گڏيل تحقيق ۽ راءِ موجب لاڙڪاڻو پورن 365 سالن جو ٿي ويو آهي. اهڙي طرح جنهن عمر تي ڏاها، محقق ۽ تاريخدان گهڻي تعداد ۾ متفق آهن، ان مطابق لاڙڪاڻي جي عمر اڄ 378 سال آهي.

اڄ جيڪڏهن لاڙڪاڻي شهر جي قدامت جي ورقن کي پوئتي ورايو ته پتو پئي ٿو ته لاڙڪاڻي جي شادابي ۽ خوشحالي تي ڪيترائي خوبصورت پهاڪا ٺهيا آهن، جن کي ٻڌي ملڪي توڙي غير ملڪي سياح لاڙڪاڻي گھمڻ جي آس رکندا رهيا. جيئن ڪلهوڙن جي دور ۾ خوشحاليءَ سبب پهاڪو جڙيو هو ته ”هجئي ناڻو ته گھم لاڙڪاڻو“. ٽالپرن جي دور ۾ باغات، گلن ڦلن ۽ محبتي ماڻهن سبب ”لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو“ سڏجڻ لڳو. انگريزن جي دور ۾ هي شهر علم، ادب، امن امان، تفريح ۽ سٺي انتظام سبب ”لاڙڪاڻو راڄ راڻو“ سڏجڻ لڳو پر جڏهن اسان گهڻو نه پر صرف ۽ صرف 25 سال رڳو 25 سال پوئتي هلون ته انهن 25 سالن کان هي پهاڪو پنهنجي پاڙ مضبوط ڪري چڪو آهي ته ”هجئي ناڻو ته ڇڏ لاڙڪاڻو.“

جيتوڻيڪ اڄڪلهه لاڙڪاڻي کي 1971ع جي نقشي موجب حدخليون هٽائي ناجائز اڏاوتون ڊاهي روڊن کي ويڪرو ڪرڻ جو ڪم جاري آهي، جڏهن ته رائيس ڪئنال جي مٿان اوور هيڊ برج يعني پل آخرڪار مڪمل ٿي آمدورفت هيٺ اچي وئي آهي، جنهن تي خرچ جو جيڪڏهن وڌ کان وڌ ڪاٿو لڳائجي ته اهو هڪ ارب تائين به نه پهتو هوندو، جڏهن ته لاڙڪاڻي کي سينگارڻ ۽ سنوارڻ لاءِ حڪومت پاران 80 ارب روپيا ڏنا ويا هئا. لاڙڪاڻي تي اهو اٽي ۾ لوڻ برابر ڪم، لاڙڪاڻي لاءِ مليل ڪثير رقم مان اٽي ۾ لوڻ برابر رقم ڪڍڻ کان پوءِ ٿيو آهي. شهيد ڀٽو جنهن لاڙڪاڻي کي پئرس بنائڻ جو خواب ڏٺو هو، اهو خواب سندس بند اکين جو سپنو ئي بڻيل رهجي ويو، ان ڪانپوءِ شهيد ڀٽو جي نالي تي ووٽ وٺندڙ هن پارٽي لاڙڪاڻي سان اهڙو ته اڻنگو ورتاءُ ڪيو آهي، جيڪو نه ٻرڙي ٻارڙن سان ڪيو هوءِ نه ڪا ماٽيلي ماءُ ٻارن سان ڪندي آهي.

حقيقت اها آهي ته لاڙڪاڻو هڪ پل سان پئرس نه ٿو بڻجي سگھي، ڇو ته اڄ لاڙڪاڻي جي روڊن تي ڪڏن جي ڪاڻ اهي. اڄ به روڊن رستن تي برسات توڙي نالن جو پاڻي هفتن جا هفتا بيٺل هوندو آهي، گھٽيون بدبودار پاڻيءَ جا واهه بڻجي وينديون آهن. ٽريفڪ جو انتظام اڄ به ”جيڪو ڏاڍو سو گابو“ وارو آهي. سرڪاري اسپتالون اڄ به گندگي ۽ غلاظت جا ڍير آهن، جتي ڪنهن مريض جو شفاياب ٿيڻ ته هڪ طرف مورڳو مريضن سان گڏ ايندڙ تيماردار به ان

بدبودار ماحول ۾ بيمار ٿي پوندا آهن. لاڙڪاڻي ڪي هٿ وٺي ڪيترين ئي صديون پوئتي ڌڪيو ويو آهي ۽ صديون پوئتي ڌڪيل شهر هڪ پل ۾ ڪجهہ ويڪرن روڊن سان پئرس نہ ٿو بڻجي سگهي.

سالن کان هتي هن شهر ۾ اهو رواج رائج آهي تہ جڏهن بہ ڪو اعليٰ ڪامورو، وزيراعليٰ يا ڪابہ اهم شخصيت لاڙڪاڻي اچڻ جو رٿينيدي آهي، تڏهن ايمرجنسي طور ميونسپالٽي جا ڀهاري بردار ٻانها پنهنجا ڀهارا ڪلهن تي کڻي ٻاهر نڪري ايندا آهن. روڊن تان ڌوڙ ۽ مٽي هٽائي ان تي چونو هاريو ويندو آهي، جيئن اچڻ واري اهم شخصيت کي لڳي تہ لاڙڪاڻي کي وڏي لاڏ پيار سان رکيو ويو آهي، پر حقيقت ۾ لاڙڪاڻي جي روڊن رستن جي اها عارضي چنڊ ڦوڪ انهن شخصيتن کي چڻ مرزا غالب جي لفظن ۾ اهو چئي رهي هوندي آهي تہ:

**ان کے دیکھے سے جو آجاتی ہے منہ پر رونق،**
**وہ سمجھتے ہیں بیمار کا حال اچھا ہے۔**

# مدر ٽريسا: جنهن پنهنجو پرين پرچائي ورتو

بقا ڪان خالي هن دنيا ۾ ڪيترائي انسان ايندا ويندا رهن ٿا، پر اڄ تائين زماني جي وهنوار تي ڪوبہ فرق ڪونہ پيو آهي. زندگيءَ جو ڦيٿو ڦرندو رهي ٿو ۽ انسان ”جيڪو حڪم ڏٽيءَ جو“ وارو روايتي جملو چئي هٿ مٿهن تي ڦيري اڳتي وڌندو رهي ٿو ۽ ائين هو اڄ ايڪويهين صديءَ جي چائنٺ تي اچي بيٺو آهي.

پر ڪڏهن تاريخ جي ڪنهن دور ۾ اهڙيون شخصيتون بہ جنم وٺي ويندڙيون آهن جن تي قوم، ملڪ ۽ دنيا فخر ڪرڻ ڪان سواءِ رهي ڪانہ سگهندا آهن. اهي شخصيتون منهنجي هڪ گمنام شاعر دوست جي ان شعر ۾ سمائجي ويندڙيون آهن تہ:

”الا ائين ۾ هوءَ جو مري وڃان مري،
هجان جيئن وري جيئرو هن جهان ۾.“

جيڪي ماڻهو مري بہ ناهن مرندا، جن جو ڪردار سندن ساهہ جي سلسلي پڄاڻان بہ جيئرو رهجي ويندو آهي. اهڙن خوشنصيبن منجهان سڄي دنيا جي يتيمن ۽ لاچارن جي ماءُ ”مدر ٽريسا“ بہ آهي.

اڄ مدر ٽريسا کي دنيا کي الوداع چئي ڪيئي سال گذري چڪا آهن مگر اڄ بہ سندس يادن جا ياقوت ماڻهن جي دلين جي دڙن جي ڪوٺائي مان گهڻي تعداد ۾ ملي ويندا آهن. هوءَ ماڻهن ڪان وسري ڪانہ سگهي آ، سندس وڇايل پيار جو ڪوهيڙو اڄ بہ انسان جي دلين کي راحت بخشي رهيو آهي. مدر ٽريسا ڪان پوءِ معلوم ٿيو آهي تہ موت جو مفهوم فقط اهو ناهي جيڪو عام طور تي ورتو ويندو آهي، موت رڳو جسم جي بي ساهي ٿي وڃڻ کي ناهي چئبو. هن جي شخصيت بہ اهڙي موت ڪان بالاتر هئي. هوءَ تہ انهن منجهان هئي جيڪي ڪالهہ جي دلين ۾ بہ زنده هئا. اڄ جي دلين ۾ بہ جيئرا آهن ۽ سڀاڻي جي دلين ۾ بہ ساهہ ڪڻندا رهندا. اهڙين هستين جي جياپي کي ڪابہ خزان ختم ڪري ناهي سگهندي، ڪوبہ موت ڪين ماري ناهي سگهندو. عيسائي مذهب جي پيروڪار طور ڄاتي ويندڙ مدر ٽريسا جو عملي، دلي ۽ حقيقي مذهب انسانيت هو، بدل بنايو آهي، وٽس هر شيءِ جي متبادل موجود

آهي، مگر هو هڪ ماءُ جهڙي محبت ۽ سچائي ڪنهن ٻئي ۾ منتقل ڪري ڪونہ سگهيو آهي، مگر مدر ٽريسا قدرت جو اهو انمول تحفول هئي جنهن ۾ فطرت هڪ ماءُ جي محبت اوتي ڇڏي هئي. هوءَ هر ڪنهن جي ماءُ هئي، محبت جي ورچ هن جو شيوو هو. هن کي احساس هو تہ ماڻهن کي رڳو بک ڪونہ ٿي ماري، ماڻهو رڳو اجهي لاءِ آتا ڪونهن بلڪ محبت جو ڏڪر بہ ماڻهن کي موت ڏانهن وٺي وڃي ٿو. پيار جي ڇانوَ جي اٿهوند بہ ماڻهوءَ کي اڪيلو ڪري ڇڏي ٿي. ان ئي خيال تحت هوءَ مرڪون ونڊيندي رهي، بنا ڪنهن فرق جي.

شاهہ سائينءَ فرمايو آهي تہ:

”روزا ۽ نمازون ايءُ پڻ چڱو ڪم،

پر اهو ڪي ٻيو فهم جنهن سان پسجي پرينءَ کي.“

مدر ٽريسا بہ پرينءَ کي پسڻ لاءِ شاهہ سائين جي ان خيال جي آڳ ورتي ۽ پرينءَ کي پسي ورتو.

ڪير ٿو چوي تہ هوءَ مري وئي آهي، جيڪڏهن پرينءَ کي پسڻ واري رستي ۾ موت اچي وڃي تہ اهو موت ناهي هوندو، اها محبت جي معراج هوندي آهي.

عابده پروين ڳايو آهي تہ:

”ڪيئن ريجهايان توکي ڪيئن پرچايان ڏس ڪوڏان“

پر مدر ٽريسا کي پرين پرچائڻ وارو ڏانءُ ايندو هو، هوءَ سموري حياتي جنهن گس تي هلندي رهي اهو رستو پرينءَ جي پرچاءَ ڏانهن ويندڙ هو.

دراصل دنيا جي اڻاون ڪمن منجهان هڪ اڻائو ڪم پرين پرچائڻ بہ آهي، پرينءَ جي رسڻ ۽ پرچڻ جا معيار ئي اوکا ۽ نرالا هوندا آهن. ۽ انهن معيارن تي پورو لهڻ لاءِ عشق بہ نرالو ڪرڻو پوندو آهي، پرينءَ کي پرچائڻ لاءِ سندس وجود اندر گهڙي وڃڻو پوندو آهي. سندس رضا ماڻڻ لاءِ وڏا وڏا جتن ڪرڻا پوندا آهن، چو تہ ان مرحلي تي ڪابہ خبر ڪونہ هوندي آهي تہ بي پرواهہ پرينءَ کي ڪهڙي ادا موهي وجهي ۽ هو پرچي پوي، ان لحاظ کان مدر ٽريسا پرين پرچائڻ لاءِ جنهن ادا جو سهارو ورتو ان ادا جو نالو آهي. ”انسان سان محبت“.

پيار جي پاڙيءَ لاءِ سڪندڙ هن ڌرتيءَ کي جنهن تي صدين کان محبت جو مينهن وسيو ئي ناهي اجا مدر ٽريسا جي وڏيڪ ضرورت هئي، جيئن اجا هوءَ قرب جا ڪڪر وسائي سگهي.

# ساحر جي امرتا

هوءَ هن سان عقيدت جي حد تائين محبت ڪندي هئي. هوءَ جڏهن به هن وٽ هلي ايندو هو تہ هن کي ائين لڳندو هو ڄڻ زندگي هن ڏانهن هلي آئي هجي. هوءَ جڏهن به هن سان گڏ ويهندي هئي، تہ دنيا کان بلڪل بيگاني ٿي ويندي هئي. هن لاءِ پورو سنساران هڪ ڪمري ۾ سهيڙجي ويندو هو. هڪ اهڙو ڪمرو جنهن ۾ امرتا پريتم پنهنجي ساحر جي سحر ۾ سندس سگريٽ مان اٿندڙ دونهين جي دائرن ۾ صرف ساحر ئي ساحر ڏسندي هئي. اِن دونهاٽيل ڪمري ۾ امرتا سان ڪچهريون ڪندي ۽ پنهنجي شاعري پڙهندي ساحر لڌيانوي سگريٽ پٺيان سگريٽ ساڙيندو ويندو هو ۽ اهي ايش ٽري ۾ اڇلائيندو ويندو هو ۽ اها ايش ٽري امرتا لاءِ هڪ قيمتي لاڪر کان گهٽ نہ هوندي هئي، جنهن ۾ سندس سونا زيور نہ، پر ساحر جا سڙيل سگريٽ پيا هوندا هئا. امرتا اهي سگريٽن جا ٽوٽا سنڀاليندي ويندي هئي.

*دھوئیں کی لہر پر تصویر رقص کرتی رہی،*<br>
*وہ سگریٹوں کے تسلسل میں یاد آتا رہا۔*

ان امرتا پريتم بابت ڪنهن ٿي ڄاتو تہ 31 آگسٽ 1919ع تي جنم وٺندڙ اها ڇوڪري هڪ ڏينهن ادب جي آسمان جو امر ستارو بڻجي اُڀرندي. امرتا پريتم جي مشهوريءَ جا ڪوڙ سارا حوالا آهن. هن جا نظم، ناول، ڪهاڻيون، ساحر لڌيانوي، سندس همراز مڙس امروز ۽ سندس دوست شاعره ساره شگفتہ. انهن مڙني حوالن سان امرتا پريتم کي ننڍي ڪنڌ ۾ چڱي طرح سڃاتو وڃي ٿو.

امرتا پريتم جي پهرين شادي 1935ع ۾ لاهور جي انارڪلي بازار جي مشهور واپاريءَ جي پٽ سان ڪرائي وئي هئي، جيڪا گهڻو وقت جٽاءُ ڪري نہ سگهي ۽ جلد ئي سندن عليحدگي ٿي وئي، زندگيءَ جا آخري چار ڏهاڪا امرتا امروز سان گڏ گذاريا.

امرتا پريتم جي نظمن جو پهريون ڪتاب ”امرت لهرين“ جي نالي سان، 16 سالن جي عمر ۾ 1936ع ۾ شايع ٿيو. اِن عمر ۾ اهڙي پڪي شاعري ڪري امرتا پريتم پڙهندڙن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي ورتو هو. جيتوڻيڪ

شروع شروع ۾ امرتا هڪ رومانوي شاعري ڪئي، پر پوءِ جلد ئي سندس شمار ترقي پسند ليکڪن ۾ ٿيڻ لڳو.

1947ع ۾ ورهاڱي کان پوءِ هن پاڪستان ڇڏي ڀارت ۾ سڪونت اختيار ڪئي، جتي هوءَ هڪ ماهوار ادبي رسالي ”ناگ مڻي“ جي ايڊيٽر بہ رهي.

امرتا پريتم ڪيترين ئي دل کي ڇهندڙ ڪهاڻيون لکيون، جن ۾ مونا ليزا، ترشول، سگريٽ ڪا ٽڪڙا، ڪچڙي، ٽيسري عورت ۽ چمڪ چلو وغيره يادگار ڪهاڻيون آهن. سندس ڪهاڻين جا هي مجموعا پڌرا ٿيا: ”ڪهانيان جو ڪهانيان نهين“ ۽ ”ڪهانيون ڪي آنگن مين.“

برصغير جي هن بردبار ليکڪا جي ڪيترين ئي ڪهاڻين کي فلمي روپ ڏئي سئنيمائن جي زينت بہ بڻايو ويو، جن ۾ ”ڏاڪو“ ۽ ”بنجر“ فلمون قابل ذڪر آهن. سندس هڪ نظم جو ٽڪرو آهي:

"پرچھائیاں پکڑنے والو
چھاتی میں جلنے والی آگ کی
پرچھائیاں نہیں ہوتیں۔"

امرتا پنهنجي سرجيل ادب جي گهڻي حصي ۾ عورت جي حقن جي علمبردار طور اُڀري سامهون آئي. پاڪستان جي شاعره ساره شگفتہ مٿان ٿيندڙ ظلمن کي جنهن ريت هِن بيان ڪيو. اهو وساڻ جوڳو ناهي. امروز جي امرتا، جنهن جي سيني ۾ ساحر جي سڪ جو سمنڊ ڇوليون هڻندو هو، تنهن ساحر جي سِڪ ۾ لکيو هو تہ:

”مان توسان ملنديس ضرور
ڪڏهن ۽ ڪٿي، اهو مان نہ ٿي ڄاڻان
شايد مان تنهنجي تصور جو عڪس ٿي اڀران
يا ٿي سگهي ٿو
مان بهارن جي روپ ۾ اچان
۽ برف ٿي وسي پوان
جنهن مان تمندڙ پاڻيءَ جا ڦڙا

تنهنجي جسم تي پون
۽ مان پنهنجي سموري ٿڌاڻ
تنهنجي گرم ڇاتيءَ تي ڇڏيان
ڪڏهن ۽ ڪٿي اهو مان نہ ٿي ڄاڻان
پر مان توسان ملنديس ضرور.“

امرتا جي خيالن ۾ انتها جي اونهائي آهي. هن زندگيءَ جي لاهن چاڙهن کي تمام ويجهي کان ڏٺو هو، اهو ئي سبب آهي جو سندس نثر توڙي نظم ۾ زندگيءَ جو هر رخ، هر روپ پنهنجي پوري جوهر سان موجود آهي. هن جي مشهور ناولن ۾ ڊاڪٽر ديو، ڪورا ڪاغذ، اٺونجاهہ ڏينهن، ساگر ۽ سپيون، رنگ جا پتا، دل جون گليون، تيرهون سج ۽ جلاوطن وغيره شامل آهن. جڏهن تہ سندس شاعريءَ جي ڪتاب ”امرت لهرين“ ۽ ”ايڪ ٿي انيتا“ کي گهڻي پذيرائي ملي. سندس زندگيءَ ۾ ئي سندس آتم ڪٿائن جا ٽي ڪتاب پڌرا ٿيا، جيڪي ”ڪالا گلاب“، ”رسيدي ٽڪٽ“ ۽ ”اڪشرون ڪي سائي“ آهن. 31 آگسٽ امرتا پريتم جو جنم ڏينهن آهي، جيڪو هڪ اهڙي ليکڪا جو جنم ڏينهن آهي، جنهن تي اڄ بہ قلم قبيلو ناز ڪري ٿو. هيءَ عظيم ليکڪا 31 آڪٽوبر 2005ع تي گذاري وئي.

# دير ٿي وڃڻ جو درد

## اُها فريده خانم، جنهن جڏهن غزل جي هڪ محفل ۾

”وه عشق جو هم سے روٹھ گیا،
اب اس کا حال سنائیں کیا۔

ڳايو هو تہ اتي ويٺل حاضرين مان ڪيترن جي ئي دلين جا تاڪ ائين لڏي ويا هئا، جيئن تيز طوفاني هوائن ۾ ڪنهن حويليءَ جي درين ۽ دروازن جا تاڪ لرزي ويندا آهن. ان ئي فريده خانم ڪي وري اُن وقت هڪ نجي محفل ۾ پنهنجي ڳلن تان وهندڙ ڳوڙهن کي ٽشو پيپر سان اگهندي ڏٺو ويو هو، جڏهن محفل ۾ موجود ماڻهن جي فرمائش تي منير نيازيءَ ڊائيس تي اچي پنهنجو هيءُ مشهور نظم ٻڌايو هو:

ہمیشہ دیر کر دیتا ہوں میں
ضروری بات کرنی ہو کوئی وعدہ نبھانا ہو
اسے آواز دینی ہو اسے واپس بلانا ہو
ہمیشہ دیر کر دیتا ہوں میں۔

منير نيازيءَ پنهنجي ڪنبندڙ آواز ۾ اهو نظم اهڙي تہ روح سان پڙهيو هو جو ائين محسوس ٿي رهيو هو، ڄڻ اهو نظم پڙهندي ڪيس پنهنجي سڄي ڄمار جي سفر جا سانحا ياد اچي ويا هجن. هر شڪست ياد اچي وئي هجي، هر ميار جي ياد جي وير ڪيس ورائي وئي هجي، هر حسرت جي خاڪ اڏامي هجي، اسان کي تمام گهڻي تڪڙ هوندي آهي، پر اسان کي سدائين دير ٿي ويندي آهي.

دراصل اسان هميشہ تڪڙ ۾ هوندا آهيون، پر اسان کي سدائين دير ٿي ويندي آهي، جڏهن اسان زندگيءَ کي زير زبر سميت سمجهڻ لڳندا آهيون، تيسيتائين زندگيءَ جو سفر پورو ٿي چڪو هوندو آهي. هڪ اهڙي زندگي، جنهن کي پنهنجي خيال ۾ اسان آسمان جي اپسرا تصور ڪندا آهيون، پر اها هڪ ڇيڳري ڇوڪري ٻڌجي اسان جي آڏو ايندي اهي. هڪ اهڙي زندگي،

جنهن ڪي اسان محبوب جي مهڪندڙ زلف سمجهندا آهيون پر اها هڪ اهڙي زنجير ثابت ٿيندي آهي، جنهن جي سختي اسان جي ساهہ ڪي سوڙهو ڪرڻ لڳندي آهي.

اسان ڪي تمام گهڻي تڪڙ هوندي آهي، پر اسان ڪي سدائين دير ٿي ويندي آهي، جيستائين اسان جون اکيون ڳوڙهن سان تَر ٿيڻ لڳنديون آهن، تيسيتائين درد، درد ناهي رهندو، درد دل جو دوست بڻجي ويندو آهي ۽ جڏهن درد سان دوستي ٿي ويندي آهي، تڏهن تڪليف جو وجود ئي ختم ٿي ويندو آهي.

رنج سے خو گر ہوا انسان تو مٹ جاتا ہے رنج،
مشکلیں مجھ پر پڑیں اتنی کہ آسان ہو گئیں

دراصل زندگيءَ ۾ ڪجهہ شيون اسان ڪي ايتري تہ دير سان ملنديون آهن، جو انهن جي ملڻ تائين اسان جي من مان انهن جي خواهش ئي ختم ٿي ويندي آهي، جيئن ڪنهن چيو آهي تہ:

کہاں تھے آپ زمانے کے بعد آئے ہیں
میرے شباب کے جانے کے بعد آئے ہیں

ڪن ماڻهن ڪي اسان تائين ايندي ايندي زمانا لڳي ويندا آهن، جڏهن شباب جو سج آخري اوڀاسي ڏيندو آهي، تڏهن انهن جو اسان وٽ اچڻ اسان جي اذيتن کي اجا بہ وڌائي ڇڏيندو آهي، ان ڪري ئي تہ ڪنهن شاعر جي دل مان هي سٽون نڪتيون هيون تہ:

وقت جي چيچ ۾ زندگيءَ جو ڇلو
پيو ٿئي گهرگهلو يار جلدي ملو.

اسان ڪي تمام گهڻي تڪڙ هوندي آهي، پر اسان ڪي سدائين دير ٿي ويندي آهي، جيسين اسان جي چپن تي مرڪن جا پوپٽ پنهنجا رنگارنگي پر ويڙهي ويهن، تيسين خوشيءَ جا لمحا ختم ٿي چڪا هوندا آهن، ڇو تہ ڏکن کي حياتِ خضر عطا ٿيل هوندي آهي پر خوشيون صبح جي پهرجيان مختصر هونديون آهن.

اسان ڪي تمام گهڻي تڪڙ هوندي آهي، پر اسان ڪي سدائين دير ٿي ويندي آهي، جيسين اسان جي دل ڪي اهو يقين اچي تہ اهو جيڪو اسان سان گڏ آهي، اهو اسان جوئي آهي، تيسين هٿ ڪان هٿ جدا ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن هٿ ڪان هٿ الڳ ٿي ويندو آهي تہ اهو الڳ ٿي ويل هٿ وري ڪڏهن بہ اسان جي هٿ ۾ ناهي ايندو. هڪ اهڙو هٿ جنهن لاءِ ڪنهن چيو آهي تہ:

ہاتھ دیا اس نے میرے ہاتھ میں
میں تو ولی بن گیا اک رات میں۔

اسان ڪي تمام گهڻي تڪڙ هوندي آهي، پر اسان ڪي سدائين دير ٿي ويندي آهي، دل جي ڳالهہ زبان تائين آڻيندي آڻيندي لفظن جي اهميت ئي ختم ٿي چڪي هوندي آهي. جن ڪي ڳولڻ ۾ اسان ڪي صديون لڳي وينديون آهن، انهن ڪي اهو احساس ڏيارڻ لاءِ اسان ڪي لفظن جي مالها جوڙيندي جوڙيندي تمام گهڻي دير ٿي ويندي آهي ۽ ساڻ هوندي بہ صدين جا فاصلا برقرار رهندا آهن.

وہ آج بھی صدیوں کی مسافت پہ کھڑا ہے
ڈھونڈھا تھا جسے وقت کی دیوار گرا کر۔

معاملو لمحن جي دير جو هجي يا صدين جي فاصلن جو، پر دير ٿي وڃڻ جو درد ناسور بڻجي ويندو آهي.

مدد کرنی ہو یار کی ڈھارس بندھانا ہو،
بہت دیرینہ راستوں پر کسی سے ملنے جانا ہو،
ہمیشہ دیر کر دیتا ہوں میں

# چنڊ، چاهتون ۽ شاعر

ڪنهن انگريز مفڪر کان جڏهن ڪنهن اهو سوال ڪيو تہ عظيم خيال ڪٿان جنم وٺندا آهن؟ تڏهن هن تمام ڌيرج سان دل تي هٿ رکي جواب ڏنو تہ: Great thoughts come from heart ۽ اهي عظيم خيال جڏهن شاعري جهڙي پياري پوشاڪ پهري اسان جي نظرن آڏو ڪنهن نرتڪيءَ جيان نچندا آهن، تڏهن ان امر جي صداقت ۾ اچا بہ هڪ مضبوط شاهدي ملي ويندي آهي تہ شاعري ادب جي، اظهار خيال جي اها سيبتي صنف آهي، جنهن ذريعي شاعر چئن صفحن واري ڳالهہ چئن سٽن ۾ سمجهائي سگهندو آهي.

شيخ اياز جيڪو سچ بہ تہ سنڌي ادب جي وشال آسمان جو اهو سدا چمڪندڙ چنڊ آهي، جنهن جي ڪري شاعري جي چانڊاڻ مان ابد تائين شاعريءَ جي شاهراهن جا انيڪ نوان مسافر چانڊوڪيون چورائيندا رهندا. اياز اسان جي ڌرتيءَ جو اهو سهڻو چنڊ آهي، جنهن جي سونهن آسمان جي چنڊ کي شرمائڻ لاءِ ڪافي آهي ۽ جنهن جي اظهار لاءِ مان ڪنهن شاعر کان سندس هي سٽون اڌاريون وٺي شيخ اياز کي ارپڻ چاهيان ٿو تہ:

"او چندا او چاند رات کے مسافر!
میرے چاند کی چاندنی سے کیا تم شرماتے ہو
تیری چاندنی تو رات میں دنیا کو پرنور رکھتی ہے
میرے چاند کی چاندنی دن رات برستی ہے۔۔۔"

هاڻي ڳالهہ جڏهن چنڊ جي ٿي هلي پئي تہ چو نہ پاڻ هن ڪالم ۾ اياز جي انهن شعرن جو ذڪر ڪريون جنهن ۾ چنڊ کي هن همراز، همدرد ۽ دوست ڪري اندر جو حال اوريو آهي.

”تون مان آهيون يار، او چنڊ
اڄ تو رلون گڏ راتيون
تنهنجو منهنجو گهاءُ بہ ساڳيو
صدين جو سوداءُ بہ ساڳيو
ٻئي اوندهہ تي وار، او چنڊ

اڄ تہ رُلون گڏ راتيون.

اياز کي خبر آهي تہ چنڊ بہ هن جيان راتين جو رولاڪ آهي، جيڪو وشال آسمان تي هيترن سارن ستارن جي ساٿ ۾ سنگت ۾ بہ هيڪلو هوندو آهي. ستارن جي سنهڙي روشنيءَ سان سينگاريل آسمان تان اڪيلو اداس بيٺل چنڊ، هڪ عاشق، هڪ شاعر کي اڃا بہ اداس ڪري ڇڏيندو آهي. تڏهن هڪ عاشق، هڪ شاعر جي اندر ۾ پيڙ وڌ پاسا ورائيندا آهن. اهي اڌما اظهار جا رستا ڳوليندا آهن، تڏهن شيخ اياز ان ئي چنڊ کي قاصد بڻائي ڪيس پرينءَ لاءِ پيغام ڏيندو آهي تہ:

"چوءَ منهنجي چنڊ کي، رهي وڃي رات
ڏئي وڃي ڏات، سرچي منهنجي ساهہ کي"

تڏهن ايئن ان چنڊ کي اداس اکين سان چمندي ماڻهو رات مان ڏينهن ڪري اٿندو آهي، پر چنڊ ڪيس سندس پرينءَ جو پتو آڻي ڏيڻ کان قاصر هوندو آهي ۽ تڏهن اياز نراسائيءَ مان آرس ڀڃي اٿي ٿو ۽ ڪوري ڪاغذ تي سندس قلم وهڻ لڳي ٿو تہ:

"ستارن جي سيج تي ستس ساري رات
پڌري ٿي پريات، چميندي ڪنهن چنڊ کي"

ماڻهو، جنهن جو من جڏهن چنڊ جهڙي پرينءَ جي ڪنول ڇهري کي چمي وٺندو آهي تڏهن سندس دل جي دنيا ئي بدلجي ويندي آهي ۽ ان خوشيءَ کي اياز هنن سٽن ۾ سمائي ٿو تہ:

"ڪنهن ڪنول کي چميو هو مون رات،
هڪ سٽو گيت ٿي لڳي پريات"

ماڻهو انهن سيني محبتي احساسن کي حقيقت جي روپ ۾ پسڻ چاهيندو آهي. اهي لاتيون جيڪي هو پرينءَ سان روبرو ڪرڻ چاهيندو آهي، اهي راتيون جن ۾ پرينءَ ڪانئس پري نہ هجي، جنهن ۾ هو چنڊ جهڙي پرينءَ کي چمي سگهي ۽ ان وسيلي ماڻهو اياز جي هنن سٽن جو عڪس ٿي پوندو آهي تہ:

”بهشت چاهي، دوزخ چاهي، ڇڏي اهي ويچار
مٺڙي منڙي ننڊ پرينءَ جي پاس ۾ ڪر يار“

دراصل شيخ اياز جا شاعريءَ ۾ مينهوڳيءَ سان وهنتل مٽيءَ جهڙو هڳاءُ آهي. اوهان ڪڏهن برسات کان پوءِ ڪچي مٽيءَ مان اٿندڙ سرهاڻ ڪي محسوس ڪيو آهي؟ ڪچي مٽيءَ جي ڪومل، ڪنواري ۽ ڪونئري بدن تي جڏهن برسات جون بوندون ڪرنديون، تڏهن ان سهڻي سنگم مان سرجندڙ اها مينهوڳيءَ سان واسيل خوشبو دنيا جي هر پرفيوم جي سرهاڻ کان سرس ڀاسندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن ڪڪرن جي ڪڪ مان ڪرندڙ مينهن ڪٽيون ڌرتيءَ جي مٽيءَ ڪي محبت مان چمنديون آهن تڏهن اها ٻهڪي اٿندي آهي ۽ ان مان ٻہ ماڻهو ڪي مدهوش ڪندڙ اهو ئي هڳاءُ ايندو آهي، جيڪو ماڻهوءَ کي محبوب جي بدن مان ايندو آهي، جيڪو پرينءَ جي پگهر مان ايندو آهي. شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ بہ اهو ئي سڳنڌ سمايل آهي، جيڪو سڄڻ جي سرهي ساهہ مان ايندو آهي. شيخ اياز جي شاعري نہ فقط هن دور جي پر هر دور جي شاعري آهي. اياز جي شاعري ڪنهن ڪنيا جي ڪيل ڀرين پيار جهڙي اڻ وسرندڙ آهي، اها محبوب جي مکڙي تان ورتل ڀرين مٽيءَ جهڙي آهي.

# هڪ موت جو ماتم

مان اڄ بہ انهن ڪجهہ پلن ڪي هڪ پل لاءِ بہ وساري ڪونہ سگهيو آهيان، جڏهن هوءَ مون سان آخري ڀيرو ملي هئي، ۽ جڏهن هن ڪاري رنگ جي چوڙين سان ڀريل ٻانهن واري هٿ ۾ ڪافيءَ جو مگ ڪٽي مون ڏانهن وڌايو هو تہ منهنجي نظر ڪافيءَ مان اٿندڙ ٻاڦ مان ٿهندڙ دائرن جي اوٽ ۾ آيل سندس جرڪندڙ ڪرائيءَ تي ڪپي بيهي رهي.

”ڪافي وٺ“ هن اهو چئي جڻ مون کي هوش ۾ آندو هو.

ڪافي وٺندي چيومانس: ”پوري رنگ جون عورتون اڪثر تن تي ڪاري يا گهري رنگ جون شيون ڇو استعمال ڪنديون آهن؟“ هوءَ مرڪي پئي هئي. مون ٿي ڳالهيو هو.

”شايد تو ڪڏهن محسوس نہ ڪيو هجي تہ تنهنجي تن تي ڪاريون شيون ڪيتريون ٺهنديون آهن، تون وڌيڪ وڻندڙ ٿي پوندي آهين. ائين محسوس ٿيندو آهي، جڻ تنهنجو برف جهڙو بدن ڪارن ڪپڙن ڪي لتاڙيندي ڏسڻ واري ڪي کهي رهيو هجي پر توکي اها کهڙي پروڙ ۽ کهندڙ کي کهڙي ڪل تہ ڪسندڙ تي ڇا گذري رهيو آهي؟“

هن هڪ فاتحانہ لاپرواهيءَ سان وراڻيو هو تہ: ”مون کي خبر آهي.“

چيو هومانس: ”جيڪڏهن ائين آهي تہ اوهان پوري رنگ جون عورتون ڪارن ڪپڙن، ڪاري چمپل، ڪاري چشمي ۽ ڪارين چوڙين وغيرہ سان گڏ پنهنجي لاءِ ساٿي چونڊڻ مهل ڪاري رنگ کي رد ڇو ڪنديون آهيون؟“

منهنجي ان سوال تي مرڪي وراڻيو هيائين تہ: ”اهو ان لاءِ تہ اسان ان ساٿيءَ کي زندگيءَ ۾ محبت لاءِ چونڊينديون آهيون ۽ اڇو رنگ محبت جي علامت آهي، ان لاءِ مان توکي ڪنهن جا رنگ متعلق هي لفظ ٻڌايان ٿي تہ:

Blue is true – Yellow is Jealous  
Green is Forsaken – Red is brazen  
White is love – And black is death…!

چيو هومانس: ”توهان جي سوچ مطابق جيڪڏهن ڪارو رنگ موت جو اهڃاڻ آهي تہ پوءِ ان کي مختلف شين جي صورت ۾ پهريو ڇو ٿا؟“

وراڻيو هيائين: ”موت کي پهرڻ جو تہ مزو ئي پنهنجو آهي، زندگيءَ کي تہ هرڪو پهري ٿو، پر مزو تہ تڏهن آهي جو ماڻهو موت کي پهري.“

۽ پوءِ هن واقعي موت کي پهريو هو، هوءَ جيڪا ڪنهن بہ سمجهوتي کي ڪونہ مڃيندي هئي، تنهن زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو سمجهوتو ڪيو هو، پنهنجي عمر جي وچ واري حد ۾ هن ان شخص سان شادي ڪئي هئي، جنهن جو ذڪر ڪندي هوءَ چوندي هئي تہ ان لاءِ نفرت جو لفظ بہ تمام ننڍو آهي، تہ تڏهن مون کي موت متعلق ڪنهن جاچيل هي جملا جيءَ سان جڙيل لڳا هئا تہ:

In the midst of life, we are in death.

هن مون کي هڪ دفعي فون تي اها مجبوري ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو هو، جنهن جي ڪري هن پنهنجي پڪيءَ جهڙي زندگي کي هڪ صياد جي حوالي ڪري سراپا سمجهوتو بڻائي ڇڏيو هو.

ان کان پوءِ مون کي ان ڳالهہ تي پورو ايمان اچي ويو هو تہ اسان جي سماج ۾ ڀيو تہ ٺهيو پر آڪسفورڊ جي ڊگري يافتہ عورت کي بہ ڪنهن نہ ڪنهن وراڪي تي سمجهوتو ڪرڻو پوندو آهي. هتي خانداني، گهرو مسئلا، انائون، اهڙا تہ طاقتور هجن ٿا جو چڱي ڀلي اعصابن جي مالڪ ماڻهوءَ کي بہ مصلحت واري واٽ وٺڻ تي مجبور ڪن ٿا. هوءَ، جنهن کي خودڪشي ڪندڙ ماڻهو بلڪل بہ نہ وڻندا هئا، سا جڏهن مونکي ملول ڏسندي هئي تہ وفا ناٿن شاهيءَ جو هي شعر پڙهندي هئي تہ:

چو تو پاڻ وتين ڊاهيندو،
ٻيهر توکي ڪير ٺاهيندو؟

سا الائي ڪنهن جي زندگي ٺاهڻ لاءِ پاڻ بلڪل بہ ڊهي وئي هئي، ۽ هن کي خبر هئي تہ هوءَ ٻيهر نهي، جڙي ڪونہ سگهندي، ان ڪري هن پاڻ کي ٺاهڻ بہ ڇڏي ڏنو هو. هن تن تي ڪاري رنگ جون شيون USE ڪرڻ بہ ڇڏي ڏنيون هيون ۽ ڪنهن کي جواب ۾ چيو هيائين تہ، ”مئل ماڻهو ٻيهر موت ڪيئن ٿو پهري سگهي؟“

# انارڪلي جي حقيقت

جيڪڏهن اسان اهو چئون تہ تاريخ ۽ افساني ۾ زمين آسمان جو فرق آهي تہ شايد غلط نہ هجي- تاريخ نج حقيقت جو نالو آهي جڏهن تہ افسانو من گهڙت قصي کي ڪوٺجي ٿو- جيڪڏهن تاريخ ۾ تر برابر بہ افسانو وڌو ويندو تہ اصل تاريخ جو چهرو مسخ ٿي پوندو- تاريخ ۾ ملاوٽ، تاريخ سان هٿ چراند درحقيقت هڪ ڏوهہ آهي ڇاڪاڻ تہ غلط تاريخ نسلن تائين ناڪاري اثر ڇڏيندي آهي.

الميو آهي تہ تاريخ ۾ نج خالص تاريخ تمام گهٽ ملي ٿي، تاريخدانن توڙي غير تاريخدانن ان ۾ مصالحو ملائي افسانوي رنگ ڏئي ان کي دلچسپ بنائڻ جي چڪر ۾ اصل تاريخ جو چهرو بگاڙي ڇڏيو آهي- جيئن مغلن جي سلطنت جو ذڪر اچڻ سان ئي شهنشاهہ اڪبر توڙي جهانگير کان بہ اڳ انارڪلي ذهن ۾ اچي ٿي جڏهن تہ تاريخي حقيقت اها آهي تہ انارڪلي جو ڪردار هڪ افسانوي ڪردار آهي جنهن جو ڪوبہ وجود ڪونهي- تاريخ ۾ بلڪہ ايئن چئجي تہ خالص يعني اصل تاريخ ۾ سندس ڪوبہ ذڪر ڪونہ ٿو ملي- جهانگير جي همعصر تاريخدانن توڙي خود جهانگير بہ پنهنجي سوانح عمري ’تزڪ جهانگيري‘ ۾ انارڪلي جو ذڪر ناهي ڪيو.

درحقيقت انارڪلي جو ڪردار هڪ انگريز ’وليم فنچ‘ جي ذهن جي پيداوار آهي جنهن کي عبدالحليم شرر داستان جي شڪل ڏني-۽ شرر پاڻ ڪتاب جي ديباچي ۾ صاف لفظن ۾ ان کي افسانو يعني فڪشن ڪوٺيو آهي. اها ان صنف جي طاقت ئي آهي تہ انارڪلي نالي هڪ افسانوي ڪردار برصغير ۾ اڪبر ۽ جهانگير جي شهرت جو باعث بڻجي ويو.

اهڙي طرح اها بہ هڪ حقيقت آهي مغلن جي رڪارڊ مطابق اڪبر جي چوٿيهن زالن مان ڪنهن جو بہ نالو ’جوڌا ٻائي‘ ڪونہ هيو.

انارڪلي جيان هي نالو بہ هڪ انگريز ڪرنل ٽوڊ پنهنجي ڪتاب ´Rajhistan of Annal and Antiquity ۾ تخليق ڪيو. اهو بہ واضع رهي تہ ڪرنل ٽوڊ ڪو تاريخدان ڪونہ هيو. جڏهن تہ اڪبر بابت ٽن ڪتابن ابوالفضل

جي ’اڪبر نامہ‘، بدايوني جي ’منتخب التواريخ‘، ۽ نظام الدين احمد جي ’طبقات اڪبري‘ ۾ ڪٿي بہ جوڌا جو ذڪر ڪونهي.

جهانگير جي ماءُ راجپوت راجڪماري ضرور هئي پر سندس اصل نالو ’هير ڪنور‘ هيو. جڏهن تہ سندس شادي ڪانپوءِ هن جو نالو ’زماني بيگم‘ ٿيو.

تاريخ جيڪو عام طور تي هڪ خشڪ موضوع آهي پر جيڪڏهن ان ۾ افسانوي رنگ وجهي فڪشن واري انداز ۾ پيش ڪيو وڃي تہ اها عام ماڻهوءَ لاءِ بہ دلچسپي جو سبب بڻجي وڃي ٿي.

ان حوالي سان في الوقت ادب جي اها صنف دنيا ۾ گهڻي مقبول آهي جنهن کي ’هسٽاريڪل فڪشن‘ سڏيو وڃي ٿو. هن ۾ تاريخي واقعن ، جڳهن ، ڪردارن کي ڪٿي پلاٽ ۾ غير حقيقي يا افسانوي واقعن توڙي ڪردارن جو اضافو ڪري ماضي جي واقعن ثقافت ۽ سماجي زندگي کي دلچسپ انداز ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو. ناول يا مختصر افساني کان وٺي فلم، ٿيٽر ۽ ڊرامي ۾ ان جو استعمال وڏي پيماني تي ٿي رهيو آهي.

آغا حشر ڪاشميري کان وٺي امتياز علي تاج ۽ قرت العين حيدر توڙي نسيم حجازي تائين گهڻن ليکڪن ان ميدان ۾ ڪامياب طبع آزمائي ڪئي آهي.

ايتري قدر جو نسيم حجازي تہ هر ناول ۾ تاريخي ڪردارن سان گڏ هڪ سائيڊ هيرو ضرور هوندو هيو جيڪو داستان کي دلچسپ بڻائيندو هو.

جيتوڻيڪ افسانوي رنگ تاريخ جهڙي خشڪ مضمون کي مزيدار تہ بڻايو آهي پر اها درحقيقت تاريخ سان هٿ چراند آهي جيڪا آهستي آهستي سچي تاريخ کي گم ڪري ڇڏيندي ۽ ايندڙ انساني نسل بہ افسانوي تاريخ کي ئي سچي تاريخ سمجهي ان جي آڳروٺي هلڻ لڳندا.

هسٽاريڪل فڪشن درحقيقت خالص تاريخ کي مسمار ڪري رهيو آهي، جيڪڏهن اهو سلسلو نہ رڪيو تہ اصل تاريخ هميشہ لاءِ پنهنجو وجود وڃائي ويهندي.

**

# سگريٽ ڇو ٿو سڙي؟؟

توڙي جو سگريٽ جي هر پيڪٽ تي صحت کاتي پاران هڪ ڊيڄاريندڙ منع نامو تحرير ٿيل هوندو آهي تہ سگريٽ پيئڻ صحت لاءِ هاڃيڪار آهي، ڪينسر جو سبب آهي، پر ان جي باوجود ماڻهو ان منع نامي کي نو لفٽ ڪرائيندي ڏڍا ڏڍ سگريٽ واپرائيندا آهن ۽ هر سال بجيٽ ۾ جڏهن سگريٽ تي ڊيوٽي ٽيڪس ۾ واڌارو ڪيو ويندو آهي تہ عام طور تي اهو خيال ڪيو ويندو آهي تہ سگريٽ جي مهانگي ٿيڻ سان ان جي واهپي ۾ ضرور گهٽتائي ايندي، پر ان جي ابتڙ ان جو واهپو اجا بہ وڌي ويندو آهي. جيئن ڪنهن بلڊنگ، ڪنهن جاءِ جي ٻاهران اهو لکيل هوندو آهي تہ چاڪنگ ڪرڻ منع آهي تہ ماڻهو ان پٽ تي ئي نعرا ۽ اشتهار وڌيڪ لکندا آهن. جڻ تہ اهو منع نامو نہ پر دعوت نامو هجي، جنهن جاءِ تي لکيل هوندو آهي تہ "هتي گند اڇلائڻ سخت منع آهي" اتي ئي ماڻهو گند جو ڍير ڪري ڇڏيندا آهن. دراصل اها انساني فطرت آهي تہ منع ناما انسان کي اهو ڪم ڪرڻ تي اجا بہ اتساهيندا آهن. حقيقت اها آهي تہ اسان وٽ ٻن شين تي ڪنٽرول ٿيندي پري پري تائين نظر نہ پيو اچي. هڪ آباديءَ ۾ واڌ ۽ ٻيو سگريٽ پيئڻ تي. هنن ٻنهي ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ جيتري پلاننگ ڪئي ويندي آهي، تيئن ان ۾ اضافو ٿيندو ويندو آهي.

مون کي هتي منع نامي جي حوالي سان رجنيش اوشو جي هڪ ڳالهہ ياد اچي ٿي. اوشو ٻڌايو هو تہ جڏهن هو اجا ننڍڙو هو، سندس منهن تي اجا مڇن جي ساول آئي هئي. تڏهن ٻين ماڻهن کي مختلف اسٽائيلن ۾ سگريٽ پيئندي ڏسي هو هرکجي پيو هو، اوشو سڌو پنهنجي پيءُ وٽ ويو ۽ کيس چيو تہ، "مان سگريٽ پيئڻ ٿو چاهيان، مون کي اوهان کان ان جي اجازت گهربل آهي." اوشو جو پيءُ حيرت انگيز طور تي کيس سگريٽ پيئڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. اڳتي هلي اوشو ٻڌائي ٿو تہ هن جيئن ئي سگريٽ جو پهريون ڪش هنيو تہ سگريٽ جي دونهين سندس نڙي ساڙي ڇڏي ۽ کيس کنگهہ شروع ٿي وئي. اوشو فوري طور تي سگريٽ اڇلائي ڇڏيو ۽ پيءُ وٽ اچي کيس، چيو تہ، "بابا جڏهن اوهان کي خبر بہ هئي تہ سگريٽ ايڏي خراب شئي آهي، پوءِ بہ اوهان مون کي منع ڪرڻ بدران سگريٽ پيئڻ جي اجازت ڇو ڏني؟" تنهن تي سندس والد کيس جواب ڏنو تہ "منع ناما ڪڏهن بہ ڪجهہ بہ روڪي ناهن سگهندا، جيڪڏهن

مان توکي منع ڪريان ها تہ بہ تون سگريٽ پيئڻ کان مڙين ڪونہ ها ۽ لڪي لڪي سگريٽ پيئين ها. ان ڪري مان توکي اجازت ڏني تہ توکي جڏهن اهو پاڻ ئي خراب لڳندو، تڏهن ئي تنهنجي دل مان ان جي تمنا ختم ٿي ويندي.

جون ايليا ايترا تہ گهڻا سگريٽ پيئندو هو، جو سگريٽ مان سگريٽ دکائيندو هو. تنهن پنهنجي محبوبا پاران سگريٽ ڇڏي واري ڳالهہ جو هي شاعراڻو جواب ڏنو تہ:

"تم جو کہتی ہو چھوڑ دو سگریٹ،
تم میرا ہاتھ تھام سکتی ہو۔!؟"

جڏهن ڪنهن جي هٿن جي آڱرين ۾ دل گهريي دلبر جون آڱريون ناهن ايندين، تڏهن انهن آڱرين جي وٿين ۾ سگريٽ اچي ويندو آهي. توڙي جو سگريٽ اڄڪلهہ هر ٽئين هٿ جي آڱرين ۾ اٽڪيل آهي، پر ان لاءِ اهو چيو ويندو آهي تہ سگريٽ پيئڻ وارو سگريٽ کي ناهي پيئندو، پر سگريٽ پيئڻ واري کي پيئندو ويندو آهي. ڪنهن شاعر چيو هو تہ:

"تم کہتے ہو میں سگریٹ بہت پیتا ہوں،
نہیں نہیں کہاں میں کہاں سگریٹ پیتا ہوں،
اب تو سگریٹ مجھے پیتی ہے۔"

توڙي جو هاڻي خالي سگريٽ جي جاءِ "پريل سگريٽ" وارا ويا آهن ۽ جيترو خالي سگريٽ پيتو ويجي ٿو، اوترو ئي پريل سگريٽ بہ واپرايو وڃي ٿو، پر ڪنهن خالي سگريٽ جو ڏکهو ڪش هڻندي چيو هو تہ:

"دھوئیں کی لہر پر تصویر رقص کرتی رہی،
وہ سگریٹوں کے تسلسل میں یاد آتا رہا۔"

اڄڪلهہ جڏهن چرس، هيروئن ۽ شراب وغيره جهڙا نشا بہ لڪي لڪي نہ پر کلي عام واپرايا وڃن ٿا، اتي خالي سگريٽ هڪ معصوم نشو بڻجي چڪو آهي. شراب ۽ هيروئن جهڙن قاتل نشن جي سامهون خالي سگريٽ جو نشو بلڪل ايئن آهي، جيئن ڪنهن قاتل درندي آڏو هڪ معمولي ڪيسو ڪٽيندڙ.

"ایک درد تھا جو سگریٹ کی طرح،
میں نے چپ چاپ پیا ہے،

ڪچھ نظمیں ہیں جو،
سگریٹ سے میں نے،
راکھ کی طرح جھاڑی ہیں۔"

دراصل سگريٽ جي دونهين سان ماڻهو ان دونهينءَ ڪي وسائڻ چاهيندو آهي، جيڪا ڪنهن درد جي دٻيل چڻنگ مان دکندي آهي. ماڻهو پريشانين ۽ تڪليفن ڪي سگريٽ جي ڦلي وانگر زندگيءَ جي تاريءَ تان ڪيرائڻ جي خيال سان سگريٽ مٿان سگريٽ ساڙيندو ويندو آهي. پر بقول مرزا غالب:

"دل کے بہلانے کو غالب یہ خیال اچھا ہے۔"

چو تہ جسم جو، بدن جو سور تہ ڪنهن ميڊيڪل اسٽور وٽان ملندڙ دوا سان ختم ٿي ويندو آهي. پر جيڪو درد دل جي تارن ڪي تار تار ڪندو هجي، جيڪو درد دماغ جي دنيا ۾ تهلڪو مچائيندڙ هجي، اهو تمام گهڻو اذيتناڪ هوندو آهي. ڪنهن مفڪر چيو هو تہ:

"The Pain of the Mind is,
Worse than the pain of body."

سگريٽ جو دونهون ڪڏهن بہ درد ڪي دربدر ناهي ڪري سگهندو. بس اهو تہ هڪ آسرو هوندو آهي، هڪ خام خيالي هوندي آهي تہ سگريٽ ساڙي اسان ٽينشن ڪي ٽڙي رهيا آهيون، پر ڪنهن انگريز مفڪر وري سگريٽ جي ساراهہ ڪجهہ هن ريت ڪئي تہ:

"There is nothing like tobacco, it is the passion of all decent man, a man who lives without tobacco does not deserve to live".

سگريٽ جي ساراهہ هجي، يا صحت کاتي پاران ان جي منفي اثر جي ڪري جاري ٿيندڙ منع ناما، پر حقيقت اها آهي تہ سگريٽ سڙندو رهي ٿو، دونهون هوا ۾ تحليل ٿيندو رهي ٿو.

**

# پيچرا پيار جا

ايبورڊ-8، پنهنجي بادشاهي دور جي آخري خطاب دوران پنهنجي دل تي هٿ رکي سرد آهہ ڀريندي اهو اعتراف ڪيو هو تہ:

"I have found it impossible to carry the heavy burden of responsibility and to discharge my duties as king as I would wish to do without the help and support of the woman, I love".

دوستو! اڄ ان ئي پاور فل پيار يعني محبت جو عالمي ڏينهن آهي، جيڪو جيڪڏهن دلبر جي ديدار لاءِ تخت هزارا ڇڏرائي در در جا ڌڪا کارائي ٿو تہ اهو ئي پيار ماڻهوءَ کي هڪ مملڪت هلائڻ جو فن بہ فراهم ڪري سگهي ٿو. محبت ۾ اها طاقت آهي جو ماڻهو اهو ڪجهہ ڪري ويهندو آهي، جنهن جو هن ڪڏهن تصور بہ نہ ڪيو ويندو آهي. محبت ماڻهوءَ جي دنيا ئي بدلائي ڇڏيندي آهي.

ہم تو کچھ اور تھے مگر
تم نے اور ہی کچھ بنا دیا ہم کو۔

اڄ ان ئي محبت جو عالمي ڏينهن آهي، جنهن ۾ ماڻهو دل ڏئي درد پرائيندو آهي ۽ پوءِ ان سودي کي فائدي وارو سمجهندو آهي.

میرے من چلے کا سودا، کھٹا بھی میٹھا بھی
کھٹا چاہے کھٹا لے لے، میٹھا چاہے میٹھا۔

Valentine Day هن کي محبوب سان ملڻ جو ڏينهن سڏبو آهي، هڪٻئي کي محبت مان گل پيش ڪيا ويندا آهن. ڏيدون دوبدو ٿي وينديون آهن، ائين جو چپ چورڻ ڪانسواءِ ئي نظرن جي نرالي، اکين جي البيلي ٻوليءَ ۾ ڪچهريون ٿينديون آهن، هٿ هڪٻئي جي هٿن ۾ ائين پيوست ٿي پوندا آهن، جڻ موت بہ انهن کي ڇني نہ سگهندو. هڪٻئي کي چاهہ مان چمي امرت اندر ۾ اوتيو ويندو آهي ۽ ان سموري ڪارگذاري ۾ هي 14 فيبروريءَ جو ڏينهن پر هڻي تمام تيز اڏار سان الهي ويندو آهي ۽ محبتي ماڻهن جي اندر مان هڪ سرد آهہ هن شعر جو روپ وٺندي آهي تہ:

وصل کی شب اور اتنی مختصر
دن گنا کرتے تھے اس دن کے لئے۔

ازل کان وٺي اڄ تائين دنيا وارا توڙي دل وارا اها مام پروڙي نہ سگهيا آهن تہ آخر اهو پيار ڇا آهي؟ جنهن ۾ ماڻهو فقط هڪ دل گهربي دلبر ڪاڻ پوري دنيا کي پنهنجو دشمن بڻائي ويهي ٿو، ڪنهن هڪ کي جيئڻ جو سهارو سمجهي پرينءَ جي پشم جهڙن هٿن ۾ هٿ ڏئي پيار جي پيچرن تي هلندي هنن ستن جي صورت بڻجي وڃي ٿو:

جیتے ہیں بس آپ ہی کی آس پر
سانس چل رہی ہے جو زندہ ہیں آپ۔

اهو پيار آهي، جنهن ۾ ماڻهو دنيا کي فقط ڪليل اکين جو خسيس خواب سمجهي ٿو، جنهن ۾ ماڻهو دولت، شهرت ۽ هر آسائش کي لت وهائي ڪڍي ٿو ۽ محبت جي مٺي درد کي دنيا جي هر آسائش تي ترجيح ڏئي ٿو.

دل میں جو درد ہے تیرا بسا ہوا
جی کو اس نے کیا بیمار بہت ہے
لوگ کہیں اس درد کی دوا کرے کوئی
مگر اس درد میں مٹھاس بہت ہے۔

پيار ڇا آهي؟ پيار ڪنهن سندر سپني کي رنل ساپيان آهي، هڪ اهڙو معصوم سپنو جيڪو ڏسڻ کان پوءِ ماڻهو پنهنجي من ۾ هڪ مٺوءَ جي ڪمي محسوس ڪندو آهي، هڪ اهڙو مٺو جنهن وسيلي ماڻهو محبوبن ڏانهن پيار پريا پيغام موڪلي سگهي.

پيار ڇا آهي؟ پيار تہ آلين اکين سان دوستيءَ جو نالو آهي، اهي آليون اکيون جيڪي عينڪ جي شيشن پويان بہ پنهنجي آلاڻ لڪائي ناهن سگهنديون. پيار دنيا کان بيگانگي ۽ بغاوت آهي، پيار جي تہ هڪ پنهنجي نرالي دنيا آهي، پيار اکيون پوري ۽ دل جون دريون کولي کيو ويندو آهي. محبت تہ ڪنهن تي مرڻ جو نالو آهي، محبت ڪنهن لاءِ جيئڻ جو نالو آهي، پيار سادگيءَ جي هڪ ننڍڙي دنيا آهي، هڪ اهڙي دنيا جنهن آڏو باقي سڄي

دنيا جي سلطاني بہ مفلسيءَ مثل آهي، پيار جي دنيا ۾ دل تي اهي راڄ ڪندا آهن، جيڪي اسانجي پهچ کان پري هوندا آهن، هنن تائين اسان جو رڳو روح رسي سگهندو آهي، جن سان ملڻ محال هوندو آهي، جن جي امرت رس آواز ٻڌڻ لاءِ ڪن آتا رهندا آهن، جن جي ديدن لاءِ اکين کي انتظار جا ڏکيا ڏهاڙا روزا رکڻا پوندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهي روزا ايترا تہ طويل ٿي ويندا آهن جو موت اچي مهمان ٿيندو آهي ۽ ڪانگ ماس پٽڻ لڳندا آهن.

پيار ڇا آهي؟ پيار هڪ معصوم نظم آهي، جيڪو دل سان ٻڌبو ۽ ٻڌائبو آهي، محبت خود سپردگي آهي، محبت ڪنهن جي ٿي وڃڻ جو نالو آهي، ڪنهن جي سرير ۾ سمائجي وڃڻ محبت آهي، ڪنهن جي رڳ رڳ ۾ رچي وڃڻ پيار آهي.

پيار ڇا آهي؟ پيار تہ محبوب جو اهو سادو سينگار آهي، جنهن جي آڏو ميڪ اپ ٿڦيل مهاندا بہ پيلا لڳندا آهن. پيار اها عاجزي آهي، جنهن آڏو پٿر بہ پگهر جي پوندا آهن، پلي دنيا پيار کي پاڳلپڻو چوي، پر پيار تہ اهو پاڳلپڻو آهي، جيڪو سموري دنيا جي سياڻپ کان اُتم آهي، انگريز ليکڪ چواڻي:

How wise are they that are but fools in love”.

پيار ڇا آهي؟ پيار تہ هر وضاحت کان بالا ۽ اُتم آهي، پيار ڇا آهي، جو جواب کان بهتر بہ پلا ٿي سگهي ٿو، ڇا تہ پيار بس پيارئي آهي.

# سڪون ڪٿي آهي!؟

سڪون جي حاصلات جو خواب انسان جي اها اُڃ رهيو آهي جيڪا ازل کان سندس نڙيءَ کي خشڪ رکيو آئي آهي ۽ شايد تا ابد اها اڃ اُڃهامي نہ سگهي سڪون جي حسين ڪائنات جا دروازا تمام گهٽ ئي ڪنهن لاءِ کلي سگهندا آهن.

اوهان سڪون کي اها اپسرا چئي سگهو ٿا، جيڪا ڪن پل لاءِ ڪنهن جي دل ۾ ديرو ڄمائيندي آهي ۽ پوءِ تمام پري اڏاڻي وسعتن ڏانهن واپس هلي ويندي آهي. البتہ ان سڪون کي ڪو سرڦريو ان وئيشيا سان بہ ڀيٽي سگهي ٿو جيڪا ڪڏهن بہ ڪنهن وٽ بہ هميشہ لاءِ ٽڪاءُ ڪري ڪانہ سگهندي آهي. بيوفائي جنهن جي بنياد ۾ شامل هوندي آهي ڪنهن بہ هڪ جو هميشہ هميشہ لاءِ ٿي رهڻ هن جي توهين هوندي آهي. ڪو شاعر وري ان سڪون کي پنهنجي ان ڪويتا سان ڀيٽا ڏيندو جيڪا هو سڄي زندگي سرجي نہ سگهندو آهي.

”سڪون“ هر دل جي ضرورت آهي، هر دماغ جي گهرج آهي، ڏنو وڃي تہ ماڻهو سڪون ماڻڻ لاءِ ڇا ڇا نہ ٿو ڪري ديندارِيءَ کان وٺي دنياداريءَ تائين هر حرفت آزمائي قلبي سڪون لاءِ ڪوشان رهي ٿو، مگر مڙني ڳولائن جي باوجود صورتحال في الحال هن شعر واري وڃي بيٺي آهي تہ:

"جسے موت آئی سکون مل گیا"

تہ ڇا موت واقعي سڪون جو مسڪن آهي!؟ ان جي جواب ۾ مذهب اسان آڏو اهو واضع ڪري ٿو تہ موت بہ فقط انهن لاءِ ئي سڪون جو باعث بڻجي سگهي ٿو، جن پرهيزگاريءَ، نيڪي ۽ خدا جي عبادت واري واٽ ورتي، باقي ماڻهن لاءِ تہ موت باعث سڪون نہ پر هڪ مسلسل اذيت جو نالو آهي.

"اب تو گھبرا کے یہ کہتے ہیں کہ مر جائیں گے،
مر کے بھی چین نہ آیا تو کدھر جائیں گے۔"

مسئلو اهو آهي تہ ماڻهوءَ کي ڪهڙي ريت قلبي سڪون ملي سگهي ٿو. منهنجو هڪ دوست چوندو آهي تہ هو هڪ اهڙي اڌڙوٺ عمر عورت کي سڃاڻي ٿو جنهن شادي ڪانہ ڪئي آهي، جيڪا بلا جي خوبصورت آهي، جنهن جوانيءَ ۾ ڪيترائي رشتا موٽايا. فقط پنهنجي انا جي تسڪين خاطر، اها انا جنهن ڪيس حاڪميت پسند بڻايو هو. هن جي انا کي اها ڳالهہ قبول ڪونہ هئي تہ هوءَ ڪنهن مرد جي محڪوم ٿي رهي، ڪو مرد مٿس حاڪميت ڪري ۽ جڏهن ڪجهہ ماڻهن کي سندس انڪار جو اهو اصل سبب معلوم ٿيو تہ هنن ڪيس اها آڇ بہ ڪئي تہ جيڪڏهن هوءَ ساڻن شادي ڪري تہ هو خود سندس محڪوم ٿي رهندا ۽ ڪيس ئي حاڪم جو درجو حاصل رهندو. تڏهن هن اهو چئي انڪار ڪيو هو تہ هوءَ ان ڳالهہ جي قائل بہ ناهي تہ ڪو مرد عورت جو محڪوم ٿي رهي ۽ عورت مٿس حاڪميت ڪري، مرد حاڪم ئي سوهندو آهي.

مون ڪانئس پڇيو ڇا هاڻي هوءَ مطمئن ۽ پرسڪون آهي تہ منهنجي دوست انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو. سو جڏهن ماڻهو پنهنجي انا کي تسڪين پهچائي بہ سڪون ماڻي نہ ٿو سگهي ۽ بي سڪون، مضطرب ۽ انتشار جو شڪار رهي ٿو تہ پوءِ سڪون ڇا ۾ آهي، تہ ڇا پيلا پوءِ دولت سڪون جو سرٽيفڪيٽ بڻجي سگهي ٿي!؟

ليوٽالسٽا جي هڪ ڪهاڻي آهي " How much land does a man need" "هڪ ماڻهو کي ڪيتري زمين گهرجي" ان ڪهاڻيءَ ۾ پاهم نالي هڪ هاري هو، جنهن وٽ تمام ٿوري زمين هئي پوءِ هن تي امير بڻجڻ جو ڀوت سوار ٿيو ۽ هو امير بڻجڻ لاءِ وڌيڪ اجا بہ وڌيڪ زمين خريد ڪرڻ لڳو ۽ ايئن اجا بہ وڌيڪ زمين جي چڪر ۾ باشڪرن جي ملڪ هليو ويو. جتي زمين مفت ملندي هئي پر ان لاءِ شرط اهو هو تہ هن کي صبح کان هلي ڪري سج لهڻ کان اڳ ئي ان جاءِ تي واپس پهچڻو پوندو جتان هو هليو هو ۽ ايئن ان چڪر لڳائڻ ۾ هو جيتري زمين ڪور ڪري ويو سا سندس ملڪيت هوندي ۽ پاهم لالچ ۾ ايترو تہ اڳتي هليو ويو جو واپس موٽندي هن کي سج لهي چڪو هو ۽ مقرر ڪيل جڳهہ تي پهچي هو بي ساهو ٿي ڪري پيو ۽ مري ويو. پوءِ ڪيس اتي ئي ڪڏ کوٽي پوريو ويو ۽ ايئن ڪيس رڳو ڇهہ فوٽ زمين نصيب ٿي."

ايئن جڏهن دولت بہ انسان کي سڪون جو سامان مهيا ڪري ڏيڻ بدران ويتر وڌيڪ دولت حاصل ڪرڻ لاءِ بي سڪون بڻائي ڇڏي ٿي ۽ ننڊ آرام ڦٽائي ٽرنڪولائزر جو عادي بڻائي ڇڏي ٿي تہ پوءِ اسان ان ڳالهہ کي ڪيئن حقيقت تسليم ڪريون تہ دولت ئي سڪون جي مستند سند آهي!؟

تہ ڇا پوءِ غريبي ۾ سڪون آهي!؟ ڇو تہ غريب بغير ٽرنڪولائيزر کائڻ جي ڊگهي ننڊ ڪري ٿو، مگر مهانگائي، بيروزگاري، عدم تحفظ تہ هن کي بہ سڪون جو ساهہ کڻڻ ڪونہ ٿا ڏين، تہ پوءِ سڪون آخر آهي ڪٿي!؟

ڪنهن ڏاهي چيو آهي تہ "انسان پنهنجي زندگيءَ جا اڌ غم حاصل ڪري بي سڪوني رڳو ٻين مان اميدون وابستہ ڪرڻ ڪري خريد ڪري ٿو." جڏهن تہ اها چوڻي بہ عام آهي تہ "هيءَ دنيا اميدن تي قائم آهي" مگر اتي وري هو بهتر جي اميد رکي ويهي ٿو تہ تڏهن هو پاڻ کي بدتر لاءِ ذهني طور تيار ڪري ئي ڪونہ ٿو، بلڪہ ويتر دل کي سبز باغ ڏيکاري اهڙو تہ حقيقت کان بي نياز بڻجي وڃي ٿو، جو جڏهن بهتر جي بجاءِ بدتر موٽ مليس ٿي تڏهن ان جي سٽ سهي ڪونہ ٿو سگهي ۽ ايئن سڪون سندس حياتيءَ مان واريءَ جيان وهندو وڃي ٿو.

"بس اب تو دامن دل چھوڑ دو بیکار امیدو،
بہت دکھ سہہ لیا میں نے، بہت دن جی لیا میں نے۔"

# سارا شگفتہ: هٿن مان ڪِريل دعا

هن ڪي اها خبر گهٽي دير سان پئي تہ مشاعرن منجهہ، ادبي محفلن ۾ ڪيس ”ٻڏو“ گهٽ پر ”ڏنو“ گهڻو ويندو آهي. نقاد سندس شاعريءَ تي ٽيڪا ٽپڻي ايتري ڪونہ ڪندا هئا، جيترو بحث سندس ذات تي ڪيو ويندو هو. اهڙا رويا سندس روح تي رهندون پائيندا هئا. ذاتي زندگي هجي يا ادبي زندگيءَ جو حصو سارا شگفتہ جي حياتي، سندس وجود طنز، ٽوڪن، مخالفت ۽ پابندين ۾ پچرندو رهيو. ماس پٽڻ جي تاڙ ۾ ويٺل مِرن جهڙن ماڻهن تي سارا ڪيترائي نظم لکيا. هوءَ دراصل شاعريءَ جي دنيا جي منٺو آهي. سندس شاعريءَ جو گهڻو حصو انسان نما ڳجهن تي لکيل آهي جن جي محدود سوچ جو سفر ماس کان شروع ٿي ماس تي ختم ٿئي ٿو.

”یہاں تو قید کی کھڑکیاں کھولتے کھولتے
میرا بدن اٹکنے لگا ہے
ہر نقاد، غیر نقاد
میرے بدن میں بھونکنا چاہتا ہے
پھر اپنی سانس جتنا کفن
میرے لئے الاپتا ہے
میرا سب سے بڑا گناہ یہ ہے
کہ میں عورت ہوں۔“

ڪنهن تمام خوبصورت ڳالهہ ڪئي آهي تہ شاعري ڪيفيت ۾ رهڻ جو نالو آهي، رڳو واقعا بيان ڪرڻ ڪي داستان گوئي چئبو آهي. سارا داستان گونہ پر شاعره هئي. هوءَ جنهن ڪيفيت مان گذرندي هئي ان ڪي ڪاغذ تي لکندي هئي جيڪا شاعري بڻجي ويندي هئي. شاعري جيڪا گونگن جذبن ڪي زبان عطا ڪرڻ جو نالو آهي. سارا پنهنجي ڪنهن بہ جذبي ڪي بي زبان رهڻ نہ ڏنو. هن اظهار ڪيو، برملا اظهار ڪيو. ڪنهن بہ سماجي، قانوني، رواجي، تهذيبي ۽ مذهبي پابندي جي پرواهہ ڪرڻ بنا اظهار ڪيو.

”عزت جا ڪيترائي قسم آهن
گھونگھٽ، چماٽ، ڪٽڪ
عزت جو سڀ کان وڏو حوالو عورت آهي
گھر کان وٺي فوٽ پاٿ تائين
ڪجھہ بہ اسان جو ناهي
عزت اسان جي گذاري جي ڳالھہ آهي“.

سماج جي سوچ تي، رواجن ۽ روين تي ڇپندڙ ۽ چٽرون ڪندڙ هيءَ شاعري صرف ساره شگفتہ ئي ڪري سگھي ٿي. سندس لفظ نشتر هئا، ڇو تہ پنھنجي مختصر حيات ۾ هن سورن کي هر روپ ۾ ڏٺو. اهنج توڙي ايذاءَ سندس دل جي اڱڻ ۾ رانديڪن جيان وڪريل هوندا هئا.

”انسانن جا داغ ڌوئيندي ڌوئيندي
منھنجا هٿ ئي ڪارا ٿي ويا آهن
مان ضميرن کان وڌيڪ جاڳي پئي آهيان
خاموشي منھنجي دل آهي
پر مان سمنڊ جيان گوڙ ڪرڻ چاهيان ٿي
مان اگھاڙي سچ کان وڌيڪ سھٽي آهيان
پر ڪاري چادر ۾ ويڙهيل آهيان“.

سارا شگفتہ، امرتا پريتم کي هڪ خط ۾ لکيو هو تہ ”پکين جون لاتيون ئي منھنجو جنم ڏينھن آهي“.

سچ اهو آهي تہ سارا جو روح سرمست هو. هن جي سيني ۾ جھرڪ پکين جي دل پيل هئي. جن پکين کي ڪٺي سون جي پڃري ۾ ئي ڇو نہ قيد ڪيو وڃي، پلي من پسند خوراڪ ڇو نہ ڏني وڃي، ڪيتريون ئي مٺيون ٻوليون ڇو نہ ٻوليون وڃن، پر پوءِ بہ پکي قيد ۾ خوش ناهي هوندو. جھرڪ هوءَ آسمان جو ڪو ٽٽل تارو هئي جيڪو ڌرتيءَ تي ڪٿي بہ فٽ نہ پئي آيو. پنھنجي زندگيءَ جي سفر ۾ هن عورت جي هر روپ ۾ زندگي ڏٺي. پر هر روپ ۾ هوءَ پائمال ٿيندي رهي. ڪنھن بہ روپ ۾ هن کي جوڳو مان ڪونہ مليو. هر روپ هن جي روح تي انيڪ رهنڌون پاتيون. هوءَ ڏيءَ رهي هڪ اهڙي پيءَ جي جنھن

جي موجودگيءَ ۾ بہ هن يتيمن جيان گذاريو. ڪيس پيٽ جي باھہ اجھائڻ لاءِ گرھہ بہ ڳڻيل ملندا هئا. ڇڻ هن کي ڪاڏو نہ خيرات ملندي هئي. گھر جي ڇت مينهن جي هڪ ڪٽيءَ جو وزن بہ نہ ڪٽي سگهندي هئي. بک ۽ ڏک نٺڊيڻ ڪان سندس ساهيڙيون رهيا.

هوءَ پيڻ بہ هئي، پر پائرن ڪيس هميشہ بد جو ڇتوئي سمجهيو. هوءَ محبوبا بہ رهي، هڪ نہ پر ڪيترن ئي ساڻس عشق جو اظهار ڪيو. انهن مان هر هڪ سندس محبت ۾ آسمان مان تارا لاهي اچڻ جو دعوائون ڪيون. پر محبت جڏهن بہ حقيقت بڻجي سندس سامهون آئي تہ محبت تان سندس ويساھہ ڪچندوئي ويو. هوءَ زال بہ رهي، هڪ دفعو نہ پر پورا چار ڀيرا هوءَ مختلف مردن سان نڪاح جي ٻولن ۾ ٻڌجندي رهي. چار مرد مختلف وقتن تي سندس مجازي خدا رهيا پر انهن مان ڪو هڪ بہ ان لائق نہ هو جنهن جي هوءَ مجازي خدا طور تعظيم ڪري سگهي.

”محبوب“ ”مڙس“ ٿيندي ئي ديچاريندڙ روپ ۾ سندس سامهون ايندا رهيا. هوءَ ماءُ بہ رهي انهن ٽن ٻارڙن جي جيڪي سندس ڪک مان پيدا ٿيا پر ڪانئس الڳ ڪيا ويا. هڪ ماءُ جي روپ ۾ هوءَ رڙندي رهي... ٻار کسجڻ واري واقعي تہ سارا خط ۾ امرتا پريتم کي سڄي ماجرا لکي موڪلي هئي. جڏهن عدالت ۾ اڳوڻي مڙس ڪان پنهنجا ٻچڙا حاصل ڪرڻ لاءِ سارا شگفتہ پنهنجي ئي ڪردار ڪشي ڪندي بيان ڏنو هو تہ:

”جج صاحب! هي شخص بلڪل سچ چئي رهيو آهي مان آوارا بہ آهيان، بدڪردار بہ آهيان ۽ مان قبول ٿي ڪريان تہ هي ٻار مون کي هن شخص مان ڪونهن. انهن ٻارڙن جو پيءُ ڪو ٻيو آهي، ان ڪري عدالت مون کي اجازت ڏئي تہ مان اهي ٻار اصل والد تائين پهچايان“. عدالت ۾ جيڪي بہ الزام سارا تي لڳايا ويا اهي هن فراخدليءَ سان پوشاڪ وانگر پهري ڇڏيا ۽ عدالت ٻار سارا جي حوالي ڪري ڇڏيا. سارا شگفتہ جا ٻہ شعري مجموعا (1) آنکين (2) نيند ڪي رنگ“ شايع ٿيا. جڏهن تہ سارا شگفتہ جي شاعري کي اسد علوي انگريزي ۾ ترجمو بہ ڪيو جن ۾ .The Colours of Sleep جڏهن تہ امرتا پريتم سارا شگفتہ تي

ٻہ ڪتاب (1) ايڪ ٿي سارا لکيو جيڪو 1990 ع ۾ شايع ٿيو ۽ ٻيو ڪتاب "مين سارا" 1994 ع ۾ شايع ٿيو.
سارا شگفتہ جي زندگي تي شاهد انور ڊرامو بہ لکيو جيڪو آل انڊيا ريڊيو تان نشر ڪيو ويو هو جنهن جو نالو هو "سارا ڪا سارا آسمان" جڏهن تہ گهڻن ماڻهن کي خبر ڪونہ آهي تہ سارا شگفتہ جي حياتيءَ تي انور سن رائي بہ هڪ ڪتاب لکيو "ذلتون ڪي اسير" پر جيتري گهرائپ ۽ پنهنجائپ سان سارا تي امرتا پريتم لکيو، جنهن خوبصورتي سان سندس ڪيس امرتا پريتم پيش ڪيو آهي، اهو ڪو ٻيو ڪري ناهي سگهيو.
سارا شگفتہ جي لاءِ سندس همراز امرتا پريتم گهڻو ڪجهہ لکيو آهي، جنهن تي هڪ ڪتاب "ايڪ ٿي سارا" ڇپيو هو. امرتا پريتم هڪ هنڌ لکي ٿي تہ:
"مان آسمان منجهان هڪ تارو ٽٽندي ڏٺو جيڪو تمام تيز رفتاريءَ سان آسمان جي ذهن ۾ هڪ ٻرندڙ ليڪ ڪيندو آهي، ماڻهو چوندا آهن تہ سچ ئي چوندا هوندا تہ هنن ڪيترائي ڀيرا ٽٽل تارن جي گرم خاڪ زمين تي ڪرندي ڏٺي آهي. مان بہ هن ٽٽل تاري جي گرم خاڪ پنهنجي دل جي اڱڻ ۾ وسندي ڏٺي آهي. ان تاري جي ٽٽڻ وقت آسمان جي ذهن ۾ جيڪا ڊگهي ليڪ ڪڍجي وئي هئي اها سارا شگفتہ جي نظم هئي، نظم زمين تي ڪريو تہ خدا ڄاڻي ان جا ڪيترا ٽڪرا هوا ۾ وڃائجي ويا پر جيڪا خاڪ مان هٿ سان ڇهي ڏٺي هئي ان ۾ ڪيترائي ٻرندڙ اکر هئا جيڪي مان ميڙي ڪاغذ تي رکيا هئا".
سارا شگفتہ پنهنجي جنم، پنهنجي هن دنيا ۾ اچڻ کي هن تلخيءَ سان بيان ڪيو هو تہ "مان هٿن مان ڪريل دعا آهيان".

# World Suicide Prevention Day

## زندگي ڀَلي اهڙي...؟؟

گهٽڻ رخن کان هيءَ زندگي ڪو خوبصورت خواب نہ سهي، پر پوءِ بہ رنگين پرڪشش ۽ دلفريب ضرور آهي. سندس سونهن جو بہ نعم البدل ناهي. زندگي خالق ڪائنات جي حسين ترين تخليق آهي. جيئڻ پيار جو پڪي فقط هڪ ڀيرو ئي پنهنجا وشال پر پکيڙي ٿو، پر هتي زندگيءَ جي زلفن کي بني نوع انسان لاءِ هڪ زنجير بنايو ويو آهي. هڪ اهڙي زنجير جيڪو منع ناهن جي مضبوط ڪڙن تي مشتمل مجموعو آهي. هيءَ زندگي جنهن جي چاهہ ۾ ماڻهو چريو رهي ٿو، آهستي آهستي پنهنجو موهہ وڃائي ويهي ٿي ۽ ائين انسان جي اکين ۾ زندگيءَ جا اندلثي رنگ نہ پر خودڪشيءَ جا خواب آڪيرو اڏي ويهي رهن ٿا. ان چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونہ ٿيندو تہ دنيا جا 90 سيڪڙو ماڻهو پنهنجي پوري زندگيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو خودڪشي ڪرڻ جو سنجيدگيءَ سان ضرور سوچيندا آهن.

جيتوڻيڪ خودڪشي هڪ لمحي جو عمل آهي، پر اهو لمحاتي عمل سالن کان پلجندڙ پيڙائن جو ردعمل هجي ٿو. اهو ڪيڏو نہ وڏو الميو آهي تہ سالن جون پيڙائون جڏهن پنهنجو ردعمل ڏيکارين ٿيون تہ ڪجهہ سيڪندن ۾ هڪ اذيتناڪ انجام سامهون اچي ٿو. نفسيات جي ماهرن جي تحقيق جو نچوڙ آهي تہ ان وقت انسان جي مڙني مثبت سوچ جي حامل حواسن جي سوچڻ وارو عمل ٺپ ٿي وڃي ٿو ۽ لاشعور ۾ دٻيل منفي رويا متس حاوي ٿي وڃن ٿا ۽ پوءِ هڪ لمحو ئي زندگيءَ ۽ موت جي وچ واري لڪير کي ڊاهي ڇڏي ٿو. جڳ مشهور نفسيات جي ماهر سگمنڊ فرائيڊ هڪ انٽرويو ۾ چيو هو تہ، ”پيار دنيا جي اهم ترين شئي آهي، پر موت جي بہ اوتري ئي اهميت هجي ٿي، مان چوندس تہ ڪوبہ زندهہ وجود ڪيتري بہ زبردست نموني زندگيءَ جي رنگينين سان ٺمٺار ڇو نہ هجي، پر آخرڪار نرواڻ چاهي ٿو ۽ موت اسان جي ڪنهن نہ

ڪنهن پل جي نتيجي ۾ اچي ٿو. اسان ان حوالي سان ان چوٽيءَ ڪي ٽيڪ ڏيئي سگهون ٿا تہ، هر قسم جا موت دراصل اڻچاٽائپ ۾ ڪيل آتم هتيائون آهن.

جيڪڏهن اسين پنهنجي معاشري ۾ ٿيندڙ خودڪشين تي نظر وجهون تہ هڪ ڏکوئيندڙ حقيقت آڏو ايندي تہ خودڪشيءَ جو لاڙو نوجوانن ۾ تمام گهڻو آهي. اها جواني جنهن کي زندگيءَ جي رنگن سان ٽمٽار هئڻ گهرجي، سا خودڪشي جي خاردار خيال سان اهڙو پيار ڪري ٿي. جهڙوڪا ڇوڪري پنهنجي پرينءَ جي ڏنل پهرئين تحفي سان ڪندي آهي ۽ شايد اهڙن نوجوانن جي باري ۾ ئي ڪنهن چيو آهي تہ اهي پنهنجي جوان ۽ مضبوط جسم ۾ ڪمزور ۽ نبل ذهن رکن ٿا. هڪ فرانسيسي ماهر پنهنجي تحقيق ۾ خودڪشي جي ٽن اهم قسمن تي گهڻو بحث ڪيو آهي.

1. خود پسنديءَ سان ڀرپور خودڪشي.
2. نااميدي جي عالم ۾ خودڪشي.
3. قربانيءَ جي جذبي سان سرشار خودڪشي.

جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ انهن ٽنهي قسمن مان ٻئي نمبر واريون خودڪشيون اسان وٽ عام آهن. هتي ماڻهو تمام گهڻو مايوس آهن. نااميدي ننهن کان چوٽيءَ تائين سندن رڳ رڳ ۾ رسيل آهي، مايوسي هنن جي هانءَ ۾ هتوڙا هڻي رهي آهي. هو بک، بيروزگاري، محبت جي اڻاٽ، احساس ڪمتري ۽ ٻين انيڪ مسئلن جي ڪري مونجهارن جو شڪار ٿي چڪا آهن. هاڻي صورتحال جو منڍ ڪٿان ڳولجي!؟ ان جي جواب جو پيرو ڪڍندي جڏهن اسين هينري شارٽ تائين پهچون ٿا تہ هو پنهنجي ڪتاب Suicide and Homicide ۾ هي نظريو اسان جي اکين آڏو آڻي ٿو تہ ”خودڪشيءَ جون اڪثر وارداتون انسان جي معاشرتي رابطن جي فقدان جي نتيجي ۾ منظر عام تي اچن ٿيون“ جڏهن تہ ان جي ابتڙ ميننگر پنهنجي ڪتاب Man against himself ۾ انسان جي جذباتي سوچن کي ئي مورد الزام قرار ڏئي ٿو ۽ معاشري کي ئي قصوروار ڪونہ ٿو سمجهي. هو ان ڳالهہ سان اتفاق ڪونہ ٿو ڪري تہ ماڻهن جي روين کي بيروني عنصر ئي ڪنٽرول ڪري سگهن ٿا. اهي پنهنجي اهميت ضرور جتائيندا آهن، پر فرد جون اندروني ڪيفيتون ۽ ذهني حالتون بہ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون، ۽ تباهيءَ جا جراثيم ماڻهوءَ منجهہ پهريان

ئي موجود هجن ٿا. عمرانيات جي ماهرن وري هڪ ٻيو نظريو سامهون آندو، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو تہ جڏهن ڪو شخص معاشرتي محاذ تي شڪست کائيندو آهي تہ سندس اندر اڌو اڌ ٿي پوندو آهي، هو زندگيءَ ڪان بَد دِل ٿي پوندو آهي ۽ اتي ئي سندس تربيت جو امتحان هوندو آهي، جيڪڏهن سندس تربيت ڪامل ٿيل هوندي تہ سندس اندروني جذباتي ڪشادگي پسند هوندا، جيڪي سندس سمورا سور اندر ۾ سانديي وٺندا ۽ پوءِ ڪجهہ ڏينهن بعد هو هڪ نئين جذبي سان زندگيءَ جو سفر شروع ڪندو. پر جيڪڏهن انسان جا اندروني جذبا تنگ هوندا، سورن کي اندر ۾ سمائي سگهڻ ڪان عاري هوندا ۽ انهن پيڙائن کي من جي پاتال ۾ پناهہ ڏئي نہ سگهندا تہ خودڪشي هنن لاءِ نجات جو اڪيلو رستو بڻجي پوندي.

انسان جو وڏو الميو ذهني اڪيلائي آهي، منع نامن جي مضبوط ڪڙن جو مجموعي بڻيل هيءَ زندگي هن کي اسيريءَ جو احساس لڳي ٿي. تڏهن خودڪشيءَ تي هو پنهنجو اختيار سمجهي ٿو، موت سان ملڻ لاءِ هن کي ڪنهن ڪان موڪل گهرڻي ڪونہ ٿي پئي، زندگي هن لاءِ اهڙي ڇيڳري ڇوڪري بڻجي وڃي ٿي، جيڪا مهذب پڻي ڪان بلڪل وانجهيل هجي ٿي ۽ خودڪشيءَ جو خيال هن لاءِ زندگيءَ ڪان پلئہ آجو ڪرائڻ جو اڪيلو آسرو بڻجي پئي ٿو ڇيڳري ڇوڪريءَ جهڙي زندگيءَ کي خوابن ۽ خيالن ڪان بہ خوبصورت بنائڻ جو آئيڊيل تصور اهو آهي تہ نسلن جي تربيت اهڙي ڪئي وڃي، جو سندن اندروني جذبا ڪشادگي پسند هجن، جيڪي زماني جي مڙني پيڙائن کي من جي پاتال ۾ غرق ڪري. نئين سر زندگيءَ جو سفر شروع ڪن. هڪ اهڙي زندگي، جيڪا ڪا قيد جي زنجير نہ پر محبوب جي مهڪندڙ زلف بڻجي وڃي، جنهن جي ڇانوَ ۾ ويهي ماڻهو صدين جا بہ ٿڪ لاهي سگهي. هڪ اهڙي زندگي جنهن ۾ پري پري تائين بہ خودڪشيءَ جي خيال جو واسو ئي نہ هجي.

# اڪيلائين جي آغوشي

اڄ وري اداسي اڻ مندائتي مينهن جيان هن جي من ڌرتيءَ تي وسي پئي هئي، جنهن سندس نيڻن کي بلڪل ئي آلو ڪري ڇڏيو هو ۽ سندس اها آلاڻ هن جي نظر واري چشمي تي بہ ماڪ ڦڙن جيان پئجي رهي هئي. هن پرس مان ٽشو پيپر ڪڍي اکين تان ڪاري فريم وارو چشمو لاٿو ۽ اگهڻ لڳي، تڏهن عينڪ کي اگهندي هن کي اهو منظر ياد اچي ويو، جڏهن هيءَ هن سان نئين نئين ملڻ لڳي هئي ۽ هن پنهنجي عينڪ جي شيشن کي بي قصور قرار ڏيندي ڪيس سعيد ميمڻ جو شعر ٻڌايو هو تہ:

منهنجي عينڪ جا شيشا نہ ديوار ها

تو اکين ۾ اچڻ ئي نہ چاهيو هو.

تڏهن هيءَ هن جي چشمي کي ڪٽي ڪڏهن ڪڏهن پائي ويهندي هئي، ڇو تہ هن کي خبر هئي تہ محبوب جي عادت کي اپنائڻ جو مزو ئي پنهنجو آهي، بلڪل ائين جيئن امرتا پريتم پنهنجي محبوب ساحر لڌيانويءَ جي پيتل سگريٽن جا ٽوٽا وڏي پيار سان سنڀالي رکندي هئي ۽ بعد ۾ انهن کي دکائي سوٽا هڻندي هئي، تيئن ئي هوءَ هن جي نظر جي عينڪ پائڻ لڳي تہ هن جون اکيون بہ خراب ٿي ويون ۽ هن وڏي خوشي سان ڊاڪٽر جي نسخي مطابق پنهنجي نمبر جو چشمو ورتو ۽ پوءِ ٻئي ڄڻا پنهنجن پنهنجن نمبرن جون عينڪون پائيندا هئا...!

هو جيڪو ڳالهين جو ڳهير هو، جنهن جي باري ۾ اهو مشهور هو تہ هن کي مايون موهڻ جو فن خوب ايندو آهي، هن کي اها ڌات آهي تہ هو عورت کي پنهنجو عاشق بڻائي ڇڏيندو هو، سو هيءَ بہ هن جي ديواني ٿي وئي، ۽ جڏهن هن جي ديوانگي ڏسي سهيليون هن کي منع ڪنديون هيون تہ ان لا ابالي طبيعت جي مالڪ نوجوان جي ڳالهين ۾ نہ اچ.

۽ پوءِ هي ٻئي هڪ ٿي ويا هئا. مگر ڪيسيتائين؟ هن جي هرجائي طبيعت هن وٽ گهڻو عرصو ٽڪاءُ ڪري نہ سگهي ۽ هو هن کان پري پري رهڻ لڳو ۽ هيءَ هر ممڪن طريقي سان ڪيس پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪرڻ جي جتن ۾

رهي، مگر ڪجهہ بہ نہ وريو. هو نيٺ هن کي ڇڏي ويو ۽ هوءَ ٽڙڻ جي مند ۾ ڇڻي وئي هئي.

هن جي حاصلات جو پاڇو تہ جيتوڻيڪ جلد لهي ويو ۽ هن عليحدگي کي دل سان قبولي زخمن تي وقت جو مرهم رکي ڇڏيو. مگر هن جو هرجائي پڻو تڪجي پيو تہ اڄ هُن ساڻس رابطو ڪري ٻيهر هڪ ٿيڻ جي آڇ ڪئي، مگر هيءَ هاڻ بدلجي چڪي هئي، جنهن عليحدگيءَ واري رات جڻ تہ رت جي ڳوڙهن سان پنهنجي ڊائري تي محمد علي پناڻ جو شعر لکيو هئائين تہ:

وري راتين جي خاموشي اسان جي ڀاڱ ۾ آئي،
اڪيلائين جي آغوشي اسان جي ڀاڱ ۾ آئي.

سو هي، هاڻي هن جي آغوش ۾ وڃڻ لاءِ بلڪل بہ تيار ڪونہ هئي، جنهن پنهنجو پراڻو طريقو استعمال ڪندي هن کي موهڻ لاءِ فون تي هينئر ڪيس شعر ٻڌايو هو تہ:

نہ گل کھلے نہ ان سے ملے نہ مئہ پی ہے،
عجیب رنگ میں اب کے بہار گذری ہے۔

هيءَ جنهن کي هاڻ من موهيندڙ ڳالهيون ڪندڙن کان چڻ تہ نفرت هئي، هن کي اهي سڀ لفظن جا جادوگر اندر جا دوغلا لڳا هئا. جيڪي جملا جوڙڻ تہ ڄاڻيندا آهن پر ناتو جوڙي پوءِ نڀائي نہ ڄاڻندا آهن، جيڪي جملا جوڙي ماڻهن کي موهي تہ وجهندا آهن مگر، انهن لفظن جو ڀرم رکي نہ سگهندا آهن.

اهڙي ئي لفظن جي جادوگر مٿان موهجي ۽ پوءِ ڇٽيل پن جيان گهلجندي هن پنهنجي جوانيءَ جا ڏهہ سال اڻ ڪيل ڏوهہ جي سزا ۾ گذاريا هئا. ۽ هاڻ جڏهن سندس گهاوَ ڀرجي چڪا هئا، تہ ڪيس گهايل ڪندڙ وري هن ڏانهن ورڻ لاءِ آتو هو. شايد هاڻي سندس پوئنر جهڙي طبيعت تڪجي هڪ ٿاڪ ڪرڻ تي مجبور ٿي پئي هئي، ۽ هُن ساڻس اڄ فون تي ڳالهايو هو. ڇو تہ هن کي اهو ئي احساس هو تہ هيءَ جا سندس جيون ساٿي رهي آ، ديواني رهي آ، عاشق رهي آ، ڪيس زندگيءَ جي هن شام واري پهر ۾ پنهنجو ڪندي؟ مگر هيءَ بہ عورت هئي، جيڪا محبت توڙي نفرت شدت سان ڪندي آهي. سو هيءَ ڪيئن پئي وساري سگهي، اهي اداس راتيون، اهي ڏنپ ڏيندڙ ڏينهن ۽ اهي اڪيليون

شامون، جن ۾ هن کي ڪنهن مضبوط سهاري جي ضرورت هئي، سو هيءَ جنهن کي هن جوانيءَ ۾ جيون ساٿيءَ واري جاءِ تان جلد اتاري ڇڏيو. سا هاڻي سندس نرس بڻجڻ لاءِ ڪيئن پئي تيار ٿي سگهي. پنهنجي محبوب کي در تان موٽائڻ ڪنهن قيامت جي منظر کان گهٽ نہ هوندو آهي، مگر هن ڪيس رکو جواب ڏئي فون بند ڪري ڇڏي هئي ۽ تيز آواز ۾ ٽيپ رڪارڊ هلائي رهئي پئي هئي، جيئن سندس اندر مان اٿندڙ سڏڪن جو آواز لتا جي اُن آلاپ ۾ وڃائجي وڃي تہ:

کہاں تھے آپ زمانے کے بعد آئے ہیں،
میرے شباب کے جانے کے بعد آئے ہیں۔

# سونهن: جيڪا پنهنجي بہ سچڻ ناهي

جدائي جڏهن ماڻهوءَ جي جيون ۾ لکي ايندي اهي، تڏهن ان جا نيڻ نند ديويءَ کي طلاق ڏئي ڇڏيندا آهن ۽ هو راتين جو رولاڪ ٿي پوندو آهي. هو جيڪو جڏهن پنهنجي پرين جي وارن جي ڇانوَ ۾ ويٺل هوندو آهي، تڏهن سندس چپن تي ساغر صديقيءَ جو هي شعر ڪنهن نرتڪيءَ جيان نچڻ لڳندو آهي تہ:

زلف آواره گريبان چاک گھبرائی نظر،
ان دنوں یہ ہے جہاں میں زندگانی کا نظام۔

پر جڏهن هو هيڪلو ٿي پوندو آهي، تڏهن ڪيس زندگيءَ جو نظام بدليل ياسندو آهي. زماني جون گردشون جڏهن سندس وجود کي وڻ ويڙهيءَ جيان وڪوڙي ويندڀون آهن، تڏهن بہ هو انهن زلفن جي ان ڇانوريءَ کي ڪن پل لاءِ وساري ڪونہ سگهندو آهي، ۽ ان عالم ۾ بہ سندس اندر مان اهي ٽي الاپ ايندا آهن تہ:

جب کبھی گردش تقدیر نے گھیرا ہمیں
گیسوئے یار کی الجھن کو بہت یاد کیا۔

ڇا واقعي پرين جي وينگس وارن جي ڇانوَ ۾ ايتري ڇڪ آهي جو مرزا غالب جهڙي مغرور مزاج شاعر کي بہ اهو اعتراف ڪرڻو پوي ٿو تہ:

نیند اس کی دماغ اس کا راتیں اس کی ہیں
تیری زلفیں جس کے شانوں پر پریشان ہو گئیں

۽ ماڻهوءَ جي ماندي من تان، سندس ترسيل تن تان جڏهن اهو ڇانورو هٽي وڃي ٿو، تڏهن سندس قدم آوارگي ڪرڻ لڳن ٿا، ۽ هو انهن يادن کي ڪنهن صحيفي جيان سيني سان لڳائي ڦرندو آهي.

میں تیری یاد کو یوں دل میں لئے پھرتا ہوں،
جیسے فرہاد نے سینے سے لگائے پتھر۔

هوءَ بہ پنهنجي واسينگ وارن جي ڪري وڏيڪ وٽندڙ تي پئي هئي، هوءَ جنهن جي وارن تان جوان وري وري صدقي پيا ويندا هئا، تنهن وٽ نيڪ شاديءَ جي هڪ سال اندر اهي وار ئي نہ رهيا هئا، اهي وار جن تي ڪيس ناز هو، اهي سندس ڪند ذهن ۽ شڪي مزاج مڙس وڏي بيدرديءَ سان ڪوڙي ڇڏيا هئا، اها خبر جيئن تہ اخبارن جي عقابي اکين کان اوجهل رهي هئي، پر هن جي دل جي دنيا ۾ ڄڻ قيامت اچي وئي هئي ۽ هوءَ دل کولي روئي پئي هئي. ڇا تي پيو جو هن وٽ وڏا وار هئا؟ ڇا تي پيو جو هن جي وارن تي ماڻهو جان واريندا هئا؟

خوبصورتي پوءِ اها ادائن جي هجي، جسماني هجي، يا احساسن جي هجي. اها ڄڻ تہ خود پنهنجي دشمن تي پوي ٿي. مون الائي تہ ڪيترا اهڙا مثال ڏٺا آهن جو سونهن خود پنهنجي ويري تي پوندي آهي. هن جي وارن جي انفراديت بہ هن جي ويري ٿي پئي هئي، اهي وار، اهي زلف جن کي ساغر صديقيءَ جهڙي درويش صفت شاعر بہ وري وري شاعريءَ ۾ سجايو آهي تہ:

کہو یہ کالی گھٹاؤں سے جھوم کر آئیں
کسی کے شانوں پہ زلفِ حسیں بکھرتی ہے

انهن وارن جو وڇڻ تي رڳو هوءَ ئي ڪونہ رُني هوندي، پر هر اها اک آلي ٿي هوندي، جن جي جماليات حس جاڳندي آهي، جيڪي هر شيءِ ۾ حسن جو پهلو تلاش ڪري وٺندا آهن. انهن جي اکين بہ آب وسايو هوندو تہ هڪ سونهن جي دشمن ڪهڙو قهر ڪيو آهي ۽ تڏهن انهن ئي وارن جي خاموش پر سچي عاشق سندس جدائيءَ ۾ جام جو سهارو ورتو هوندو ۽ انهن واسينگ وارن جي موت جو ٻڌي سندس ڏڪندڙ هٿن مان مڌ جو گلاس ڪري پيو هوندو ۽ هن جي چپن تي هي شعر اچي ويو هوندو تہ:

جام مے پینے سے پہلے میرا جی چاہتا ہے
بکھری زلفوں کی گھٹاؤں سے لپٹ کر رولوں

تڏهن هن کي ياد اچي ويا هوندا نديپڻ جا اهي ڏينهن، جڏهن هو ڪنهن ڳالهہ تي هن جا ڊگها وار پٽيندو هو تہ هوءَ ڪانئس ناراض ٿي ويندي هئي. تڏهن هوءَ هن لاءِ اجا وڌيڪ وٽندڙ ٿي پوندي هئي.

تڏهن پنهنجي نديپڻ جي دوست سان ٿيل اها وارن واري وارتا ياد ڪندي هن سوچيو هو تہ شايد اهو بهتر ٿيو جو هن جا وار خوبصورت هئا،جيڪي سندس

شڪي مزاج مڙس ڪٿي ڇڏيا، پر جيڪڏهن هن جون اڪيون سهٽيون هجن ها تہ شايد سندس شڪي مزاج سونهن جو دشمن مڙس سندس.....!! اهو سوچي هو ڏڪي ويو، هن جا هٿ پاڻمرادو سندس اکين ڏانهن کڄي ويا، جن مان ڳوڙها وهي رهيا هئا...!!!

# ماضي اسان جو مقروض آهي

برٽش ڊراما نگار "Jones Henry Arthur" اسٽيج جي دنيا ۾ وڏو نالو ڪمايو هو. خاص طور تي سندس شهره آفاق ڊرامي "The Silver King" ڪيس شهرت جي آسمان تي پهچائي ڇڏيو.

هينري آرٿر جونز بہ پنهنجي ماضيءَ جي ڪوهيڙي مان سندس سحر مان نڪري ڪونہ سگهيو هو.

هڪ ڏينهن ڊراما آڊيٽوريم ۾ هڪ ڪرسي تي ويٺي ويٺي هن هڪ اونهو حسرت ڀريل ساهہ ڪڍي مٿي نهار ڪندي خدا کي عرض ڪيو هو تہ:

"O God put back they universe and give me yesterday".

پر جڳ مشهور آمريڪي شاعر Carl Sandburg سندس ان دعا کي خام خيالي قرار ڏيندي مرڪي هي لفظ چيا هئا تہ:

"I tell you the past is a bucket of Ashes".

جڏهن تہ حال هڪ حقيقت آهي، تيئن ئي ماضي بہ هڪ معتبر ۽ مؤثر وجود رکي ٿو. اهو ڪائنات جو اصول آهي تہ مستقبل حال جو ويس ڍڪيندو رهي ٿو ۽ حال ماضيءَ جو صورت وٺندو رهي ٿو. ماڻهو ماضيءَ کي گذاري حال ۾ جيئڻ لڳندو آهي.

پر هر ماڻهو حال سان گڏ ڪونہ هلندو آهي. اهي پنهنجي پاڻ کي ماضيءَ جي وادين ۾ وساري ايندا آهن. وقت جي ويرن ۾ لڙهندي لمندي اهي زماني سان گڏ زمان حال ۾ اچي ويندا آهن. پر سندن گهڻو ڪجهہ پٺتي رهجي ويندو آهي. ڪجهہ يادون هونديون آهن، جيڪي هو سنڀالي پاڻ سان گڏ ڪڍي حال ۾ هليا ويندا آهن. اهڙيون املهہ يادون جن جي قيمت کي بيان ڪندي محسن نقوي چيو هو تہ:

"تمہاری یاد بھی محسن کسی مفلس کی پونجی ہے،
جسے ہم ساتھ رکھتے ہیں، جسے ہم روز گنتے ہیں۔"

ڪنهن بہ مفلس لاءِ اهي انمول يادون ئي وڏو سرمايو هونديون آهن. پر اصل ۾ انهن کي مفلس ڪيئن ٿو مڃي سگهجي، جن جي هڙ ۾ انمول يادن جا ياقوت هجن اهي ڀلا مفلس ڪيئن ٿا ٿي سگهن. جن جي يادن جي نصيب ۾

ناامیدي ناهي هوندي، يادن جا ياقوت سيني سان سانديي سنڀالي رکڻ وارا شاهوڪار هجن ٿا پر اها شاهوڪاري غير مشروط ناهي هوندي. ان جي عيوض ڳري قيمت ادا ڪرڻي پوندي آهي.

ماضي سان جيڪڏهن اسين ڪجهہ يادون پاڻ سان ڪٺي زندگي جي سفر ۾ اڳتي وڌندا آهيون تہ ان جي عيوض ماضي اسان کان ڪي املهہ ماڻڪ ماڻهو بہ ڦري وٺندو آهي ۽ انهن جي عيوض ئي يادون اسان جي جهوليءَ ۾ اڇلائيندو آهي، پر اهي يادون انهن ماڻهن جو ملهہ هرگز ناهن هونديون. اهو سراسر نقصان جو سودو هوندو آهي. هڪ اهڙو نقصان جنهن جو ازالو ممڪن ئي ناهي هوندو. ڪنهن شاعر چواڻي:

”جس کا ازالہ نہیں ممکن،
لوگ ایسے بھی ہم نے کھوئے ہیں۔“

ماضيءَ جي وادين ۾ اسين ڪوڙ سارا لمحا بہ وڃائي ايندا آهيون. اهي لمحا ڪڏهن بہ واپس وري ناهن سگهندا. بس انهن لمحن جي خوشبو هميشہ اسان سان گڏ هوندي آهي. جيئن ماضيءَ جا خوشگوار لمحا، خوشگوار يادون ڪنهن خوشبو جيان اسان جي وجود کي واسي رکنديون آهن، تيئن ماضيءَ جا ڪربناڪ پل اسان جي وجود کي چيندا رهندا آهن. جن جي ياد سان اسان جون اکيون آليون ٿي ويندیون آهن. چپن جي چائنٽ تان مرکن جا پوپٽ موڪلائي پري هليا ويندا آهن. اهڙن ئي دل آزاريندڙ لمحن جي ياد کي ذهن جي ڪينواس تان غائب ڪرڻ جي خيال سان ڪنهن شاعر اها دعا گهري هئي تہ:

”یادِ ماضی عذاب ہے یا رب،
چھین لے مجھ سے حافظہ میرا۔“

ڪڏهن ڪڏهن تہ ايئن بہ ٿيندو آهي تہ اسان اهو فيصلو ڪري ناهيون سگهندا تہ اسين پنهنجو پاڻ کي ماضيءَ جي وادين ۾ وساري ايندا آهيون يا ماضي اسان کي اسان کان ڦري وٺندو آهي.

ان هوندي بہ اسان ماضيءَ کي بهترين امين سمجهندي کيس گهڻو ڪجهہ ارپي ايندا آهيون، پر ماضي سنو امانتدار ثابت ناهي ٿيندو، هو اسان

جي اميدن تي پورو ناهي لهندو. هو اسان جون امانتون مڪمل طور تي اسان جي حوالي ناهي ڪندو. پوءِ پوري زندگي اسان ماضيءَ کان امانتن جي واپسيءَ جي تقاضا ڪندا رهندا آهيون. تڏهن ماضي اسان کي ڪنهن مفڪر جي لفظن ۾ ڪتو جواب ڏيندو آهي تہ:

"Yesterday is history, tomorrow is mystery, today is gift of God".

اسان جو مقروض ماضي سج لٿي جو عڪس بڻجي ويل عورت کي سندس ڦوهہ جواني واري اها سونهن، اها دلڪشي موٽائي ڏئي نہ سگهندو آهي. جنهن جي سگهہ سان اها عورت پنهنجي دور جا مير ماري چڪي هوندي آهي. نہ ئي ماضي سندس چنبيلي جهڙن چپڙن تي موٽئي جهڙي مرڪ موٽائي ڏئي سگهندو آهي. نہ ئي سندس نيڻن جي اها ندي پيهر ٺمٺار ٿي سگهندي آهي، جنهن ۾ جهاتي پائڻ سان ئي ماهر تيراڪ بہ ٻڏي مرندا هئا. نہ ئي ماضي وٽ اهڙا وسيلا موجود هوندا آهن جو هو سندس جسم جي اها بيهڪ واپس ورائي سگهي جنهن جي چڪ سان آسمان جا ستارا بہ هيٺ لهي اچڻ لاءِ آتا ٿي پوندا هئا، ۽ احمد فراز جهڙو شاعر هي سٽون سرجڻ تي مجبور ٿي پوندو هو تہ:

"سنا ہے اس کے بدن کی تراش ایسی ہے،

کہ ستارے بام فلک سے اتر کے دیکھتے ہیں۔"

سندس اهي ڏکيا ڪارا وار بہ ماضي موٽائي ڏئي سگهڻ کان لاچار هوندو آهي. جن جي ورن وڪڙن ۾ ڪيترائي رهبر بہ رستو ڀلجي.

"ناں خدا ہی ملا نا وصال " جي تصوير بڻجي ويندا آهن. تڏهن ماضيءَ کان ڪنهن بہ قرض جي واپسيءَ جي طلبي جي تمنا رکڻ ڪنهن ديواني جي خواب جيان آهي. ڇو تہ ڪائنات جي نظام ۾ ان جي ڪابہ گنجائش موجود ڪونهي. ماضي فقط خاڪ جو هڪ ڍير آهي. هڪ اهڙو خاڪ جو ڍير جنهن کي جيترو بہ ڪوٽجي پر سواءِ خاڪ جي ڪجهہ بہ هٿ ناهي ايندو.

جيڪي ماڻهو مڪمل طور تي ماضيءَ ۾ رهجي ويندا آهن. جن جو جسم تہ حال جو حصو هوندو آهي. پر سندن روح ماضيءَ جي وادين منجهہ رولاڪيون ڪندو رهندو آهي، سي بہ ماضيءَ کان ڪا وصولي ڪري ناهن سگهندا. تڏهن

اسان پاڻ ئي پنهنجي دل کي هن دليل جي رانديڪي سان ريجهائيندي حال تي قناعت ڪرڻ جي نصيحت ڪندا آهيون تہ:

"Live for today, not tomorrow get up,
get up and start living."

# ٻڙ جي ڇانوَ جهڙا وجود

جيتوڻيڪ وقت جي پنهنجي هڪ مقرر ڪيل رفتار آهي ۽ هو ازل کان ان ئي رفتار سان گذرندو رهي ٿو. بس اهي انسان جا پنهنجا احساس ئي هوندا آهن جنهن پٽاندڙ هن کي ڪڏهن وقت پر لڳائي تيز رفتار سان اڏامندي محسوس ٿيندو آهي ته ڪڏهن وري وقت هڪ هنڌ ڄمي بيٺل نظر ايندو آهي. جيئن ڪنهن دانشور ڏاڍي پر مغز ڳالهه ڪئي هئي ته:

"In youth the days are short, and the years are long. In old age the years are short and the days long".

"جواني ۾ ڏينهن ننڍا ۽ سال وڏا ٿيندا آهن. جڏهن ته پيريءَ ۾ سال ننڍا ۽ ڏينهن ڊگها ٿي وڃن ٿا".

سچ آهي ته پيرسني انسان جي عمر جو اهو حصو هجي ٿي جنهن ۾ وقت جمود جو شڪار ٿي پوندو آهي. جنهن ۾ وقت گذري به ناهي گذرندو. جيتوڻيڪ عمر جي گذري ويل ڪجھ حصي جيان هن حصي ۾ به سالن جو سَڳو سرندو رهندو آهي، وقت جو ڦيٿو ڦرندو رهندو آهي، گھڙيءَ جو گھوڙو ڊوڙندو رهندو آهي. پر پوءِ به وقت ان ڪري بيٺل پاسندو آهي جو ان عمر ۾ ڪو ڪن ڏئي ٻڌڻ وارو ڪونه هوندو آهي. جيءُ ڪرڻ وارو ڪير به نه پر جهٽڪ ڏيڻ وارا گهڻا هوندا آهن. عمر وڌي ويندي آهي پر اهميت گهٽجي ويندي آهي. توجه ڏيڻ وارا گهٽ هوندا آهن، پر تنگ هرڪو اچي ويندو آهي.

اهي پيرسن جيڪي پنهنجي گهر ۽ ٻار وارا هجن ٿا انهن جي حيثيت گهر ۾ رکيل هڪ Extra کان وڌيڪ نه ٿي هجي. اهي پيرسن جيڪي لاوارث هجن ٿا، سي دنيا کي هڪ راهگذر سمجهي مجيد امجد جي هن شعر جا غماز بڻجي، هڪ سرد آه هڪ سڏڪو بڻجي وڃن ٿا ته:

"میں روز یہاں سے گذرتا ہوں کون دیکھتا ہے
میں کل جب یہاں سے نہ گذروں گا کون دیکھے گا۔"

پيرسن ماڻهن کي پينشن جيان زندگي به اڌ ۽ اڻ مڪمل ملي ٿي. جنهن مان ڪيترين ئي مراعاتن جي ڪٽوتي ڪري باقي بچيل ساهه پينشن طور ڪيس ملن ٿا. پيرسني انسان جي زندگيءَ جو اهو حصو آهي، جنهن ۾ زندگي

چڙ تہ بريڪ هٽي بيهي رهندي آهي. جيتوڻيڪ اسان وٽ Old Houses جو رواج مغرب جيان اڃا عام ڪونہ ٿيو آهي، پر ان هوندي بہ هتي پوڙها پيءُ ماءُ ۽ پيرسن ماڻهو هڪ بار سمجهيا وڃن ٿا.

اشفاق احمد هڪ هنڌ لکيو هو تہ ”مون هن کان پڇيو تہ جواني پهلي آهي يا پيري؟“ هن چيو، ”جوانن لاءِ پيري ۽ پوڙهن لاءِ جواني پهلا آهي.“ مون چيو ”اهو وري ڪيئن؟“

هن وراڻيو، ”پوڙها جيڪڏهن جوان ٿي وڃن تہ هو پنهنجون پهريون واريون غلطيون نہ ورجائين ۽ جوان جيڪڏهن پوڙهن کي تجربي طور وٺن تہ انهن جي جواني بي داغ ۽ بي عيب گذري.“

اها حقيقت آهي تہ پيرسن ماڻهن جا وار اُس ۾ اڇا ڪيل ناهن هوندا. هنن جي اڇن وارن، چهري جي گهنجن ۽ ڏڪندڙ هٿن پٺيان هڪ دور جو درس هوندو آهي. جنهن منجهان نئون نسل چاهي تہ گهڻو ڪجهہ پرائي سگهي ٿو. اهي پيرسن، اها عمر جنهن جي تقدس، ادب ۽ احترام ۾ ”JosephCampbell“ چيو هو تہ:

“As a white candle in a holy place so is the beauty of an aged face”.

مون هڪ هندي نظم پڙهيو هو تہ هڪ گهر ۾ هڪ پوڙهي ماءُ ۽ سندس نوجوان پٽ ويٺا هئا. سامهون پٽ تي هڪ ڪانءَ بہ ويٺو هو. ماءُ پنهنجي پٽ کان پڇيو ”پٽ! هي ڇا آهي؟ “پٽ ڪيس وراڻيو، ”امان هي ڪانءُ آهي“.

ڪجهہ دير ڪانپوءِ وري ماءُ پڇيس، ”ابا هي ڇا آهي؟“

پٽ جواب ڏنس ”امان هي ڪانءُ آهي.“

ٽيون ڀيرو وري ماءُ پڇيس، ”پٽ هي ڇا آهي؟“

پٽ وراڻيو، ”امان هي ڪانءُ آهي؟“

جڏهن ماءُ چوٿون دفعو پڇيس تہ پٽ ڪاوڙ ۾ ڪيس ڇڙٻ ڏيندي چيو، ”ڪيترا دفعا ٻڌايو اٿمانءِ تہ هي ڪانءُ آهي.“

ماءُ مرڪي چيس، ”پٽ جڏهن تون ننڍو هئين تڏهن هڪ پيري ائين ئي اچي ڪانءُ ويٺو هو ۽ تو مون کان چاليهہ پيرا پڇيو هو ۽ مان چاليهہ ئي پيرا تنهنجي پيشاني چمي توکي ٻڌايو هو تہ ”پٽ هي ڪانءُ آهي.“

اهي جيڪي اسان کي جيءَ چئي جواب ڏيندا آهن، تن کي پيريءَ ۾ موٽ ۾ جهٽڪ ئي ملي ٿي. پهرين آڪٽوبر تي پوري دنيا ۾ گڏيل طور تي ”International Day of Older Persons“ ملهايو ويندو آهي، تہ ڪو هڪ نہ پر ڪيترائي پيرسن پنهنجي زندگيءَ بابت هن شعر جيان ضرور سوچيندا هوندا تہ:

”دن کچھ ایسے گذارتا ہے کوئی
جیسے احسان اتارتا ہے کوئی۔“

انگريزيءَ جو هڪ نظم آهي ”خبطي پوڙهو“. جنهن ۾ هڪ اولڊ هائوس ۾ ترسيل هڪ پوڙهي هڪ نرس اڳو پنهنجي پيڙا ڪجهہ هن ريت بيان ڪئي هئي تہ:

”اي نرس! تون مون ڏانهن ڇا پئي ڏسين؟
تون ڇا پئي سوچين؟
هڪ خبطي پوڙهو جيڪو سياڻو ناهي
مان توکي ٻڌايان ٿو تہ مان ڪير آهيان
ڪڏهن مان بہ ننڍو ٻار هئس
جڏهن مان سورنهن سالن جو ٿيس
تہ مون کي پيار ٿي ويو
ويهن سالن ۾ مان گهوٽ بڻيس
چاليهن سالن جي عمر ۾
مان اولاد وارو ٿيس
جيڪا اولاد جوان ٿي مون کي ڇڏي وئي
هاڻي مان هڪ پوڙهو شخص آهيان
۽ فطرت ڏاڍي ظالم آهي
منهنجو جسم ڏڪندڙ آهي
دلڪشي ۽ طاقت موڪلائي وئي آهي

جنهن سيني ۾ ڪڏهن
دل ڌڙ ڪندي هئي
اتي هاڻي هڪ پٿر پيو آهي.“

پيري ٻڙ جي ڇانوَ جهڙي هوندي آهي. جيڪا اجا بہ وقت گذرڻ سان گڏ گهاٽي ٿيندي ويندي آهي. پراڻو وڻ ۽ پيرسن شخص جنهن بہ گهر ۾ هوندا آهن اهو گهر ڪڏهن بہ نہ تہ موسمن ۽ حالتن جي تپش ۾ تپندو آهي نہ ئي ڪڏهن هيڪلو ۽ هيڻو ٿيندو آهي. اهي پيلي ڪجهہ بہ نہ ڪن پر انهن جي موجودگيءَ ئي وڏي معنيٰ رکندي آهي. انهن جو وجود ئي هڪ وڏي وٿ هوندو آهي.

# وڏيل وڻ جو غم

هڪ انگريز شاعر ڪان جڏهن اهو روايتي سوال ڪيو ويو تہ توهان جي پسند جو نظم ڪهڙو آهي؟ تہ هن ڪجھ دير لاءِ پنهنجون اکيون پوري ڇڏيون. جڻ دل جي ڊائريءَ مان پنهنجي پسند جا پنا اٿلائي رهيو هجي ۽ ڪجھ گهڙين جي سانت بعد هن جيڪو جواب ڏنو، اهو بلڪل بہ روايتي نہ هو. هن چيو:

I think that I shall never see
A poem lovely as a tree
Poems are made by fools like me
But only God can make a tree

جيتوڻيڪ سچ هوئڻ ئي سندر هجي ٿو، پر هن شاعر جو چيل سچ تہ سڀ ڪان سهڻو آهي، جو هن ڪهڙي تہ ڪمال سان خدا جي ڪاريگريءَ کي ساراهيو آهي. واقعي بہ ڪائنات جا سمورا نظارا، جبلن، دريائن ڪان ويندي وڻن، ٻوٽن تائين اهڙا بہ عظيم شاهڪار آهن، جن جو ڪو بہ بدل ڪونهي. دراصل فطرت اهو ڪتاب آهي، جنهن جي مصنف خود قدرت آهي ۽ اهي نظارا ان ڪتاب ۾ شامل سندس اهڙا تہ لاجواب ۽ بي مثال نظم آهن، جيڪي صرف ۽ صرف هو پاڻ ئي سرجي سگهي ٿي.

انسانن جي شاعريءَ تي ٽيڪا ٽپڻي يعني وڍ ڪَٽ تہ هوئڻ ئي هڪ ادبي عادت رهي آهي، جنهن کي ادبي زبان ۾ ”تنقيد نگاري“ ڪوٺجي ٿو. جنهن مطابق تخليقڪار جي اوجاڳن سان اٽيل ادبي پورهئي کي تنقيد نگار هڪ پل ۾ رد ڪري ڇڏيندا آهن. اهائي تنقيد نگاري يعني وڍ ڪَٽ اهڙي شاهڪار شاعريءَ سان بہ ٿئي ٿي، پلا وڻن کي وڍڻ وارا انهن پيارين نظمن جا نقاد ناهن تہ ٻيو ڇا آهن؟!

سموري دنيا اندر قدرت جي انهن شاهپارن کي ڪاٽن ڪهاڙن ڪان بچائڻ لاءِ اپاءُ ورتا پيا وڃن ۽ اهو سلسلو پياري پاڪستان ۾ بہ جاري آهي. ٿورڙا ئي ڏينهن ٿيندا جو لاڙڪاڻي جي ڪجھ نوجوانن ”ارٿ لورس“ نالي هڪ تنظيم جو بنياد وڌو، جنهن جو مقصد بہ ماحوليات جو تحفظ يعني ڌرتيءَ کي وڻن، ٽڻن سان ٽمٽار ڪرڻ هو ۽ ان لاءِ هنن عملي طور تي مختلف هنڌن تي

ڪافي نوان ٻوٽا بہ لڳايا پر انهن ئي ڏينهن ۾ لاڙڪاڻو انتظاميا بہ پنهنجو پاڻ ملهايو ۽ جناح باغ جي سامهون مصروف ترين چوڪ تي راهگيرن جي لاءِ ڇپر ڇانوَ بڻيل قديم نم جي وڻ کي اهو چئي وڍي ڇڏيو تہ هي وڻ روڊ جي رونق ۾ رڪاوٽ آهي ۽ تمام افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ ان سنگين ڪارروائي جو ڪنهن بہ ذري برابر بہ نوٽيس نہ ورتو. نہ مقتول وڻ جي سامهون روزانو ڪنهن نہ ڪنهن اهم يا غير اهم معاملي تي بک هڙتالون ڪندڙن ڪو احتجاج ڪيو ۽ نہ ئي تازو ماحوليات جي تحفظ لاءِ جڙيل مذڪوره تنظيم ئي ڪو احتجاج رڪارڊ ڪرايو.

ڪنهن مفڪر کهڙي نہ سهڻي سٽ سرجي آهي تہ ”ڪو بہ وڻ پنهنجي ميوي منجهان سڃاتو ويندو آهي.“ ان حوالي سان هي مقتول نم جو وڻ جيتوڻيڪ انساني پيٽ جي دوزخ کي ڀرڻ لاءِ ڪو مٺو ميوو تہ نہ ڏيندو هو پر سندس گهاٽين ٽارين مان ڇڻندڙ ڇانوَ لاڙڪاڻي جي لڳ ساڙيندڙ گرميءَ واري ماحول ۾ پگهر ۾ ٻڏل ماڻهن کي ڪجهہ گهڙيون سڪون ضرور مهيا ڪندي هئي ۽ آسمان مان ايندڙ گرم هوا جڏهن نم جي گهاٽن پنن سان ٽڪرائجي وڻ جي هيٺان بيٺلن / ويٺلن جي جسم کي ڇهندي هئي تہ ماڻهن جي ذهن ۾ اهو خيال ضرور ايندو هو تہ جديد دؤر جي سائنسدانن جي ذهن ۾ ايئر ڪنڊيشنر جو تصور پڪ سان نم جي وڻ هيٺان اهڙي ئي هوا جهٽڻ ڪان پوءِ آيو هوندو تہ ڪا اهڙي مشين ايجاد ڪجي، جيڪا ههڙي هانءُ ٺاريندڙ هوا ڏئي سگهي. نم جي وڻ جي اهڙي ئي خدمت تي مسز ايلسا قاضي هي امر نظم لکيو هو تہ:

> My lovely Neem
> scorching beam that intercepts sun
> Yet bears the heat all day
> refreshing spray without the rain
> woe always the wanderer thou charm
> With soothing shade

ڳالهہ هيءَ آهي تہ جڏهن پوري دنيا ۾ وڻڪاريءَ جي ضرورت تي ايترو زور ڏنو ٿو وڃي. هنڌ هنڌ نوان ٻوٽا لڳايا ٿا وڃن، اتي اهڙو قديم وڻ جيڪو سڄي چوڪ جي سونهن هجي، ڇپر ڇانوَ هجي، وڍڻ جو مقصد بہ اهو ئي ٿي

سگهي ٿو. جيڪو عام شهرين سمجهيو آهي تہ انتظاميا پاران اهو قتل رڳو وڻ جي اوٽ ۾ بيٺل ڪجهہ دڪانن جي Commercial Value وڌائڻ لاءِ ڪيو ويو.

وڻ تہ اسان سڀني جا محسن هجن ٿا. جيڪي بنا ڪنهن فرق جي، بنا ڪنهن چاهہ سچاڻ جي سڀني کي ... ڇانوَ پيش ڪندا آهن. وڻ اسان جا اهڙا تہ بي لوث خدمتگار هجن ٿا جو بنگال جي عظيم شاعر رابندر ناٿ هڪ دفعي چئي ڏنو هو تہ ”ميوي جي خدمت ڏاڍي قيمتي آهي ۽ گل جي خدمت خوشبودار، پر مان خدمت وڻ جي پنن جيان ڪرڻ چاهيان ٿو، جيڪي بنا ڪنهن لوڀ لالچ جي ٻين کي ڇانوَ پيش ڪري، پاڻ سج جي تپش ۾ سڙندا هئا.“

ان ڪري اهو اسان تي لازم ٿئي ٿو تہ وڻن کي وڍجندو ڏسي سرد مهريءَ جو مظاهرو نہ ڪريون. ائين ... اسان ان قتل جي ڏوهہ ۾ ڄڻ تہ برابر جا شريڪ بڻجون ٿا ۽ مسئلو هڪ وڻ جو ناهي مسئلو تہ مڙني جو آهي ۽ اها بقا جي جنگ اسان کي ئي وڙهڻي پوندي.

# زندگي ڇيڳري ڇوڪري ناهي

جڳ مشهور فرانسيسي سپهہ سالار نپولين بونا پارٽ جنهن جي ڪاتي ۾ ڪيترين ئي ڪامياب جنگيون آهن. ان ڪان جڏهن "زندگيءَ جي جنگ" يعني جيئڻ جا جتن ڪرڻ جي حوالي سان سوال ڪيو ويو تہ نپولين ڪرسيءَ ڪي ٽيڪ ڏئي ورائيو هو تہ:

"It is require more courage to suffer than to die".

پوءِ اهو مغربي معاشرو هجي يا مشرقي، سيني سماجن نپولين جي ڳالهہ کي صحيح ثابت پئي ڪيو آهي.

مرڻ ڪان وڌيڪ همت ۽ جرائت جيئڻ لاءِ ئي گهربل هجي ٿي.

پري وڃڻ جي ضرورت ناهي. اسان رڳو پنهنجي سنڌي سماج تي ئي نظر وجهون تہ محسوس ٿي ويندو تہ اسان زندگيءَ کي پرينءَ جا زلف نہ پر زندان جو زنجير بنائڻ ۾ ڪابہ ڪسر ڪونہ ڇڏي آهي. زندگي ساهہ منجهائيندڙ ڪال ڪوٺڙي بڻجي وئي آهي.

قديم زماني ۾ ائين هوندو هو تہ اهي پيرسن جيڪي اندلٿي رنگن سان تمتار زندگي گذاري چڪا هوندا هئا، هر خواب جي تعبير پسي چڪا هوندا هئا. اهي زندگي مان ڍاپجي ويندا هئا ۽ موت جو ٻئي ٻانهون کولي استقبال ڪرڻ جا تمنائي هوندا هئا، پر نوجوانن کي زندگيءَ سان پيار هوندو هو. هنن ۾ اڃا جيئڻ جي جوت هوندي هئي، پر هاڻي ائين ڇو ناهي هاڻي سنڌ جي جواني، اها بہ پڙهيل لکيل جواني زندگيءَ جي رنگن کي رد ڪري موت جو ڪارو اونداهو رنگ ڇو ٿي پهرڻ چاهي؟ هي خودڪشيون ايتريون عام ڇو ٿي ويون آهن؟

*"زندگی جب سمجھ میں آنے لگتی ہے*
*تو ختم ہونے لگتی ہے۔"*

ڪنهن ڏاهي چيو هو تہ "آتم هتيائون دراصل اڻ سڌي طرح ٿيندڙ قتل آهن." اسان جا رويا قاتل آهن، اسان جا قدر قاتل بڻجي ويا آهن. سماج جي

اهڙي ئي رويي تي دلبرداشتہ تي ساغر صديقي جهڙي درويش صفت شاعر بہ هي چئي ڏنو هو تہ:

”پھر نہ مانگیں گے زندگی یا رب
یہ گناہ ہم نے ایک بار کیا۔“

ڪنهن غريباڻي گهر ۾ ڪا ناري گهريلو پريشانين ڪان، روين ڪان تنگ اچي پڪي ۾ تنگجي پنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ٿي، ڪا شاگرداڻي، استادن، انتظاميہ جي روين ڪان دلبرداشتہ ٿي پنهنجون رڳون ڪٽي آپگهات جو عمل ڪري ٿي. ڪا ناري جيت مار دوا پي پنهنجو انت آڻي ٿي، ڪو نوجوان وچ چوڪ تي بيهي پاڻ تي پيٽرول هاري پاڻ کي باهہ ڏئي ٿو ڇڏي، ڪو شخص زندگيءَ جا سڀ دروازا بند ڏسي پستول لونڊڙي تي رکي ٽريگر دٻائي هڪ گولي سان ساهہ جي پکيءَ کي اڏائي ٿو ڇڏي... مطلب تہ خودڪشي ڪهڙي بہ طريقي سان ڪئي وڃي ٿي، سبب ان جو اسان جا رويا ئي هجن ٿا جن جي ڪري اهڙي دلفريب زندگي جو خاتمو ماڻهو پاڻ ئي آڻي ٿو ڇڏي. حسن درس لکيو هو تہ:

”زندگي پلي اهڙي، ٽُڪ تي رليءَ جهڙي
مان وڇايان تون نہ ويهين ڇو نہ پوءِ ويڙهي ڇڏيان.“

ٽُڪ جي رليءَ جهڙي سهڻي زندگيءَ تي جڏهن خوشيون نہ ٿيون اچي ويهن تڏهن ماڻهو مايوس ٿي اها رلي ويڙهي ڇڏي ٿو.

زخم جو ناسور ٿيڻ کان اڳ علاج ٿيڻ هاڻي انتهائي ضروري ٿي پيو آهي. اهي رويا، جيڪي اڄ تائين رڳو عام دنياوي وهنوار تي اثرانداز ٿي ماڻهو کي پاڻ مارڻ ت يمجبور ڪندا هئا، سي هاڻي درسگاهن ۾ داخل ٿي چڪا آهن، تن کي روڪڻ جي ضرورت اهي. اهڙي حڪمت عملي جوڙي تعليمي ادارن ۾ رائج ڪئي وڃي جيئن سنڌ جي نوجوان نسل کي زندگي ڪا ڇيگري ڇوڪري نہ پر پرستان جي پري لڳڻ لڳي، جنهن کي ماڻڻ لاءِ هر جتن ڪيو ويندو آهي. ان حوالي سان تعليمي ادارن ۾ نصاب طور نوجوانن کي هر حال ۾ هر ماحول ۾ جيئڻ ۽ مضبوط شخصيت بڻجڻ جي بہ تعليم ملڻ گهرجي،

جيئن ڪابہ صورتحال، ڪوبہ رويو، ڪوبہ جبر ڪابہ زيادتي هنن کي زندگيءَ
کان بيزار نہ ڪري سگهي.

”ہمارے لہجے میں توازن بڑی صعوبت کے بعد آیا
کئی مزاجوں کے دشت دیکھے،
کئی رویوں کی خاک چھانی۔“

سو اهي صعوبتون، اهي مصيبتون، اهي پريشانيون اسان جي زندگي ۾ اينديون آهن اسان کي زندگي سان روشناس ڪرائڻ لاءِ، انهن جي اچڻ سان اسان جي زندگيءَ ۾، طور طريقي ۾، لهجي ۾، رويي ۾ توازن پيدا ٿيڻ گهرجي، نہ کي توازن بگڙجڻ گهرجي.

# هڪ مهم جوءِ جي سفاڪي

جيتوڻيڪ دنيا ڪيس هڪ عظيم جهاز ران طور تسليم ڪري ٿي. هن جنهن جمهوريہ جينيوا ۾ جنم ورتو ۽ جمهوريہ جينيوا جو شهري هوندي بہ ڪيس اسپين جي ڪيٿولڪ بادشاهن جي خاص سرپرستي حاصل هئي جن جي سرپرستي ۾ هن بحريہ اوقيانوس جي پار چار بحري سفر مڪمل ڪيا. نئين دنيا ۾ نئين آبادين ۽ مهم جوئي لاءِ سندس ڪوششون ساراهہ جوڳيون آهن، هو هڪ ڪامياب ۽ جاڪوڙي سياح ضرور هيو پر سندس شخصيت ٻيو پاسو هڪ ظالم ۽ احسان فراموش شخص وارو هيو-جنهن جي ڪيترن ئي مثالن مان هڪ مثال هي بہ آهي تہ هو هڪ سفر تي پنهنجن ساٿين سميت نڪتل هيو تہ Bahamas جزيري ۾ پهچي جڏهن سندس بحري جهاز سان حادثو پيش آيو تہ اتان جي مقامي آبادي جا ماڻهو ترت بحري جهاز جي مسافرن جي مدد لاءِ پهچي ويا ۽ ڪيترن ئي ڪلاڪن جي محنت سان جهاز جي مسافرن توڙي سندن سامان کي بچائي ورتو. پر هن سندن احسان مند هئڻ بدران انهن محسنن کي غلام بنائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ چيو تہ انهن کي غلام بڻائي ڪائنن ڪوبہ ڪم وٺي سگهجي ٿو ڇو تہ هي اهڙا سادا ماڻهو آهن جيڪي ڪنهن بہ قسم جي مزاحمت نہ ٿا ڪري سگهن- ايتري قدر جو هن انهن کي آدم خور قرار ڏيندي سندن خلاف گهٽوئي زهر اوڳاڇيو.

اسپين جي هڪ بادشاهہ ۽ سندس راڻي کي سون جو خزانو ڏيڻ جو واعدو ڪري انهن اسپيني آقائن کي خوش ڪرڻ لاءِ هن سفاڪي جي تاريخ رقم ڪندي هزارين مقامي باشندن کان حياتيون کسي ورتيون.

اهو ڪرسٽوفر ڪولمبس هيو جنهن کي جيتوڻيڪ آمريڪا دريافت ڪندڙ مڃيو وڃي ٿو پر ان تي بہ تاريخ ۾ اختلاف موجود آهن جيڪو هڪ الڳ بحث آهي.

**

# تاثر : ايوب گُل

لاڙڪاڻي آئون زندگيءَ ۾ ڪي چار پنج دفعا ويو هوندس پر منهنجي يارن جي لسٽ ۾ گهڻائي لاڙڪاڻي وارن جي آهي! سڪندر عباسي به لاڙڪاڻي جو آهي پر هُن جي اتي ويٺي، شخصيت ۽ مزاج مان ڪير اهو اندازو نه لڳائي سگهندو! سندس مزاج جي نفاست ۽ نهٺائي اهڙي آهي جڻ لاڙ يا ٽر جو ڪو شاهه سائين جو حافظ هجي! هُو پنهنجي ذات ۽ تخليق ۾ بلڪل هڪجيترو سڀاجهو آهي! ڪي ٽي این ۾ اسڪرپٽ ايڊيٽر هئس تڏهن اسان جي ملاقات ٿي ۽ پهرين ملاقات ئي گهاٽي دوستي ۾ بدلجي وئي. جيڪو سڪندر عباسي جي مزاج جو ڪمال آهي جو مون جهڙي اڏنگي ماڻهو ڪي هڪ ئي ملاقات ۾ هُن پنهنجي دوستيءَ جي ڏنگ ۾ آٽي ڇڏيو! بهرحال انهي عرصي دوران مون کان ڪيئي ڀيرا ڪوتاهيون ٿيون هونديون پر هُن ڪڏهن منهن ۾ سَرُ ڪونه وڌو!

"ڪڏهن ڪوسا ڪين ٿيا ڏوراپو ڏيئي!<br>
ساڄن سيئي. ڏڪيم ڏول ڏِلايون"

سڪندر عباسي ڊراما نگار آهي. ڪهاڻيڪار، ڪالم نويس ۽ شاعر آهي. مون سندس ڊراما گهڻا پڙهيا آهن، جن جي هر ڪردار ۾ هُو هڪ مڪمل آرٽسٽ طور پاڻ شامل ملندو آهي. سندس شاعري ۾ گلزار واري نفاست آهي، ۽ سندس هر اخباري ڪالم نج احساساتي هوندو آهي، پر هِن ڪتاب ۾ شامل لکڻين ۾ مونکي هڪ ٻيو سڪندر عباسي مليو. جيڪو محقق به آهي. هُن کي پنهنجي ڌرتي سان جيترو عشق آهي ايترو ئي هُو پاڻ منهنجو محبوب آهي! مونکي يقين آهي ته هي ڪتاب جيتري محبت سان لکيو ويو آهي ان کان وڌيڪ محبت سان پڙهيو به ويندو!

ايوب گل<br>
سانگهڙ<br>
12.11.2020

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

